آخري نبي ﷺ جي

پياري سيرت

سنڌي



پيشڪش:
مجلس المدينة العلميه (دعوت اسلامي)
ترجمو:
ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي)

نوجوان نسل جي لاءِ

آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي

پياري سيرت

پيشڪش

مجلس المدينة العلمية

شعبه سيرتِ مصطفٰي

ترجمو

ٽرانسليشن ڊيپارٽمنٽ (دعوتِ اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

ڪتاب پڑھڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڑھڻ کان پھريان ھيٺ ڏنل دعا پڑھي ڇڏيو جيڪو ڪجھ پڑھندا ياد رھندو، دعا ھي آھي:

اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَا الْجَلَالِ وَالْاِكْرَام

ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنھنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا! (مستطرف ج 1 ص40 دار الفکر بیروت)

(نوٽ: اول آخر ھڪ ھڪ پيرو درود شريف پڑھي ڇڏيو)



طالب غم مدينہ بقيع و مغفرت

ڪتاب جو نالو: آخري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پياري سيرت

صفحا: 137

پھريون پيرو: ربيع الثاني 1443ھ نومبر 2021ع

تعداد: --------

مؤلف: محمد حامد سراج مدني عطاري

مترجم: مولاناشوڪت علي راھمون

چاپيندڙ: مڪتبة المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ بابُ المدينہ ڪراچي

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي ھجي يا صفحا گھٽ ھجن يا بائنڈنگ ۾ اڻگتي پوئتي ٿي ويا ھجن تہ مڪتبة المدينہ سان رابطو فرمايو.

تفصيلي فهرست

پيش لفظ (مهاڳ)	1	يمن جو سفر:	20
تصديق نامو	4	شام ملڪ جو پهريون تجارتي سفر:	20
پهريون باب رسول الله ﷺ جي ولادت		ٻيا تجارتي سفر :	21
درود شريف جي فضيلت	5	حلف الفضول ۾ شرڪت:	22
جاهليت جون تاريڪيون	5	چوٿون باب رسول الله ﷺ جي جواني	
ولادت مصطفيٰ جون بهارون	6	ٻيو سفر شام:	24
آمد مصطفيٰ ٿي روشن زمانو ٿي ويو	6	حضرت بيبي خديجة الڪبريٰ سان نڪاح:	25
نسبِ مصطفيٰ	8	ڪعبي جي تعمير ۾ ڪردار:	27
والدين مصطفيٰ:	8	هيستائين جو غير معمولي ڪردار:	29
ٻيو باب رسولَ الله ﷺ جو ننڍپڻ		پنجون باب وحيِ ۽ تبليغ اسلام جا مرحلا	
ڪير پيارڻ (رضاعت) جو بيان:	9	غار حرا ۾ عبادت:	31
ڪير پيارڻ جون برڪتون:	9	ابتداءِ وحيِ ۽ اعلانِ نبوّت:	31
ننڍپڻ جا واقعا ۽ برڪتون:	11	تبليغ اسلام جو آغاز ۽ پهريون مرحلو:	33
ننڍپڻ جون ڪجھ پياريون ادائون:	13	تبليغ اسلام جو ٻيو مرحلو:	34
وجود مصطفيٰ ﷺ جون برڪتون:	14	تبليغ اسلام جو ٽيون مرحلو:	35
ٻنو سعد ۾ قيام جي مدت ۽ واپسي:	15	ڇهون باب ڪافرن جا ظلم ۽ هجرتِ حبشہ	
ٽيون باب رسول الله ﷺ جي ڇوڪراڻي وهي		ڪافرن جو پاڻ تي ظلم ۽ ستم:	37
جبل ماءٔ جو وصال پُر ملال:	18	صحابہ ڪرام تي ڪافرن جا ظلم وستم:	38
والدين جي وصال کان پوءِ:	18	هجرتِ حبشہ:	39
رسول الله ﷺ جي ڇوڪراڻي وهي	19	ستون باب بائيڪاٹ ۽ عامُ الحُزن	

شعب ابي طالب جو محاصرو:	41	جنگ بدر ۾ ڪير ڪٽي مرندو؟	67
عامُ الحزن يعني غم جو سال:	42	غزوه بدر جو واقعو ۽ نتيجا:	67
اٺون باب : سفر طائف ۽ هجرتِ مدينہ		شهداءِ بدر:	68
سفر طائف جا واقعا:	44	قيدين جو انجام:	68
سپ کان سخت ڏينهن:	46	غزوه احد جا سبب ۽ لشڪرن جو تعداد:	69
جنن جو اسلام قبول ڪرڻ:	47	ٻئي لشڪر ڏُوبَدو:	71
مديني شريف ۾ اسلام جي روشني:	47	جنگ جو ميدان:	71
بيعتِ عقبہ اولىٰ:	48	غزوه احد جا ڪجهه واقعا:	72
بيعتِ عقبہ ثانيہ:	50	واقعہ رجيع:	72
هجرتِ مدينہ	50	واقعہ بئر معونہ:	73
ڪافرن جي گڏجاڻي:	52	غزوه بنو نضير:	74
هجرتِ مصطفيٰ:	52	غزوه بنو مصطلق ۽ واقعہ افڪ:	75
نائون باب : هجرت کان وٺي صلح حديبيہ تائين		غزوه خندق ۽ ان جو سبب:	76
مدني سردار مديني ۾	54	غزوه بني قريظہ:	78
مسجد قبا جي تعمير ۽ جمعي جي شروعات	55	عمري جوارادو ۽ عجيب معجزو:	79
مديني شريف ۾ قيام:	56	بيعت الرضوان:	81
مسجد نبوي جي تعمير:	57	صلح حديبيہ ۽ ان جا ڪارڻ:	82
انصار ۽ مهاجر ياءِ ياءِ:	59	**باب ڏهون حديبيہ کان پوءِ رحلت شريف تائين**	
قبلي جي تبديلي:	59	بادشاهن ڏانهن اسلام جي دعوت:	83
ڪافرن جون سازشون ۽ مسلمانن جون تدبيرون:	61	غزوه خيبر ۽ ان جا سبب:	85
غَزوه ۽ سَريّہ جو فرق:	63	عمرة القضا جي ادائيگي:	87
غزوه بدر جا سبب:	63	غزوه موتہ جا سبب :	88

غزوهِ موتہ:	89	پسنديده (وٹندڙ) غذائون:	111
فتح مڪ جا سبب:	91	پسنديده لباس:	112
رسول خدا جو مڪي ۾ داخل ٿيڻ:	93	مبارڪ سواريون:	112
رسولِ خدا جو ڪرم پريو سلوڪ:	94	عادتون ۽ اخلاق مبارڪ:	113
غزوهِ حنين:	95	فضيلتون ۽ خصوصيتون:	114
غزوهِ تبوڪ:	96	قرآني آيتون ۽ شان مصطفيٰ:	116
صديق اڪبر بطور امير حج:	98	بارگاهِ رسالت ۾ حاضر ٿي گناهن جي معافي گهرڻ جو حڪم:	116
وفدن جي آمد:	99	آمد مصطفيٰ جي خوشخبري ۽ ان تي ايمان آڻڻ جو حڪم:	116
ڪثرت سان وفدن جي اچڻ جو ڪارڻ:	100	نبي ڪريم ﷺ جي شان ۽ عظمت جو بيان:	117
وفدِ ڪندهہ:	101	رسول ڪريم ﷺ جا اوصاف ۽ امت تي شفقت جو بيان:	117
وفد فزارهہ:	101	نبي ڪريم ﷺ جي مسجد حرام کان مسجد اقصيٰ تائين معراج جو بيان:	118
وفد قبيلہ سعد بن بڪر:	102	نبي عَلَيْهِ السَّلَام جي شان رحمت جو بيان:	118
الوداعي حج (حجة الوداع)	103	نبي عَلَيْهِ السَّلَام جي رسالتِ عامہ جو بيان:	118
الوداعي خطبو	104	الله پاڪ ۽ فرشتن جو نبي عَلَيْهِ السَّلَام تي درود ۽ مسلمانن کي درود وسلام جو حڪم:	119
الوداعي خطبي جون بهارون:	105	رسول ڪريم ﷺ جي شان ۽ عظمت جو بيان:	119
موءِ مبارڪ (وارن مبارڪ) جي تقسيم:	106	قسمن سان گڏ پاڻ سڳورن ﷺ جي شان جو بيان:	119
مرض وفات ۽ رحلت شريف:	107	رسول ڪريم ﷺ تي انعام الٰهي جو بيان:	120
يارهون باب شمائل ۽ فضائل جو بيان		پاڻ ﷺ کي ڪوثر عطا ٿيڻ جو بيان:	120
حليو مبارڪ:	109	شان مصطفيٰ حديثن جي روشني ۾:	120

تمام بني آدم (انسانن) جا سردار:	120	امهات المؤمنين	127
مصطفيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جون پنج خصوصيتون:	121	اولاد اطهار	128
اوّل الانبياء:	121	رسول الله ﷺ جا غزوات ۽ سرايا	128
شان مصطفيٰ بزبان عمر رَضِیَ اللهُ عَنْهُ:	122	رسول الله ﷺ جي عمومي استعمال جون ڪجھ شيون:	130
بارهون باب: خاندان مصطفيٰ ۽ سندن واسطيدار		رسول الله ﷺ جون سواريون:	131
خاندان مصطفيٰ	125	تيرهون باب حياتِ مصطفيٰ ڪ نظر ۾	
رسول الله ﷺ جا رضاعي (ڌڻ شريڪ) مائٽ	126	مآخذ و مراجع	135

پيش لفظ (مهاڳ)

الله جا آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تاريخ انساني جا سڀ کان جامع ۽ اڪمل انسان آهن، اعليٰ انسانيت جا تمام پهلو سندن زندگي ۾ پنهنجي تمام تر ڪمال سان گڏ جمع آهن پاڻ نبي ۽ رسول هجڻ سان گڏوگڏ داعي (نيڪيءَ جي دعوت ڏيندڙ) مصلح (اصلاح ڪندڙ) مُدبر (دانش مند) قائد (Leader)، خطيب، امير رياست، مُربّي (تربيت ڪرڻ وارا ۽ پشت پناه) ،منصف، استاذ، مرشد (رهنمائي ڪرڻ وارا)، الغرض! زندگي ۽ معاشري جي هر پهلو جي اعتبار سان رهنما آهن، اهو ئي سبب آهي جو پاڻ جي حيات طيبه ۾ انسانيت جي هر پهلو جي اعتبار سان مڪمل رهنمائي موجود آهي- سيرت طيبه جي انهيءَ اهميت ۽ ضرورت جي پيشِ نظر دعوت اسلامي جي مرڪزي مجلس شوريٰ جي نگران حضرت مولانا حاجي محمد عمران عطاري صاحب جن اداري تصنيف و تاليف المدينة العلميه (Islamic Research center) سان هن خواهش جو اظهار فرمايو ته الله جي آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مقدس سيرت تي هڪ اهڙو مختصر ڪتاب ترتيب ڏنو وڃي جيڪو آسان زبان ۽ بيان تي مشتمل هجي، ته جيئن عوام الناس بالخصوص پارن ۽ نوجوان نسل (اسڪولز، ڪالج جي شاگردن) جي لاءِ هن جو پڙهڻ آسان ٿئي، پاڻ سيرت طيبه جي ابتدائي ڪجهه صفحن تي ڪم ڪري هن عظيم ڪم جو آغاز فرمايو ۽ پوءِ تڪميل جي لاءِ المدينةُ العِلمية جي حوالي ڪري ڇڏيائين، عجب اتفاق آهي ته نگران شوريٰ جي خواهش کان ڪجهه ڏينهن اڳ نگران المدينة العلمية، رڪن شوريٰ مولانا محمد شاهد عطاري مدني صاحب نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سيرت طيبه تي جديد تقاضن جي مطابق ڪم ڪرڻ جي لاءِ المدينة العلمية ۾ "شعبه

سيرت مصطفيٰ“ قائم فرمايو، رڪن شوريٰ جي شفقتن جي بدولت سعادتن پريو هي عظيم ڪم انهي شعبي جي حصي ۾ آيو ۽ مختصر مدت ۾ هن مختصر ڪتاب کي مرتب ڪيو ويو، تنهن تي مولانا محمد حامد سراج مدني عطاري صاحب (ذميوار شعبہ سيرت مصطفيٰ) جن ڪم ڪرڻ جي سعادت ماڻي، جڏهن ته ماهنامہ فيضانِ مدينہ جي نائب ايڈيٽر مولانا محمد راشد علي مدني عطاري صاحب ۽ مولانا محمد جان مدني عطاري صاحب (معاون، شعبہ سيرت مصطفيٰ) جن چگو تعاون فرمايو، ڪم جي تفصيل هن ريت آهي:

اوّلاً. نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي حيات طيّبہ کي هڪ تسلسل سان گڏ تحرير ڪيو ويو، قارئين جي آساني جي لاءِ حيات طيبہ کي مختلف حصن ۾ تقسيم ڪرڻ کان بعد ۾ ابواب بندي ۾ ڪئي ويئي آهي، ان کان پوءِ مڪمل مواد جي تخريج و تفتيش ۽ تقابل ڪيو ويو آهي، ڪتاب کي آسان کان آسان تر بنائڻ جي لاءِ آسان ۽ سادا الفاظ ۽ جملا استعمال ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي آهي، ڪتاب فائنل ٽيڊ کان پوءِ هن جو مسودو هڪ عام شخص کان پڙهايو ويو، انهن کي مشڪل لڳڻ وارا سئو کان وڌيڪ الفاظ ۽ ۾ درجن کان وڌيڪ جملا آسان لفظن ۾ تبديل ڪيا ويا.

سيرت طيّبہ کي 63 يا 92 صفحن تي ترتيب ڏيڻ جو ذهن هو، ايئن اختصار کي پيش نظر رکندي سيرت طيّبہ جي ڪيئي واقعن جو خلاصو ڏنو ويو آهي، تفصيل جي لاءِ مکتبة المدينة جا ۾ ڪتاب ”سيرت مصطفيٰ، سيرت رسول عربي“ ملاحظو فرمايو. سيرت طيّبہ جي بابت تاريخي هنڌن جي جديد معلومات ((يعني محلِ وقوع، مڪي يا مدينة کان مسافت (يعني پنڌ)، بائي رود فاصلو، موسم، موجوده نالا وغيره) پيش ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي وئي آهي.

(هي معلومات ويب سائٽن ۽ بعض عربي كتابن مان ورتل آهن) قرآن پاڪ جي تمام آيتن كي قرآني رسم الخط (اكرن) ۾ لكڻ سان گڏوگڏ هنن جو مكمل حوالو به ڏنو ويو آهي، اكثر جڳهن تي مكتبة المدينة جي شايع كيل اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي ترجمي كنزالايمان ۽ كجهه جاين تي حضرت مفتي محمد قاسم عطاري صاحب جي ترجمي كنزالعرفان كي ذكر كيو ويو آهي. مختلف مقامات جون تصويرون ۽ بعض غزون جا نقشا به شامل كيا ويا آهن. شمائل ۽ خصائل(يعني عادتون) سيرت طيّبه جو سنهري باب آهي ۽ هڪ مسلمان جي لاءِ قابل عمل نمونو. ايئن كجهه شمائل ۽ خصائل به كتاب ۾ شامل آهن. اهڙي طرح كتاب جي آخر ۾ شان مصطفي تي كجهه آيتن ۽ حديثن سميت رسول كريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي استعمال ۾ رهندڙ شين جي باري ۾ معلومات به شامل آهن. نبي كريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پوري زندگي مبارك اجمالي طور تي كتاب جي آخر ۾ بعنوان "حيات مصطفيٰ هڪ نظر ۾" درج آهي. كتاب ۾ شرعي غلطي نه هجي، ان كري دارالافتاء اهلسنت جي مفتي محمد عبدالماجد عطاري مدني صاحب كان شرعي تفتيش به كرائي وئي آهي.

الله پاڪ اسان جي هن سعي كي پنهنجي بارگاه ۾ قبول فرمائي، هن كي عوام بالخصوص شاگردن جي لاءِ نافع بنائي آمين بجاه النبي الامين.

شعبه سيرت مصطفيٰ (المدينة العلمية)
شعبان المعظم 1442/ مارچ 2021

تصدیق نامہ

تاریخ: 21-03-2021 حوالہ نمبر:255

اَلْحَمْدُ لِلّٰہِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَ الصَّلٰوۃُ وَ السَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ وَعَلٰی اٰلِہٖ وَاَصْحَابِہٖ اَجْمَعِیْن

تصدیق کی جاتی ہے کہ کتاب ''**آخری نبی** صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم **کی پیاری سیرت**'' (مطبوعہ مکتبۃ المدینہ) پر شعبہ تفتیشِ کتب ورسائل کی جانب سے نظر ثانی کی کوشش کی گئی ہے۔ شعبہ نے اسے عقائد، کفریہ عبارات، اور فقہی مسائل وغیرہ کے حوالے سے مقدور بھر ملاحظہ کر لیا ہے، البتہ کمپوزنگ یا کتابت کی غلطیوں کا ذمہ مجلس پر نہیں۔

شعبہ تفتیشِ کتب ورسائل (دعوتِ اسلامی)

21-03-2021

بسم اللہ الرحمٰن الرحیم
شعبہ
تفتیشِ کتب ورسائل
فیضانِ مدینہ پرانی سبزی منڈی باب المدینہ کراچی

پھریون باب

رسول الله ﷺ
جي ولادت

Blessed Birth
of the
Holy Prophet ﷺ

درود شريف جي فضيلت

الله جي آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان عالي شان آهي:

وَصَلُّوا عَلَيَّ فَاِنَّ صَلَاتَكُمْ تَبْلُغُنِي حَيْثُ كُنْتُمْ ۽ مون تي درود پاڪ پڙهندا ڪريو، بيشڪ توهان جو درود مون تائين پهچي ٿو پلي توهان ڪٿي به هجو.[1]

جاهليت جون تاريڪيون

الله پاڪ جي عبادت ۽ اطاعت انسان جي پيدائش جو بنيادي مقصد آهي. بنيادي رونق ۽ نفس و شيطان جي دوکي سبب هي مقصد نگاهن کان اوپرو ٿي ويندو آهي. هن مقصد کي ياد ڏيارڻ ۽ انسان کي سڏي واٽ تي هلائڻ جي لاءِ الله ڪريم مختلف زمانن ۾ ڪوڙ سارا نبي سڳورا موڪليا. انبياءِ ڪرام انسان کي سندس مقصد حقيقي جي سجاڻپ ڪرائيندا ۽ ان جي هدايت ۽ رهنمائي فرمائيندا هئا. اهي انبياء مختلف زمانن ۾ مخصوص قومن ۽ ملڪن ڏانهن موڪليا ويا. سڀ کان آخر ۾ الله ڪريم پنهنجي پياري حبيب جناب احمد مجتبيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي قيامت تائين جي لاءِ تمام ڪائنات جي طرف نبي بڻائي موڪليو. پاڻ سڳورن جي آمد کان پهرين گذريل نبين سڳورن جون تعليمات وساريون ويون هيون، دنيا جهالت جي انڌيرن ۾ ڦٽڪي رهي هئي، دنيا جي سيني معاشرن کي ڪيترن ئي برائين پنهنجي لپيٽ ۾ ونيو رکيو هو. بالخصوص عرب سر زمين تہ تمام گهٽي بد حالي جو شڪار هُئي. ظلم ۽ زيادتي، فحاشي ۽ بي حيائي، لڙائي جهڳڙو، جوا ۽ شراب جي گهٽائي، خون

[1] ابوداؤد، كتاب المناسك،باب زيارة القبور،315/2،حديث:2042

خرابو، ڇٽوڪيون رسمون، بتن جي پوڄا، تڪبر ۽ وڏائي، ۽ جهالت جا ڪڪر چوڌاري تاريڪي پکيڙي رهيا هئا.

ولادتِ مصطفيٰ جون بهارون

اهڙي ماحول ۾ الله جي آخري نبي، حضرت محمد مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ولادت ٿي، سندن ولادت سان گڏ ئي ڪجهه اهڙا واقعا پڌرا ٿيا جيڪي هن ڳالهه جي خوشخبري هئا تہ اهو زمانو اچي چڪو آهي جنهن ۾ اسلام جون روشنيون ڪفر جي تاريڪين کي مٽائي ڇڏيندیون. نوشيروان جي عالي شان محل جو چيرجڻ ۽ ان جي چوڌهن ڪنگرن جو ڪري پوڻ، فارس ۾ مجوسين جي عبادت خاني جي صدين کان ٻاريل باهه جو هڪدم وسامي وڃڻ، درياء ساوه جي موجون هٽندڙ پاڻي جو سڪي وڃڻ، هي ۽ ان جهڙا ڪيترائي واقعا هن ڳالهه جي نشاني هئا تہ هاڻي دنيا جو رنگ مٽجي چڪو آهي ۽ نئي حڪومت جو سِڪو هلندو.

آئی نئی حکومت سکہ نیا چلے گا
عالم نے رنگ بدلا صبح شب ولادت[1]

آمد مصطفيٰ ٿي روشن زمانو ٿي ويو

اهڙي ماحول ۾ حضرت آمنہ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا جي بظاهر سادڙي مڪان ۾ سعادتن ۽ مسرتن جو نور چمڪيو ۽ الله جي آخري نبي، حضرت محمد مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي جلوه گري ٿي. پاڻ سڳورن جي ولادت سان رڳو سندن والده ئي مسرور(خوش) ڪون ٿي بلڪ تمام غمزدن ۽ درد جي ماريلن جي چپن تي مسڪراهٽون پکڙجي ويون.

---

[1] ذوق نعت، ص ۹۵

پاڻ عرب جي مشهور خاندان قريش جي شاخ بنُو هاشم سان تعلق رکندا هئا. سندن خاندان تمام خاندانن ۾ سڀ کان اعليٰ آهي، خود الله جي آخري نبي، حضرت محمد مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان آهي: الله پاڪ حضرت اسماعيل عَلَيْهِ السَّلَام جي اولاد مان "کنانہ" کي عظمت وارو بڻايو ۽ "کنانہ" مان "قريش" کي چونديو ۽ "قريش" مان "بنو هاشم" کي منتخب فرمايو ۽ "بنو هاشم" مان مون کي چونديائين[1] مشهور قول جي مطابق اصحاب فيل واري واقعي جي 55 ڏينهن کان پوءِ جڏهن ربيع الاول جو مهينو هو، ٻارهين تاريخ هئي، سومر جو ڏينهن هو، صبح صادق جي سنهري گهڙي ۾، رات جي اونڌاهه وجي رهي هئي ۽ ڏينهن جو سُهائو پکڙجڻ لڳو هو، 571 عيسوي جي اپريل جي 20 تاريخ هئي جڏهن مکي شريف ۾[2] پنهنجي والده جي گهر سندن ولادت ٿي.[3]

پُرنور ہے زمانہ صبح شبِ ولادت
پردہ اٹھا ہے کس کا صبح شبِ ولادت

---

[1] مسلم، كتاب الفضائل،باب فضل نسب النبي...الخ،ص962،حديث:5938

[2] مکہ (Makkah) جو پورو نالو مكة المكرمه آهي.هي دنيا جي چند اهم ۽ قديم ترين شهرن مان آهي.دنيا ۾ جي مسلمانن جو قبلو كعبة الله هتي ئي آهي جنهن کي حضرت ابراهيم ۽ سندن صاحبزادي حضرت اسماعيل عليهما السلام تعمير کيو هو.هاڻي هن شهر جو رقبو760مربع کلو ميٽر آهي.هي شهر سمنڊ جي سطح کان 277ميٽر جي بلندي ۽ تقريبا80کلو ميٽر جي فاصلي تي واقع آهي.هتي جي موسم نسبتا گرم آهي،گرمين ۾ سخت گرمي پوندي آهي ۽ گرمي جو درجو عام طور تي 40 سينٽي گريڈ رهندو آهي. الله جي آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ظاهري حيات جا اٽڪل 53 سال هتي گذاريا.

[3] مدارج النبوت،بيو قسم پهريون باب،14/2ملتقطا

[4] ذوق نعت،ص ۹۳

نسبِ مصطفيٰ

والد ماجد جي طرفان نسب شريف هي آهي (1) حضرت محمد صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم (2) بن عبدالله (3) بن عبدالمطلب (4) بن هاشم (5) بن عبدِ مَناف (6) بن قُصَي (7) بن كِلاب (8) بن مُرّه (9) بن كَعْب (10) بن لُوَي (11) بن غالب (12) بن فِهر (13) بن مالك (14) بن نَضر (15) بن كِنانه (16) بن خُزَيمه (17) بن مُدْرِك (18) بن الياس (19) بن مُضَر (20) بن نِزار (21) بن مَعد (22) بن عدنان[1] جڏهن ته والده ماجده جي طرف کان نسب شريف هن ريت آهي (1) حضرت محمد صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم (2) بن آمنه (3) بنت وهب (4) بن عبدِ مَناف (5) بن زُهره (6) بن كلاب[2]

والدين مصطفيٰ

پاڻ سڳورن جا والد گرامي حضرت عبدالله رَضِیَ اللهُ عَنْهُ سيرت ۽ صورت ۾ بي مثال هئا. انهن جو وصال پاڻ كريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ولادت کان اڳ ۾ 25 سالن جي عمر ۾ ٿيو.[3] جڏهن ته سندن والده ماجده حضرت آمنه رَضِیَ اللهُ عَنْهَا آهي. هي پنهنجي نسب ۾ شرف ۾ قريش جي تمام عورتن ۾ سڀ کان افضل هئي. والد جي وصال کان پوءِ انهن پنهنجي شهزادي جي پرورش ڪئي.

---

[1] السيرت النبوية لابن هشام، ذكرسرد نسب الزكي من محمد...الخ، 89/1_103ملخصا

[2] السيرت النبوية لابن هشام،اولاد عبدالمطلب،238/1

[3] مدارج النبوت،پيو قسم پهريون باب،12/2_14ملتقطا

بیوباب

رسولُ اللہ ﷺ

جو ننڈیپڑ

Blessed Childhood

of the

Holy Prophet ﷺ

کير پيارڙ (رضاعت) جو بيان

مکي جي معزز ماڻهن جو هي رواج هو ته اهي پنهنجي ٻارن کي امڙ جي جهولي ۾ پلجندو ڏسڻ بجاءِ ريگستان ۾ رهندڙ قبيلن وٽ نندپڻ گذارڻ جي لاءِ موڪليندا هئا، ان جو ڪارڻ هي هو ته ٻهراڙي جون خالص غذائون کائي ڪري ٻارن جا عضوا ۽ جسم مضبوط ٿين ۽ اتي جي خالص عربي سکي ڪري اهي به انهيءَ فصاحت ۽ بلاغت سان ڪلام ڪرڻ وارا ٿي وڃن، انهي ڪري الله جي آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي حضرت حليمہ سعديہ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا جي حوالي ڪيو ويو، ان جو تعلق قبيلہ "بنو سعد[1]" سان هو جيڪو بنو هوازن جي هڪڙي شاخ هو، هي قبيلو عربي ۽ فصاحت ۾ پنهنجو مٹ پاڻ هو، حضرت حليمہ پنهنجي قبيلي جي عورتن سان گڏ مکي ۾ ٻار کي رضاعت تي ونڻ جي لاءِ آئي. حضرت حليمہ جي قسمت جو ستارو پنهنجي عروج تي هو جو پاڻ سڳورن کي ٻن سالن تائين کير پيارڻ جي سعادت ان جي حصي ۾ آئي.[2]

کير پيارڙ جون برڪتون

ڪجهہ روايتن جي مطابق بيبي حليمہ کان علاوه مزيد 6 پاڪ وارين عورتن آقا ڪريم عَلَيْهِ السَّلَام کي کير پيارڻ جو شرف حاصل ڪيو، هنن

---

[1] بنو سعد مکي کان طائف جي رستي تي شقصان نالي ڳوٺ کان 15 کان 20 ڪلوميٹر جي پنڌ تي واقع آهي. هي علاقو مڪمل طور تي ويران نہ آهي،ڪٿي ڪٿي ٻنيون ممڪن آهن. هتي جو پاڻي ۽ هوا ۽ موسم ڏاڍو صحت بخش آهي، حضرت حليمہ جي ڳوٺ جو نالو "شَوحَط"آهي،ان کي "شُحط"ٻہ چيو ويندو آهي. مکي کان بائي روڈ ان جو فاصلو اندازن 153 ڪلو ميٹر آهي.

[2] شرح الزرقاني علي المواهب،من خصائصه،278/1ماخوذا

سيني عورتن کي دولت ايمان نصيب ٿي،[1] جڏهن ته حضرت حليمه کي کير پيارڻ جي خدمت جو هي انعام مليو ته انهن جو پورو گهراڻو ايمان جي دولت سان مالا مال ٿيو. حضرت حليمه جو گهروارو (مڙس) حضرت حارث رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ[2]. صاحبزادو عبدالله بن حارث ۽ به صاحبزاديون انيسه بنت حارث ۽ جُدامه بنت حارث آهن. جدامه بنت حارث ئي شَيما جي نالي سان مشهور آهن جيڪا الله جي آخري نبي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي وڏي رضاعي (ڇڄ شريڪ) پيڻ هئي ۽ پاڻ کي هنج ۾ ڪيڏائيندي ۽ لوليون ڏيندي هئي.[3]



مڪي شريف کان بنو سعد تائين جو نقشو

[1] سيرت حلبيه،باب ذكر رضاعه وما اتصل به،124/1ملخصا

[2] هي صاحب ايمان ۽ الله جي آخري نبي ﷺ جي صحبت بابرڪت سان فيض پائڻ وارا هيا ۽ سندن خدمت ۾ حاضر به ٿيا هئا.(فتاويٰ رضويه.293/30ملخصا)

[3] طبقات ابن سعد،89/1

نندپڻ جا واقعاءِ برڪتون

حضرت حليمہ سعديہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہَا جڏهن الله جي آخري نبي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي ونڊ جي لاءِ پاڻ جن جي مڪان عاليشان تي پهتي تہ فرمائي ٿي: مون ڏٺو تہ پاڻ سفيد (اڇي) ڪپڙي ۾ ويڙهيل آهن، پاڻ وٽان خُوشبوئون اٿي رهيون آهن، سائي رنگ جو ريشمي ڪپڙو هيٺ وڇايل آهي، پُنيءَ ۾ آرام فرمائي رهيا آهن. مون آهستي سان ويجهو ٿي پنهنجي هٿن تي ڪٽي سندن سيني مبارڪ تي هٿ رکيو تہ پاڻ سُرمائي اکيون کولي مُرڪڻ لڳا ۽ مون کي ڏسڻ لڳا، مون محسوس ڪيو تہ هنن اکين مان نور نڪري رهيو آهي ۽ آسمان ڏانهن وڃي رهيو آهي. بي اختيار ٿي ڪري مون سندن ٻنهي اکين جي وچ ۾ چمي ڏني ۽ پاڻ کي پنهنجي سيني سان لڳائي ورتو.[1]

جڏهن بيبي سائڻ رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہَا کير پيارڻ ويني تہ نبوت جون برڪتون ظاهر ٿيڻ لڳيون. الله جو شان جو حضرت حليمہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہَا جي ايتري قدر ٿج مبارڪ وڌي وئي جو پاڻ ۽ سندن رضاعي پاءِ عبدالله بن حارث خوب پيٽ پري کير پيتو ۽ ٻئي ڇٽا آرام سان سمهي پيا، رسول الله صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم پنهنجي رضاعي امڙ جو صرف هڪ پاسي کان کير پيئندا هئا، ٻي طرف کان اها پيارڻ ۾ چاهيندي هئي تڏهن ۾ نوش نہ فرمائيندا هئا چاڪاڻ تہ اهو پاءِ جو حصو هو، هي ان ڳالهہ جو اشارو هو تہ عدل و انصاف جو مان مٿاهون ڪندا. سندن برڪتن سان حضرت حليمہ جي ڏٻري ڏاچي ۾ جيڪا کير کان خالي هئي ان ۾ ٻہ ڇگو کير اچي ويو.حضرت حليمہ سائڻ جي گهر واري ان جو کير ڏُڏو ۽ ٻنهي زال مڙس خوب ڍئو ڪري کير پيتو ۽ اها رات

---

[1] مدارج النبوت،قسم اول، باب اول،بيان حسن خلقت،19/2ملخصا

وڏي راحت ۽ سکون سان گذاريائون ۽ سڄي رات منڙي ننڍ جا مزا ماڻيندا رهيا. جڏهن سڄاڻ ٿيا تہ حضرت حليمہ جو گهروارو حارث بن عبد العزيٰ چوڻ لڳو: حليمہ! تو وڏين برڪتن وارو ٻار آندو آهي. حضرت حليمہ رَضِیَ اللہُ عَنْہَا وراڻيو تہ واقعي اها ئي اميد آهي تہ هي ٻار وڏو بابرڪت آهي ۽ الله جي رحمت بڻجي اسان کي مليو آهي. عنقريب اسان جو گهر خير ۽ برڪت سان پرجي ويندو[1].

سيده حليمہ جي گهر جا آثار جتي نبي ڪريم ﷺ جو مبارڪ ننڍپڻ گذريو





[1] سيرت حلبيہ.باب ذكر رضاعہ وما اتصل بہ،132/1ملخصا

حليمہ سائڙ فرمائي ٿي تہ (جڏهن) اسان رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ونيءِ مکي شريف کان پنهنجي ڳوٺ ڏانهن روانا ٿياسين تہ منهنجو اهو ئي خچر[1] جيڪو پهرين ڪمزوريءِ سبب قافلي وارن کان پوئتي رهجي ويندو هو هاڻ ايتري قدر تکو هلڻ لڳو جو هي ڪا بہ سواريءِ ان جو مقابلو نہ پئي ڪري سگهي.[2]

ننڍپڻ جون ڪجهہ پياريون ادائون

الله جا آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جڏهن کان حضرت حليمہ سعديہ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا وٽ آيا ان جا جانور وڌڻ لڳا، ڪيس عزت ۽ واڌارو ٿيو ۽ خير و برڪت نصيب ٿيڻ لڳي. جيستائين پاڻ اتي رهيا بيبي حليمہ سائڙ جو گهر خير ۽ برڪت سان پريل رهيو، ڏينهون ڏينهن هنن انعامن ۽ برڪتن ۾ اضافو ٿيندو رهيو ۽ اهي خوشحالي جي زندگي گذارڻ لڳا. حضرت حليمہ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا فرمائي ٿي: ڪير پيئڙ جي عمر ۾ سندن نگراني ۾ مون ڪي ڏاڍو آرام هو. پاڻ ٻين ٻارن وانگر نہ رڙيون ڪندا ۽ نہ روئندا هئا. 2 مهينن جي عمر ۾ پاڻ گوڏن پر هلڻ لڳا، 3 مهينن جي عمر ۾ اٿي ڪري بيهڻ لڳا، 4 مهينن جي عمر ۾ ديوار سان هٿ رکي ڪري هر طرف هلندا هئا، 5 مهينن جي عمر ۾ هلڻ ڦرڻ جي پوري قوت حاصل ڪري چڪا هئا، 8 مهينن جي عمر ۾ ائين ڪلام فرمائيندا هئا جو ڳالهہ چگي طرح سمجهہ ۾ اچي ويندي هئي، 9 مهينن جي عمر ۾ فصيح ڳالهيون ڪرڻ شروع

---

[1] خچر گڏهہ کان وڏو ۽ گهوڙي کان ننڍو هوندو آهي ۽ بار کڻڻ ۽ سواريءِ جي ڪم ايندو آهي. مختلف روايتن مان اهو معلوم ٿي ٿو تہ هن سفر ۾ حضرت حليمہ وٽ هڪڙو خچر ۽ هڪڙي ڏاچي هئي.

[2] مدارج النبوت، ٻيو قسم پهريون باب، 20/2ملتقطا

ڪري ڏنيون.[1] پاڻ پنهنجي عمر جي شروع واري حصي ۾ جيڪو ڪلام فرمايو اهو "اَللّٰهُ اَكْبَر كَبِيْراً وَالْحَمْدُ لِلّٰه كَثِيْراً" (ترجمو: الله سڀ کان وڏو آهي ۽ هر طرح جي حمد ۽ تعريف الله جي لاءِ آهي) هو. پينگهو لڏڻ وقت پاڻ چند سان ڳالهيون ڪندا ۽ پنهنجي آڳر سان جنهن طرف اشارو فرمائيندا هئا چند اوڏانهن جهڪجي ويندو هو.[2]

وجود مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جون برڪتون

بيبي حليمه سائڙ رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهَا سندن برڪتن جي ائين بيان فرمائي ٿي: ❖ منهنجو قبيلو "بنو سعد" ڏڪار ۾ مُبتلا هو، جڏهن آئون پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي وٺي ڪري پنهنجي قبيلي ۾ پهتس تہ ڏڪار ختم ٿي ويو، زمين سرسبز، وڻ ميويدار ۽ جانور ٿلها متارا ٿي ويا. ❖ هڪڙي ڏينهن منهنجي پاڙي واريءَ مون کي چيو: اي حليمه! تنهنجو گهر سڄي رات روشن رهي ٿو، ان جو ڇا سبب آهي مون چيو: اها روشني ڪنهن ڏيئي جي ڪري ڪونهي بلڪ (حضرت) محمد (صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جي نوراني چهري جي ڪري آهي. ❖ مون وٽ ست ٻڪريون هيون، مون پاڻ سڳورن جو هٿ مبارڪ هنن ٻڪرين تي گهمايو تہ ان جي برڪت سان ٻڪريون ايترو ڪير ڏيڻ لڳيون جو هڪڙي ڏينهن جو ڪير 40 ڏينهن جي لاءِ ڪافي ٿي ويندو هو. ايتروئي نہ منهنجي ٻڪرين ۾ ٻہ ايڏي برڪت ٿي جو ست ڪان 700 ٿي ويون. ❖ قبيلي وارن هڪڙي ڏينهن مون کي چيو: هن جي

---

[1] معارج النبوت، رکن دوم، باب سوم، فصل دوم، ص55تا56

[2] جمع الجوامع، حرف الهمزة مع النون، 212/3، حديث:8361

برڪتن مان اسان کي بہ حصو ڏي! چنانچہ مون هڪڙي تلاءُ ۾ ڪين پير مبارڪ وڌا ۽ قبيلي جي ٻڪرين کي هن تلاء جو پاڻي پياريو تہ هنن ٻڪرين ڦر پيدا ڪيا ۽ قوم انهن جي ڪير سان خوشحال ۽ مالدار ٿي وئي. ❖ پاڻ جن کي چوڪرا راند لاءِ سڏيندا هئا تہ پاڻ ارشاد فرمائيندا هئا: مون کي کيڏڻ جي لاءِ پيدا نہ ڪيو ويو آهي. ❖ پاڻ منهنجي ٻارن سان گڏ جهنگ ويندا ۽ ٻڪريون چاريندا هئا. هڪڙي ڏينهن مونکي منهنجي پٽ چيو جيجل امان! (حضرت محمد صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) وڏي شان وارو آهي، جنهن جهنگ ۾ ويندو آهي ساوڪ وارو ٿي ويندو آهي اُسَ ۾ هڪڙو ڪڪر هن جي مٿان ڇانوَ ڪندو آهي، ريت(واري) تي سندن قدمن جا نشان نہ ٿا ٻڌجن، پٿر هن جي پيرن هيٺان خمير (ڳوهيل اٽي) وانگر نرم ٿي ويندو آهي ۽ ان تي قدم جو نشان ٻڌجي ويندو آهي، جهنگ جا جانور سندن قدم چمندا آهن.[1]

ٻنو سعد ۾ قيام جي مدت ۽ واپسي

حضرت حليمہ سائڙ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا ۽ ان جو ڪُٽنب وک وک تي الله جي آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جون برڪتون ڏسندو رهيو، سندن کان خوب فيض ماڻيندو رهيو ۽ پنهنجو مقدر سنواريندو رهيو ڏسندي ئي ڏسندي ٻہ سال پورا ٿي ويا، حضرت حليمہ سائڙ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا پاڻ کان

[1] الكلام الاوضح في تفسير الم نشرح(انوار جمال مصطفيٰ)، ص107_109 ملخصا وملتقطا

ڄڃ ڇڏائي ورتي ۽ معاهدي جي مطابق پاڻ کي سندس والده ماجده حضرت بيبي آمنہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہَا وٽ وٺي ويئي، انهن حسبِ توفيق حضرت حليمہ کي انعام و اڪرام سان نوازيو. سندن برڪتون ڏسي حضرت حليمہ جي دل تڙپي پئي تہ پاڻ وڌيڪ ان وٽ ان جي قبيلي ۾ رهن، عجب اتفاق جو هنن ڏينهن ۾ مڪي شريف ۾ هڪ وبائي بيماري پکڙيل هئي. حضرت حليمہ وبائي بيماري کان بچائڻ جي لاءِ حضرت آمنہ کي هن ڳالهہ تي راضي ڪري ورتو جو اها حضور کي اجان ڪجهہ عرصي جي لاءِ انهن جي قبيلي ۾ موڪلي ڇڏي، ائين حضرت حليمہ جي دلي مراد پوري ٿي (يعني مقصد پورو ٿيو) ۽ هڪ پيرو وري بيبي آمنہ جي چنڊ سان ان جو اڳڻ روشن ٿي ويو ۽ الله جي آخري نبي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي برڪتن واري وجود جي بدولت ان جو گهر ٻيهر رحمتن ۽ برڪتن جي ڪاڻ ٻڌجي ويو. پاڻ اٽڪل ڇئن سالن تائين قبيلي بنو سعد ۾ برڪتون ورهائيندا رهيا. اتي پاڻ پنهنجي رضاعي ڀيڻ پائرن سان گڏجي ٻڪريون ٻ چاريون. ٻڪريون وٺاڻن ۾ وڃي ڪري ان جي سار سنيال ڪرڻ هي تقريبًا تمام نبين سڳورن عَلَیۡہِمُ السَّلَام جي سنت آهي. پاڻ پنهنجي عمل سان ننڍپڻ ئي ۾ پنهنجي هڪڙي خصلت نبوت جو اظهار فرمائي ڇڏيو. قبيلي بنو سعد ۾ جڏهن پهريون شق صدر ٿيو ان کان گهٻرائجي ڪري حضرت حليمہ پاڻ کي بيبي آمنہ وٽ وٺي آئي ۽ ان جي حوالي ڪري ڇڏيائين ان کان پوءِ پاڻ پنهنجي والده پاڪ جي هنج ۾ پرورش پائڻ لڳا.



شقِ صدر جو مطلب آهي سيني کي چيرڻ. ملائڪن الله جي آخري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سيني مبارڪ کي چيري دل کڏي ڪري ان کي ڌوتو. ان عمل کي شقِ صدر چوندا آهن: اهو عمل سندن زندگي ۾ چار ڀيرا ٿيو. پهريون ڀيرو ڇئن سالن جي عمر ۾، ٻيو ڀيرو ڏهن سالن جي عمر ۾، ٽيون ڀيرو چاليهه سالن جي عمر ۾ ۽ آخري ڀيرو معراج تي وڃڻ کان پهريان. مشهور آهي ته اِها ئي بنو سعد جي اها وادي آهي جتي شق صدر ٿيو هو.

ٽيون باب

رسول الله ﷺ
جي چوڪراڻي وهي

Blessed Boyhood
of the
Holy Prophet ﷺ

جيجل ماءُ جووصال پُر ملال

الله جي آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي عمر مبارڪ جڏهن 6 سالن جي ٿي وئي تہ پاڻ جن جي امڙ جيجل پاڻ کي ساڻ ڪري مديني شريف ۾ سندن والد جي ناناڻن سان ملائڻ ويئي، هن سفر ۾ بيبي اُمّ ايمن بہ گڏ هئي. بيبي ام ايمن سندن والد جي ٻانهي هئي. واپسي تي ابواء[1] جي مقام تي سندن والده جو انتقال ٿي ويو ۽ اتي ئي تدفين ٿي. والد جو سايو پهريان ئي ڪڇي ڇڪو هو ۽ هاڻ ماء جي شفقت ۽ محبت پري جهولي بہ ڇڏجي ويئي. حضرت اُمّ ايمن سندن لڙڪ اُگهيا، پاڻ کي تسلي ڏنائين ۽ مڪي شريف آڻي سندن ڏاڏي حضرت عبد المطلب جي حوالي ڪري ڇڏيائين.

والدين جي وصال کان پوءِ

والدين جي وصال کان پوءِ پاڻ جي پرورش سندن ڏاڏي عبدالمطلب رَضِیَ اللهُ عَنْهُ وٺ ٿي، هي مڪي جا سردار هئا، پاڻ سان وڏي محبت ڪندا هيا، هر گهڙي کين گڏ رکندا هيا جڏهن ڪٿي ويهندا هيا تہ پاڻ کي گڏ ويهارينداهيا، ماني پاڻ سان گڏ کارائيندا هئا، رات جو پنهنجي پاسي ۾ سمهارينداهئا. ڪعبي جي صحن ۾ انهن جي ويهڻ جي لاءِ هڪڙو تخت رکيو ويندو هو ڪنهن وڏي کان وڏي ماڻهو جي مجال نہ هئي ان تي پير رکي، پر جڏهن الله جا آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

---

[1] ابواء(Abwa) هڪ وادي آهي جيڪا مڪي شريف ۽ مديني شريف جي وچ ۾ سمنڊ جي طرف واقع آهي. هن جو فاصلو مڪي شريف کان تقريبا 261 جڏهن تہ مديني شريف کان تقريبا 222 ڪلو ميٽر آهي.وادي ابواء ۾ هڪڙو غزوو بہ درپيش آيو هو جنهن ۾ لڙائي جي نوبت نہ آئي هئي.اڃڪلهہ وادي ابواء خريبہ جي نالي سان مشهور آهي.

تشريف آڻيندا ها تہ بنا جھڪ پنھنجي ڏاڏي جان جي جڳھ تي ويھڻ جي لاءِ اڳتي وڌي ويندا ها[1]. جڏھن سندن عمر مبارڪ 8 سالن جي ٿي تہ سندن ڏاڏو بہ لاڏاٽو ڪري ويو.[2] پوءِ سندن پرورش پاڻ جي چاچي ابو طالب وٽ ٿي. سندن ننڍپڻ بابت ابو طالب جو چوڻ آهي: مون ڪڏھن بہ نہ ڏٺو تہ رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪنھن وقت ڪوبہ ڪوڙ ڳالھايو ھجي، يا ڪنھن کي دوکو ڏنو ھجي، يا ڪڏھن ڪنھن کي ڪا تڪليف پھچائي ھجي، يا فضول ڀارن وٽ کيڏڻ جي لاءِ ويا ھجن يا ڪڏھن تھذيب جي خلاف ڳالھ ڪئي ھجي. ھميشہ انتھائي خوش اخلاق، سٹين عادتن وارا نرم گُفتار، بلند ڪردار ۽ اعليٰ درجي جا پارسا ۽ پرھيزگار رھيا.[3]

رسول الله ﷺ جي چوڪراٽي وهي

پاڻ 8 سالن جي ڄمار ۾ سندس چاچي ابوطالب جي گھر ان جي ڪفالت ۾ آيا تہ ھتي بہ خير و برڪت جون بارشون ٿيڻ لڳيون، ھي پنھنجي ڀارن کان وڌيڪ پاڻ سان پيار ڪندھئا، پنھنجي نگاھن کان پري ٿيڻ نہ ڏيندا ھئا، ابوطالب جو بيان آھي تہ (سرڪار عَلَيْهِ السَّلَام کان پھرين) جڏھن بہ منھنجا ڀار ماني کائيندا ھئا تہ ڏئو نہ ٿيندو ھو، پر جڏھن حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انھن سان گڏجي کاڏو تناول فرمائيندا ھئا تہ سيئي ڀار ڏاپجي ويندا ھئا ان ڪري جڏھن بہ آئون پنھنجي ڀارن کي ماني ڏيڻ چاھيندو ھئس تہ چوندو ھئس بيھو! منھنجي پٽ (محمد صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) کي اچڻ ڏيو پوءِ کائڻ شروع ڪجو. اھڙي طرح

---

[1] السيرت النبوية لابن هشام، اجلال عبدالمطلب لہ، 306/1
[2] شرح الزرقاني علي المواهب، ذكر وفات امہ....الخ، 353/1
[3] سيرت مصطفيٰ، ص83

جڏهن بہ ٻارن کي کير پيارڻو هوندو هو تہ پاڻ کي پهريان پياريو ويندو هو پوءِ ٻارن کي ڏنو ويندو هو. جيڪڏهن ان جي پٽن مان پهرين کو بہ پي ونڊندو هو تہ اهو سڄو ٽانوءِ اکيلو ئي ختم ڪري ويندو هو. ابو طالب اهو ڏسي ڪري چوندو هو: اي محمد صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم توهان جي برڪتن جو چا چوڻ [1]

يمن جو سفر

جڏهن سندن عمر مبارڪ ڏهن (10) سالن جي ٿي تہ پاڻ پنهنجي چاچي زبير سان گڏجي يمن جي طرف سفر جي لاءِ نڪتا، هتي رستي ۾ هڪ عجيب واقعو پيش آيو تہ ڪنهن وادي ۾ هڪڙو اُٺ ماڻهن کي لنگهڻ کان روڪي رهيو هو، جڏهن هن اُٺ پاڻ ڪريمن کي ڏنو تہ ويهي رهيو ۽ پنهنجو سينو زمين تي رڳڑڻ لڳو، پاڻ پنهنجي اٺ تان لهي هن تي سوار ٿيا ۽ جڏهن وادي جي ٻي پاسي پهتا تہ هن اُٺ کي ڇڏي ڏنائون. جڏهن سفر کان موٽيا تہ ڏنائون تہ وادي پاڻي سان ڀريل آهي. پاڻ فرمايو توهان منهنجي پٽيان اچو، پاڻ هن وادي ۾ تشريف وٺي ويا ۽ سڀ قريش سندن جي پويان پويان هلڻ لڳا، الله پاڪ پاڻي سڪائي ڇڏيو. جڏهن ماڻهو مڪي واپس آيا تہ سيني کي هي واقعو ٻڌايائون، اهو ٻڌي هنن چيو هن ٻار جو شان نرالو آهي. [2]

شام ملڪ جو پهريون تجارتي سفر

پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي عمر مبارڪ جڏهن ٻارهن سال ٿي تہ پاڻ پنهنجي چاچي ابو طالب سان گڏجي شام (ملڪ) ڏانهن پهريون

---

[1] دلائل النبوت، وفات عبدلمطلب وضم ابي طالب رسول الله، 95/1
[2] سبل الهديٰ والرشاد، الباب السابع في سفره...الخ، 139/2

تجارتي سفر فرمايو. جڏهن قافلو شهرِ بصريٰ پهتو تہ اتي جي هڪ راهِب بَحِيرا جنهن جو اصل نالو "برجيس" هو ان سان سندن ملاقات ٿي. هن پاڻ کي نبوت جي نشاني مان سڃاڻي ورتو سندن هٿ جهلي ڪري هي اعلان ڪرڻ لڳو: هي تمام جهانن جو سردار آهي، هي رب العالمين جو رسول آهي الله ڪريم هن کي رحمت للعٰلمين (تمام جهانن جي لاءِ رحمت) بڻائي موڪليندو. پوءِ هن حبيب ڪريم ءِ قافلي وارن جي لاءِ کاڌي جي دعوت جو اهتمام ڪيو. هن دعوت ۾ هن ڪجهہ ٻيون بہ نبوت جون نشانيون ڏٺيون. هن ابوطالب کي چيو: هن کي شام نہ وڃو. جيڪڏهن شام وارن هن کي نبوت جي نشانين مان سڃاڻي ورتو تہ هن کي قتل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا. لهٰذا پاڻ اتائين واپس تشريف وٺي آيا هن راهب پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي سفر جي لاءِ ڪجهہ سامان بہ ڏنو.[1]

پيا تجارتي سفرَ

الله جي آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تجارت جي غرض سان ڪوڙ سارن سفرن تي تشريف وٺي ويا. ڏهہ (10) سال جي عمر ۾ ڪيس چاچي زبير بن عبدالمطلب ساڻ گڏجي يمن جو بہ تجارتي سفر فرمايو.[2] پاڻ جيڪي تجارتي سفر حضرت خديجہ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا جي لاءِ ڪيا، انهن مان بہ سفر يمن[3] جي طرف بہ هئا. جيئن تہ روايت ۾ آهي: حضرت خديجہ سائنڻ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي جُرَش (يمن ۾ هڪڙو مقام)

---

[1] ترمذي، كتاب المناقب، باب ماجاء في بدء نبوت النبي، 5/356_357، حديث:3640 ماخوذا
[2] سبل الهدىٰ والرشاد، الباب السابع في سفره...الخ، 2/139
[3] يمن(Yemen) ءِ مڪي جو درميانو فاصلو تقريبا 1034 ڪلو ميٽر آهي

جي طرف ۾ پيرا تجارت جي لاءِ موڪليو ۽ انهن مان هر سفر هڪ ڏاڇي جي عِوض هو.[1]

حِلف الفضول ۾ شرڪت

شهرِ زبيد جو هڪڙو ماڻهو پنهنجو مال وڪڻڻ مڪي شهر ۾ آيو. عاص بن وائل نالي هڪڙي ماڻهو ان کان مال ورتو مگر قيمت نہ ڏنائين. هن تاجر ڪجهه قبيلن وٽ فرياد ڪيو، پر ڪنهن ان جي مدد نہ ڪئي. پوءِ هو ماڻهو جبل ابو قُبَيس تي چڙهي ويو[2] ۽ سپني کي فرياد ڪيائين. تنهن تي قريش جي ڪجهه صلح پسند ماڻهن هڪڙي اصلاحي تحريڪ هلائي. قريش جا وڏا هڪ وڏي سردار عبدالله بن جدعان جي گهر تي گڏ ٿيا، اتي نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي چاچي زبير بن عبد المطلب اها رائي ڏني تہ اسان کي هڪ بي سان معاهدو ڪرڻ گهرجي، پوءِ قريش جي سردارن هڪ معاهدو ڪيو ۽ پڪو ارداو ڪري ورتائون تہ اسين بي امني جو خاتمو، مسافرن جي حفاظت، غريبن جي امداد، مظلوم جي حمايت ۽ ظالم جو مُحاسبو ڪنداسين. هن معاهدي ۾ پاڻ به شريڪ ٿيا. اعلان نبوت کان پوءِ به پاڻ هن معاهدي ۾ شرڪت تي خوشيءَ جو اظهار ڪندا ۽ فرمائيندا هيا تہ هن معاهدي مان مون کي ايڏي خوشي ٿي آهي جيڪڏهن هن معاهدي جي بدلي ۾ ڪير مون کي ڳاڙهي رنگ جا اُٺ به ڏي ها تہ مون کي ايتري خوشي نہ ٿئي ها. اڄ به جيڪڏهن ڪو مظلوم هن

---

[1] مستدرک، کتاب معرفت الصحابہ منهم خديجہ...الخ، 178/4، حديث: 4887

[2] ابوقبيس هڪ جبل آهي جيڪو مسجد حرام کان باهر صفا ۽ مروي جي ويجهو واقع آهي. الله جي حڪم سان دنيا ۾ سڀ کان پهرين اهو ئي جبل پيدا ٿيو. هن جبل کي "الامين" به چيو وڃي ٿو. (تفسير در منثور، 4، آل عمران، تحت الآيت: 2، 266/96، بلدالامين، ص206 ملخصا)

معاهدي جي تحت مون کي مدد جي لاءِ پڪاري ته ان جي مدد جي لاءِ تيار آهيان.[1] هن معاهدي کي "حلف الفضول" جي نالي سان موسوم ڪيو ويو. ان جو ڪارڻ هي آهي ته ڪافي اڳ مڪي ۾ هڪڙو معاهدو ٿيو هو. هن معاهدي جو سبب بنجڻ وارن ۾ سيني جو نالو "فضل" هو انهي ڪري هن معاهدي جو نالو "حلف الفضول" هو يعني انهن ڪجهه ماڻهن جو معاهدو جن جو نالو "فضل" هو.[2]

[1] الروض الانف،حلف الفضول،1/242_244ملخصا
[2] السيرة النبوية لابن هشام،حرب الفجار،1/265

چوٹون باب

رسول الله ﷺ جي جواني

Blessed Youth of the Holy Prophet ﷺ

ٻيو سفرِ شام

الله جا آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم شروع کان ئي بهترين ڪردار جا مالڪ هئا. جڏهن سندن عمر مبارڪ 25 سال ٿي تہ سندن صداقت ۽ ديانت جا هر طرف چرچا ٿيڻ لڳا. مڪي جي فضائن ۾ سندن لقب **"صادق و امين"** هر هنڌ گونجڻ لڳو. شهر مڪي جي هڪ معزز ۽ مالدار خاتون هئي جنهن جو نالو " خديجة " هو، ان کي اهڙي امانتدار شخص جي ضرورت هئي جو ان جو مال شام ملڪ ڪٽي وڃي ۽ اتان وڪٽي ڪري نفعو ڪمائي ڪري آڻي. حضور جي امانت و صداقت جي شهرت جڏهن حضرت خديجہ تائين پهتي تہ هن پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي پيغام موڪليو تہ اوهان منهنجو تجارتي مال شام ملڪ ڪٽي وڃو! جيڪا پگهار آئون ٻين کي ڏيندي آهيان توهان کي ان جي ٻيڻ (DOUBLE) ڏيندس. پاڻ ان جي اها درخواست قبول فرمايائون ۽ تجارت جو سامان ۽ مال وني ڪري شام ملڪ روانا ٿيا. هن سفر ۾ حضرت خديجہ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا جو غلام "مَيْسَرہ" بہ پاڻ سان گڏ هو جيڪو سندن خدمت ۽ ٻيون ضرورتون پوريون ڪندو هو. هڪ دفعي وري جڏهن پاڻ ملڪ شام جي مشهور شهر "بصريٰ" پهتا تہ اتي "نسطورا" راهب جي عبادت گاهہ جي ويجهو قيام فرمايائون. اهو راهب مَيْسَرہ کي اڳي کان سڃاڻندو هو تنهنڪري اهو ان وٽ آيو ۽ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڏانهن اشارو ڪري چوڻ لڳو: هي ڪير آهي جيڪو هن وڻ جي هيٺان ويٺل آهي؟ ميسره جواب ڏنو: هي مڪي شهر جو رهاڪو آهي بنو هاشم سان تعلق آهي، هن جو نالو **"محمد"** آهي ۽ لقب **"امين"** آهي. راهب چوڻ لڳو: سواءِ نبي جي اڄ تائين هن وڻ جي هيٺان ڪنهن پڙاءُ نہ ڪيو. پوءِ هن پڇيو: ڇا ان جي اکين ۾ سرخي رهي ٿي؟ ميسره جواب

ڏنو: ها آهي ۽ اها هر گهڙي رهي ٿي. اهو ٻڌي ڪري نسطورا چوڻ لڳو: اهو ئي الله جو آخري نبي آهي، مون کي هن جي اندر اهي تمام نشانيون نظر اچي رهيون آهن جيڪي توريت ۽ زبور ۾ پڙهيون آهن، ڪاش! آئون ان وقت زنده هجان جڏهن هي نبوت جو اعلان فرمائيندو، جيڪڏهن آئون زنده رهيس ته هن جي پرپور مدد ڪندس ۽ ان جي خدمت ۾ پوري زندگي گذاري ڇڏيندس. اي ميسره! آئون توکي نصيحت ڪريان ٿو ته ڪڏهن هن کان ڌار نه ٿجان هن جي خدمت ڪندو رهجان چو ته الله پاڪ هن کي نبوت جو شرف عطا فرمايو آهي. پاڻ سامان تجارت وڪڻي ڪري تڪڙا واپس تشريف وٺي آيا. جڏهن سندن قافلو مڪي واپس پهتو ته ان وقت حضرت بيبي خديجه گهر جي چت تي ويٺي هئي. هن هي منظر ڏٺو ته الله جي آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي ملائڪ اُسَ کان ڇانوَ ڪيل آهن، هن منظر حضرت خديجه جي دل تي گهرو اثر ڪيو. ڪجهه ڏينهن بعد هن پنهنجي غلام ميسره سان هن ڳالهه جو ذڪر ڪيائين ته ميسره ٻڌايو، مان ته پوري سفر ۾ هن طرح جا منظر ڏسندو رهيو آهيان، پوءِ ميسره هن ڏگهي سفر ۾ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي صداقت و ديانت، حسن سلوڪ و غمخواري، معاملات کي سمجهڻ ۽ ڪاروباري مهارت جا جيڪي روح پرور منظر پنهنجي اکين سان ڏٺا اهي بيان ڪيائين، نسطورا راهب جهڙي طرح پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي فدا ٿيو هو ۽ پاڻ جي مستقبل جي باري ۾ پيشگوئيون ڪيون هيائين اهو ٻڌايائين، اهو سڀ ٻڌي حضرت خديجه جي دل ۾ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي لاءِ عقيدت و محبت پيدا ٿي ويئي.

حضرت بيبي خديجة الكبريٰ سان نڪاح

حضرت خديجه مڪي جي مالدار ۽ وڏي محترم و معزز خاتون هئي.

سندن تعلق قبيلي قريش جي شاخ بنواسد بن عبدالعزيٰ سان هو، سندن نسب (پيڑهي) ٽن واسطن سان رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان ملي ٿو.[1] ❖ اهلِ مڪ ان کي ان جي پاڪ دامني جي ڪري طاهره يعني پاڪباز جي لقب سان ياد ڪندا هئا. سندن عمر ان وقت 40 سال ٿي چڪي هئي. انهن ۾ شاديون ڪيون هيون ۽ ان جا ٻئي گهروارا انتقال ڪري ويا هئا. وڏن اميرن وڏيرن ماڻهن کين شادي جا پيغام موڪليا پر انهن تمام پيغامن کي واپس ڪري ڇڏيو ۽ هي طئي ڪري ورتو تہ هاڻي نڪاح نہ ڪنديس. پر حضور جا اخلاق، عادات، برڪات ۽ حيرت انگيز واقعات ٻڌي ڪري انهن جي دل حضوراڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان نڪاح جي طرف مائل ٿي. هن الله جي آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ڦڦيء حضرت صفيہ کي گهرايائين. حضرت صفيہ بيبي خديجہ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا جي ياء عوام بن خويلد جي گهر واري هئي ان کي سڏي ڪري ان کان حضور جي ڪجهہ ذاتي احوال باري ۾ معلومات ورتي. پوءِ شام جي سفر کان واپسي جي تقريبا ٽن مهينن کان پوءِ انهن پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي طرف نڪاح جو پيغام موڪليو. هن رشتي (سنگ) کي پسند ڪرڻ جو سبب خود حضرت بيبي خديجہ سائڻ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا هيئن بيان فرمائي ٿي. مون پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي سنن اخلاقن ۽ سندن سچائي جي ڪري کين پسند ڪيو. پاڻ هن درخواست کي پنهنجي ڪٹنب جي وڏڙن ۽ پنهنجي چاچن جي سامهون رکيو. جن اهو رشتو منظور ڪري ورتو. پوءِ نڪاح ٿيو جنهن ۾ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي چاچي ابو طالب خطبو

[1] فيضان خديجة الكبريٰ.ص35_38

پڑهيو ۽ پنهنجي مال مان ويهه (20) اُٺ حق مهر مقرر ڪيائين.[1] ❖ حضرت خديجه لڳ ڀڳ 25 سالن تائين حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ رهي. ان جي حياتي ۾ پاڻ ٻيو ڪو به نڪاح نه ڪيو. رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي هڪڙي فرزند حضرت ابراهيم رَضِیَ اللهُ عَنْه کان سواءِ باقي سمورو اولاد حضرت خديجه رَضِیَ اللهُ عَنْهَا کان ٿيو. حضرت خديجه رَضِیَ اللهُ عَنْهَا پنهنجي سموري دولت پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي قدمن ۾ گهوري ڇڏي ۽ پوري ڄمار سندن خدمت ڪندي گذاري.

ڪعبي جي تعمير ۾ ڪردار

الله جي آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي عمر مبارڪ جڏهن 35 سال ٿي ته زبردست برسات سان حرمِ ڪعبه ۾ سيلابي پاڻي اچي ويو. ان کان ڪعبي شريف جي عمارت کي ڪافي نقصان پهتو ۽ ان جو ڪجهه حصو به ڪري پيو. قريش وارن طئي ڪري ڇڏيو ته مڪمل عمارت کي ڊاهي ٻيهر ڪعبي جي هڪ مضبوط عمارت ٺاهي وڃي جنهن جو دروازو به مٿي هجي ۽ ان جي ڇت به هجي.[2] سو قريش وارن پاڻ ۾ ملي ڪري هن ڪم کي شروع ڪيو. هن تعمير ۾ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم به شريڪ ٿيا ۽ پٿر ڪٽي ڪٽي ڪري آڻيندا رهيا. مختلف قبيلن ڪعبي شريف جي عمارت جي مختلف حصن جو ڪم پاڻ ۾ ورهائي ڪيائون. پر جڏهن حجر اسود رکڻ جو وقت آيو ته

---

[1] شرح الزرقاني علي المواهب،تزوج من خديجه،1/370_376مختصرا

[2] السيرة الحلبيته،باب بنيان قريش الكعبته...الخ1/204،مختصرا

فتنن متو متي کٽڻ شروع ڪيو، قبيلن جو پاڻ ۾ سخت اختلاف ٿي پيو.



هي حجرِاسود جون تصويرون آهن. حجراسود هڪ پٿر آهي جيڪو حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام سان گڏ جنت مان لاتو ويو، هن پٿر کي هٿ لائڻ، چمڻ گناهن کي مٽائي ٿو. اهلِ عرب ۾ هي پٿر تمام معتبر سمجهيو ويندو هو. اڄ به هي پٿر ڪعبي جي ديوار ۾ لڳل آهي.

هر قبيلي جي خواهش هئي ته حجرِ اسود کي نصب ڪرڻ جو اعزاز ان کي حاصل ٿئي، جيڪڏهن ڪو قبيلو ان ۾ رڪاوٽ بڻيو ته تلوار جي زور سان ان جو رستو روڪيو وڃي. چار ڏينهن ان تڪرار ۾ گذري ويا ته حجرِ اسود کي نصب ڪير ڪندو. اتي هڪ پوڙهي ماڻهو ان جهيڙي کي ٽارڻ جي لاءِ هي تجويز پيش ڪئي ته سڀاڪي جيڪو به شخص صبح جو سوير سڀ کان پهريان حرمِ مڪ ۾ داخل ٿيو انهي کان اسين پنهنجو فيصلو ڪرائينداسين. هو جيڪو فيصلو ڏي سڀئي قبيلا ان کي تسليم ڪندا، ان تي سڀني قبيلن جو اتفاق ٿي ويو. خدا جو شان ڏسو ته صبح جو جيڪو

شخص سپ کان پهريان حرمِ مکي ۾ داخل ٿيو اها نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مبارڪ ذات هوئي. پاڻ کي ڏسڻ سان ئي هنن جي خوشيءَ جي انتها نه رهي، سپ چوڻ لڳا هي امين آهي، هي جيڪو به فيصلو ڪندو اسين تسليم ڪنداسين پاڻ هن جهيڙي کي ڪمال دانشمنديءَ جو مظاهرو ڪندي ايئن ختم ڪرڻ جو فرمايو ته: جيڪو قبيلو حجرِاسود رکڻ جو تقاضو ڪري ٿو اهو پنهنجو هڪ هڪ سردار چونڊي ونې هنن پنهنجا پنهنجا سردار چونڊي ورتا. پوءِ پاڻ پنهنجي چادر مبارڪ کي وچائي حجر اسود کي ان تي رکيائون ۽ سردارن کي فرمايائون ته سيئي ملي ڪري هن چادر کي ونې حجرِاسود کي کڻو. سمورن ايئن ئي ڪيو ۽ جڏهن حجرِاسود پنهنجي هنڌ تائين پهتو ته پاڻ برڪت وارن هٿن سان هن مقدس پٿر کي ان جي جاءِ تي رکي ڇڏيائون. اهڙي طرح پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي حڪمت ۽ دانشمنديءَ سان فتني ۽ فساد جا شعلا به اُجهامي ويا ۽ سينن جي دل ۾ خوشي ۽ شادماني جي لهر به ڊوڙي وئي.[1]

هيستائين جو غير معمولي ڪردار

الله جي آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سموري زندگي اعلان نبوّت کان پهرين به بهترين اخلاقن ۽ عادتن جو مجموعو هئي. سچائي، ديانتداري، وفاداري، وعدي جي پابندي، وڏن جي عظمت، ننڍن سان شفقت، هيٺن سان همدردي، مهرباني ۽ سخاوت، ٻين جي خيرخواهي، رحمدلي ۽ نرمي الغرض تمام نيڪ ڳالهين ۽ سٺين عادتن ۾ پاڻ پنهنجو مٿ پاڻ هڻا. حرص، فريب، ڪوڙ، بد عهدي، شراب خوري، نچڻ ڳائڻ، قُرلُٽ، چوري، فحش گوئي، وغيره وغيره

---

[1] السيرة النبوية لابن هشام، حديث بنيان الكعبة ...الخ، 13/2 ملخصا

جھڙيون ڪنيون عادتون جيڪي جھالت واري دور ۾ عام جام هيون سنڊن ذات گرامي هنن سيني ڳالهين کان پاڪ ۽ صاف رهيا. بلڪ سنڊن شان هي آهي جو عرب جي هن ڪريل معاشري ۾ به سنڊن شرافت، امانت، ديانت، ۽ صداقت پري پري تائين مشهور هئي. مڪي جي ماڻهن جي دلين ۾ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي اخلاق جي ڪري سنڊن هڪ خاص عزت هئي. پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي عمر مبارڪ چاليهه (40) سال ٿي وئي پر جاهليت جي تمام بيڪار مشرڪاڻي ۽ ڇٽوڪن ڪمن کان سنڊن دامن پاڪ رهيو. شهر مڪ جتي بتن جي پوڄا ايئن عام هئي جو خود خانه ڪعبي ۾ 360 بت موجود هئا جنهن جي پوڄا ٿيندي هئي. پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪڏهن به هنن بتن جي اڳيان سر نه جهڪايو. ڪيس هن گذريل زندگي جو ڪمال هو ته اعلان نبوّت کان پوءِ سنڊن جي دشمنن وڏي ڪوشش ڪئي ته ڪو به ننڍڙو عيب پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي زندگي جي ڪنهن به دور ۾ ملي وڃي، ڪا به ڪمزور ڳالهه پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي هيستائين جي زندگي ۾ ثابت ٿي وڃي ته ان کي سامهون آڻي ڪري سنڊن عزت ۽ وقار تي حملو ڪيو وڃي ۽ پاڻ کي ماڻهن جي اڳيان گهٽ ثابت ڪيو وڃي. مگر سنڊن جا هزارين دشمن سوچي سوچي ٽڪجي پيا پر ڪو هڪ به اهڙو واقعو نه ملي سگهيو جنهن مان پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي ڪردار تي آڱر کڻن ها. ان جي ڪري جيئن ئي پاڻ اعلانِ نبوت فرمايو پاڻ وارا ماڻهو سنڊن تي ڪلمو پڙهي سنڊن تي دل و جان گهوريڻ لڳا.

پنجون باب

وحِي ءِ تبليغ اسلام جا مرحلا

Divine Revelation and the stages of preaching Islam

غار حرا ۾ عبادت

الله جي آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي عمر مبارڪ جڏهن 40 سال ٿي تہ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ذات اقدس ۾ هڪ نئون انقلاب پيدا ٿي ويو. محبت الٰهي ۽ عبادت الٰهي جو ذوق پاڻ کي مکي زندگي جي مصروفيتن مان کڌي هڪ غار ۾ وٺي ويو، جتي پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اکيلو رهي الله ڪريم جي عبادت ۾ مصروف رهندا هيا. ڪعبي شريف کان ٽورو پري هڪ **"غار حرا"** ۾ ڪيئي ڪيئي ڏينهن جو کاڌو ۽ خوراڪ کڻي تشريف وٺي ويندا هئا ۽ غار جي پُرسڪون ماحول ۾ عبادت ۽ غور و فڪر ۾ رهندا هئا. جڏهن کاڌو پاڻي ختم ٿيندو هو تہ ڪڏهن پاڻ گهر واپس موٽي اچي کڻي ويندا هئا، يا ڪڏهن بيبي خديجة الكبريٰ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا اتي پهچائي ڇڏيندي هئي. اڄ بہ هي نوراني غار پنهنجي اصلي حالت ۾ موجود آهي.

ابتداءِ وحيِ ۽ اعلانِ نبوّت

وحي جي ابتدا سچن خوابن سان ٿي، پاڻ رات جو ننڊ جي حالت ۾ جيڪو خواب ڏسندا هئا بعد ۾ ان جي تعبير هيئن واضح ٿي ويندي هئي جيئن ڏينهن جي چٽاڻ ۽ سج جي روشني. ڇهہ مهينا ائين ئي گذري ويا. رمضان جي مبارڪ مهيني ۾ جڏهن پاڻ معمول جي مطابق غار حرا جي اکيلائين ۾ اکيلا هئا تہ هڪڙي رات تمام ملائڪن جو سردار حضرت جبرئيل امين عَلَيْهِ السَّلَام رب جو پهريون روح پرور پيغام وحي جي صورت ۾ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تائين پهچايو.[1] پوءِ ڪجهہ عرصو وحي نازل ٿيڻ جو سلسلو بند رهيو.

[1] ارشاد الساري،كتاب كيف كان بدءالوحي...الخ،باب1،103/3،تحت الحديث:3

ڪجھ عرصي کان پوءِ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪيڏانهن وڃي رهيا هئا تہ ڪنهن "يا محمد" چئي ڪري پاڻ کي سڏ ڪيو. پاڻ آسمان ڏانهن نگاهه ڪٹي ڏٺائون تہ حضرت جبرئيل جيڪو غار ۾ ايندو هو هاڻي زمين ۽ آسمان جي وچ ۾ هڪ ڪرسي تي وينو آهي. پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي خوف طاري ٿيو، پاڻ گهر آيا ڪمبل اوڍي ڪري ليٹي پيا. ان مهل هي مبارڪ آيتون نازل ٿيون:

يٰۤاَيُّهَا الْمُدَّثِّرُ ۙ﴿۱﴾ قُمْ فَاَنْذِرْ ۪ۙ﴿۲﴾ وَ رَبَّكَ فَكَبِّرْ ۪ۙ﴿۳﴾ وَ ثِيَابَكَ فَطَهِّرْ ۪ۙ﴿۴﴾ وَ الرُّجْزَ فَاهْجُرْ ۪ۙ﴿۵﴾

ترجمو: اي بالا پوش (ڪمبل شريف) اوڍڻ وارا، اٿي بيهہ پوءِ ڊيڄار ۽ پنهنجي رب ئي جي وڏائي چئو ۽ پنهنجا ڪپڑا پاڪ رک ۽ بتن کان پري رهہ. (سيپارو29، المدثر:1 کان 5)



غارِ حراء مسجدِ حرام کان تقريبًا 4 ڪلو ميٹر جي فاصلي تي جبلِ نور نالي پهاڙ ۾ واقع آهي، غار زمين کان تقريبًا 350 ميٹر کان وڌيڪ

اونچائي تي آهي. هن غار جي خاصيت اها آهي تہ ان جي اندران خانۂ ڪعبہ جو نظارو ڊاريڪٽ ممڪن آهي جڏهن تہ هي غار اهڙي جاءِ تي واقع آهي جو سج جون شعائون ان جي اندر داخل ناهن ٿيندیون. غار جي ڏيگهہ تقريبًا 4 ميٽر ۽ ويڪر تقريبًا 1.5 ميٽر آهي. سرڪار عَلَيْهِ السَّلَام جا ڏاڏا عبدالمطلب بہ رمضان جي مهيني ۾ انهيءَ غار ۾ وڃي عبادت ڪندا هئا. اڄ بہ عاشقانِ رسول ان غار جي زيارت سان پنهنجون دليون روشن ڪري رهيا آهن.

پنهنجي رب جو هي حڪم ملندي ئي پاڻ حق جو جهنڊو بلند ڪرڻ ۽ دنيا کي توحيد جي نور سان منور ڪرڻ جو پڪو ارادو فرمايائون.[1]

تبليغ اسلام جوآغاز۽ پهريون مرحلو

الله جي آخري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سپ کان پهرين خفيہ طور تي انهن ماڻهن کي اسلام جي دعوت ڏني جنهن تي پاڻ کي پروسو بہ هو ۽ جيڪي پاڻ جي حالات کان واقف هئا. انهن حالتن ۾ عورتن ۾ سپ کان پهرين حضرت خديجہ، آزاد مردن ۾ حضرت ابوبڪر صديق، چوڪرن ۾ حضرت علي بن ابي طالب، آزاد ڪيل غلامن ۾ حضرت زيد بن حارثہ، ۽ غلامن ۾ حضرت بلال رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُم ايمان قبول ڪيو.[2] تبليغ اسلام جو هي سلسلو ڳجهي طريقي سان جاري رهيو، جهڙي طرح اجايل منڌي ۽ ٽڏي پاڻي جي طرف واجهائي ٿو ائين ئي خوش نصيب روح ديوانہ وار ۽ هن دعوت حق کي قبول ڪرڻ جي لاءِ واجهايا، ٽن سالن جي هن عرصي ۾ مسلمانن جي هڪ جماعت تيار

---

[1] بخاري، كتاب كيف كان بدء الوحي...الخ، باب3، 9/1، حديث:4

[2] المواهب اللدنيہ، المقصد الاول، دقائق حقائق بعثتہ، 115/1

ٿي وئي. هن دوران پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم دارِ ارقم ۾ به رهيا ۽ اتي مسلمانن جي تربيت فرمائيدا رهيا.[1]

تبليغ اسلام جو ٻيو مرحلو

ٽن سالن کان پوءِ هي آيت سڳوري نازل ٿي:

وَ اَنْذِرْ عَشِیْرَتَكَ الْاَقْرَبِیْنَ ﴿۲۱۴﴾

ترجمو: ۽ اي محبوب پنهنجن ويجهن رشتيدارن کي ڊيڄار.
(سيپارو19، الشعراء:214)

جنهن ۾ حڪم ڏنو ويو ته پاڻ پنهنجي قريبي خاندان وارن کي به دعوت اسلام ڏين. پاڻ هڪڙي ڏينهن صفا ٽڪري جي چوٽيءَ تي چڙهي قريش وارن کي سڏيو. قريش قبيلي جا تمام ماڻهو گڏ ٿيا ته الله جي آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: اي منهنجي قوم! جيڪڏهن آئون توهان ماڻهن کي هي چوان ته هن جبل جي پويان هڪڙو لشڪر لڪيل آهي جيڪو توهان تي حملو ڪرڻ وارو آهي ته ڇا توهان ماڻهو منهنجي ڳالهه جو يقين ڪندؤ....؟ ته سيني هڪ زبان ٿي ڪري چيو: هائو! هائو! اسان توهان جي ڳالهه جو يقين ڪري ونڊاسين ڇو ته اسان توهان کي هميشه سچو ۽ امين ئي ڏٺو آهي. پاڻ فرمايو: ته پوءِ آئون هي چوان ٿو ته آئون توهان ماڻهن کي الله جي عذاب کان ڊيڄاريان ٿو ۽ جيڪڏهن توهان ماڻهو ايمان نہ

[1] السيرة الحلبيته، باباستخفائه... الخ، 402/1

آڻيندو تہ توهان تي الله پاڪ جو عذاب ايندو. هي ٻڌي تمام قريش ناراض ٿي موتي ويا انهن ۾ سندن چاچو ابولهب به هو. هو سندن شان ۾ بد زباني ڪرڻ لڳو، پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تہ هن گستاخي جو ڪو به جواب نہ ڏنو پر ڪيس رب ان جي مذمت ۾ قرآن پاڪ جي هڪ مڪمل سورت نازل فرمائي.[1]

تبليغ اسلام جو ٻيون مرحلو

اعلان نبوت جي چوٿين سال سوره حجر جي اها آيت نازل ٿي.

فَاصْدَعْ بِمَا تُؤْمَرُ وَاَعْرِضْ عَنِ الْمُشْرِكِيْنَ ﴿۹۴﴾

ترجمو: سو توهان چٽي طرح چئوس جنهن ڳالهه جو جيڪو توهان کي حڪم آهي ۽ مشرڪن کان منهن موڙي ونو.


(سيپارو14، الحجر:94)

جنهن ۾ الله پاڪ حڪم فرمايو تہ ڪلي ڪري سيني کي دين جي تبليغ فرمايو، ان کان پوءِ رسول ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اعلانيہ طور تي دين اسلام جي تبليغ فرمائڻ لڳا ۽ شرڪ ۽ بت پرستي جي ڪلي ڪري برائي بيان فرمائڻ لڳا اهڙي ماحول ۾ تمام قريش بلڪ پورو عرب سندن مخالفت ڪرڻ لڳو.[2]

---

[1] بخاري،كتاب التفسير،سورة الشعراء،باب لاتخزني يوم يبعثون،294/3،حديث:4770

[2] شرح الزرقاني علي المواهب،المقصدالاول،الاجهار بدعوته،462/1



بیت اللہ کان جبلِ نور ڈانھن غارِ حرا جو رستو

چھون باب

کافرن جا ظلم
۽
هجرتِ حبشہ

Brutality of disbelievers
and migration to Abyssinia

ڪافرن جو پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي ظلم ۽ ستم

اسلام جي علي الاعلان تبليغ شروع ٿيندي ئي ظلم ۽ ستم جون اندر ساڙيندڙ تيز هوائون هلڻ لڳيون. مڪي جا ڪافر بنو هاشم جي انتقام ۽ جنگ جي خطري جي ڪري الله جي آخري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي شهيد ته نه ڪري سگهيا پر جيترو ٿي سگهيو انهن ظلم ۽ ستم جا جبل ٽوڙيا. پاڻ کي ڪاهن، جادوگر، پاڳل چوندا هئا، سندن عظمت جي شان ۾ گستاخانه جملا بڪندا هئا، ننڍولون ڪندا هئا، ڪڏهن گند ڪچرو اڇلائيندا هئا، ته ڪڏهن جانورن جو رت سندن گهر جي رحمت واري دروازي تي هاري ڇڏيندا ها، ڪڏهن رستن تي ڪنڊا اڇلائيندا ها، ته ڪڏهن بدن انور کي نشانو بڻائيندا هئا، هڪ ڀيري جڏهن پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حرم ڪعبہ ۾ سجدو ڪري رهيا هئا ته انهيءَ حالت ۾ عقبہ نالي هڪ ڪافر پٺي مبارڪ تي ڀچي داني (يعني اها کل جنهن ۾ ڏاڇي جو قر لپٽيل هوندو آهي) رکي ڇڏي ڪافر هي منظر ڏسي کلڻ لڳا ۽ تمام گهڻو خوش ٿيڻ لڳا، پوءِ حضرت بيبي فاطمہ سائڻ رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهَا تشريف ونی آيون ۽ ڀچي داني کي اتان کان هٽايائين.[1]

هڪ ڀيري رسولِ رحمت وشفقت صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حرم ڪعبہ ۾ نماز پڙهي رهيا هئا ته عقبہ نالي هڪ ڪافر سندن گردن مبارڪ ۾ چادر جو ڦنڊو وجهي ايتري زور سان ڇڪيائين جو پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو ساهه گهٽجهڻ لڳو. حضرت ابوبڪر صديق رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ هي منظر

[1] بخاري، كتاب الصلوٰة، باب المراة تطرح عن المصلي... الخ، 193/1، حديث: 520

ڏسي ڪري اڳتي وڌيو ۽ ان ڪافر کي ڏڪو ڏئي ڪري هٽايائين بعد ۾ ڪافرن حضرت ابوبڪر صديق رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ تي بہ تشدد ڪيو.[1]

صحابہ ڪرام تي ڪافرن جا ظلم وستم

الله جي آخري نبي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم سان گڏوگڏ ڪافرن صحابي سڳورن تي بہ وڏو ظلم وستم ڪيو هڪ دفعي حضرت ابوبڪر صديق رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ حرم ڪعبہ ۾ خطبو ڏيڻ شروع ڪيو. اهو ڏسي مشرڪ ۽ ڪافر مسلمانن تي تٽي پيا. حضرت ابوبڪر صديق رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ کي ايڏو ماريائون جو سندن چهرو مبارڪ رتو رت ٿي ويو، نڪ، ڪن، سڀ رتو رت ٿي ويا ۽ انهن جو چهرو سجاڻپ ۾ نہ ايندو هو حضرت ابوبڪر صديق رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ بيهوش ٿي ويا ۽ دير تائين بيهوش رهيا.[2]

حضرت خباب رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ ان زماني ۾ اسلام آندو جڏهن صرف چند ئي ماڻهو مسلمان ٿيا هئا. قريشن ان کي ڏاڍو ستايو. ايستائين جو باھ جي ٽاندن تي کين سمهاريو ۽ هڪڙو شخص سندن سيني تي پير رکي بيٺو رهيو. ايستائين جو ان جي پنيءَ مان پگهرجڻ واري چربي سان اهي ڪوئلا وسامي ويا. سڄي زندگي سندن پٺي تي انهن ڪوئلن جا داغ رهيا هڪ ڀيري حضرت عمر فاروق اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ پنهنجي دور خلافت ۾ اهي داغ ڏٺا تہ ان جي دل ڀرجي آئي ۽ روئي ڏنائون.[3]

حضرت بلال رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جي ڳچيءَ ۾ رسي ٻڌي ڪري بازارن ۾

---

[1] بخاري كتاب المناقب الانصار،باب مالقي النبي واصحابہ...الخ،575/2حديث3852
[2] تاريخ ابن عساكر،رقم3398،عبدالله يقال عتيق...الخ،49/30
[3] طبقات ابن سعد،رقم:43،خباب بن الارت،122/3_123

گهليو ويندو هو. ان جي پُڻي تي لڻين جو وسڪارو ڪيو ويندو هو، منجهند جو تيز اُس ۾ گرم گرم واريءَ تي ڪين سمهاري ايڏا ڳرا پٿر سندن ڇاتي تي رکيا ويندا هئا جو سندن زبان ٻاهر نڪري ايندي هئي هن حال ۾ به هي اَحَد اَحَد جا نعرا هڻندو هو.[1]

ائين نہ هو جو صرف مردن کي ئي ظلم وستم جو نشانو بڻايو ويندو هو بلڪ اهي مائون پيئرون جيڪي اسلام قبول ڪنديون هيون انهن کي به تڪليفن جو مقابلو ڪرڻو پوندو هو حضرت عمار بن ياسر جي امڙ سڳوري حضرت سميّہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہَا اها پاڪ واري خاتون آهي جنهن سڀ کان پهرين پنهنجي رت جو نذرانو پيش ڪيو. هي پوڙهي هئي ابوجهل هن کي نيزو هڻي شهيد ڪري ڇڏيو.[2] اسلام جي پهريان شهيد ٿيڻ جو اعزاز انهن کي حاصل آهي.

هجرتِ حبشہ

جڏهن قريش جا ڪافر مسلمانن کي تڪليف ڏيڻ کان نہ مُڙيا بلڪ انهن جي ظلم ۾ واڌارو ٿيڻ لڳو تہ الله پاڪ جي آخري نبي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم پنهنجي جان نثار صحابن کي اجازت ڏني تہ اهي هجرت ڪري حبشہ[3] هليا وڃن[4]. حبشہ جو بادشاه نجاشي عيسائي مذهب تي

---

[1] شرح الزرقاني علي المواهب، المقصد الاول، اسلام حمزة، 498/1


[2] شرح الزرقاني علي المواهب، المقصد الاول، اسلام حمزة، 496/1

[3] موجوده آفريقي ملڪ ايٿوپيا (Ethiopia) جا ڪجهہ علائقا جنهن کي عرب وارا حبشي ڪري سڏيندا هئا. اتي شاهِ حبشہ نجاشي جي حڪومت هئي جيڪو بعد ۾ اسلام جي سعادت سان مشرف پڻ ٿيو، ان جي مزار ايٿوپيا ۾ ئي آهي

[4] شرح الزرقاني علي المواهب، المقصد الاول، الهجرة الاولىٰ الي الحبشة، 502/1

عمل كندو هو ۽ انصاف پسند ۽ نرم دل هو. پوءِ اعلان نبوت جي پنجين سال يارهن مردن ۽ چار عورتن جي هڪڙي قافلي پنهنجي پياري وطن کي ڇڏي حبشي ڏانهن هجرت ڪئي. ان کي هجرت اوليٰ چوندا آهن. ڪجهه ڏينهن کان پوءِ مزيد ڪيئي صحابہ ۽ صحابيات حبشي جي طرف هجرت ڪئي. هيستائين جو حبشہ هجرت ڪرڻ وارن جو تعداد بياسي (82) ماڻهن تائين پهچي ويو.[1] اهو ڏسي قريشن حبشہ جي بادشاه ڏانهن هڪڙو وفد موڪليو، جنهن بادشاه کي زور ڏنو تہ هو هنن مسلمانن کي قريشن جي حوالي ڪري ڇڏي، پر ڪافرن جون اهي ڪوششون ناڪام ٿي ويون.[2]

حبشہ ڏانهن حجرت جو رستو





حبشہ ۾ موجود مسجد نجاشي

[1] شرح الزرقاني علي المواهب،المقصد الاول،الهجرة الثانية الي الحبشة...الخ،31/2

[2] شرح الزرقاني علي المواهب،المقصد الاول،الهجرة الاولي الي الحبشة،506/1

ستون باب

بائیکاٹ
عامُ الحُزن

Boycott and
the year of grief

شعب ابي طالب جو محاصرو

مڪي جي ڪافرن کي اها خوش فهمي هئي ته اهي پنهنجي وحشياڻي ظلم و ستم سان اسلام جي تحريڪ کي يا ته ختم ڪري ڇڏيندا يا ڪمزور ڪندا، پر انهن جي پرپور ڪوششن جي باوجود مسلمانن جو تعداد وڌندو رهيو، هن صورتحال سان اهي بيوس ٿيڻ لڳا تمام قريشن جي سردارن ۽ مڪي جي بين ڪافرن اها اسڪيم ناهي ته الله جي آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۽ پاڻ جي خاندان جو مڪمل بائيڪاٽ ڪيو وڃي. هن تجويز جي مطابق قريش جي تمام قبيلن معاهدو ڪيو ته جيستائين بنو هاشم جي خاندان وارا حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي اسان جي حوالي نه ڪن، ڪو ماڻهو بنو هاشم جي ڪٽنب سان شادي نه ڪري ڪو شخص به هنن ماڻهن جي هٽان ڪنهن قسم جو واپار نه ڪري، ڪو ماڻهو هنن ماڻهن سان ملڻ جلڻ، سلام ڪلام ۽ ملاقات نه ڪري. ڪوبه ماڻهو هنن ماڻهن وٽ ڪائڻ پيئڻ جو سامان وڃڻ نه ڏي منصور بن عڪرمه هن معاهدي کي لکيو ۽ تمام سردارانِ قريش هن تي دستخط ڪري هن دستاويز کي ڪعبي جي اندر لٽڪائي ڇڏيو. ابولهب کان سواء تمام بنو هاشم ابوطالب جي اها گهاٽي جنهن کي هاڻي شعب ابي طالب چوندا آهن ان ۾ محصور ٿي ويا. ان ۾ غير مسلم به شامل هئا جيڪي صرف پنهنجي خاندان جي تعلق جي ڪري پاڻ سان شريڪ هئا.[1] ٽن سالن تائين تمام بنو هاشم هن گهاٽي ۾ رهيا. هي ٽن سالن جو زمانو ايتري قدر ڏکيو هو جو بنو هاشم وٽن جا پن ۽ سڪل چمڙا پچائي پچائي ڪري کائيندا هئا، بک کان تڙپندي ننڍا ٻار ايتري قدر زور

[1] شرح الزرقاني علي المواهب،المقصد الاول،دخول الشعب و خبر الصحيفة،12/2تا14

زور سان روئندا هئا جو انهن جا آواز پري پري تائين ٻڌڻ ۾ ايندا هئا. پر هنن پٿر دل ڪافرن هر طرف ڪان گهاتيءَ تي پهرو ڏياريو هو تہ ڪاڏي پيتي جي ڪا بہ شيءِ اندر نہ وڃي.[1] ٽي(3) سال انهي حالت ۾ گذري ويا تہ الله ڪريم پنهنجي حبيب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪي خبر ڏني تہ هن معاهدي کي اُڏوهي ائين چٽي وئي آهي جو الله جي نالي ڪان سواءِ ان ۾ باقي ڪجهہ نہ رهيو. پاڻ اها خبر ابوطالب کي ڏني هن قريش جي ڪافرن کي وڃي چيو: اي گروهِ قريش! منهنجي پائيٽي مون کي هن ريت خبر ڏني آهي. توهان پنهنجو معاهدو وٺي اچو! جيڪڏهن اها خبر صحيح نڪتي تہ توهان هن ظلم و سختي کان باز ايندو ۽ جيڪڏهن غلط نڪتي تہ آئون پنهنجي پائيٽي کي توهان جي حوالي ڪندس. اهي ان تي راضي ٿي ويا ۽ جڏهن وڃي ڏٺائون تہ انهن جا هوش اڏامي ويا تہ جيئن پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو هو حرف بحرف ائين ئي معاملو هو.[2]

عامُ الحزن يعني غم جو سال

اعلان نبوت جي ڏهين (10) سال جڏهن تہ شعب ابي طالب جي محاصري کي ختم ٿيندي اجا ٿورو ئي وقت گذريو هو. الله جي آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي چاچي ابوطالب جو لاڏاڻو ٿي ويو. ابوطالب جي وفات سان پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪي وڏو صدمو رسيو.[3] ابوطالب جي وفات کي اجا هڪ هفتو بہ نہ گذريو هو جو سندن گهر واري حضرت خديجہ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا بہ دنيا مان پردو فرمائي وئي. مڪي ۾

---

[1] سيرت مصطفيٰ، ص139

[2] شرح الزرقاني علي المواهب، المقصد الاول، الهجرة الثانية... الخ، 37/2ملخصا

[3] شرح الزرقاني علي المواهب، المقصد الاول، وفات خديجة وابي طالب، 38/2

اهي ٻه هستيون اهڙيون هيون جيڪي پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي گهٽو ويجهو هيون. وک وک تي هنن پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي حمايت ۽ مدد ڪئي. جڏهن پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪفر ۽ شرڪ جي تاريڪ انڌيرن ۾ توحيد جو ڏيئو روشن ڪيو تہ ڪافرن جيڪو طوفان بدتميزي جو بپا ڪيو اهي ٻئي هستيون ئي ان ڪنن گهڙيءَ ۾ سندن سهارو ٻڌيون. هنن جي وفات جا حادثا هڪڙي ئي سال ۾ تمام گهٽ مدت ۾ واقع ٿيا ۽ پاڻ ڪي ان سان ڏاڍو رنج ۽ غم ٿيو ۽ ان ڪري پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هن سال کي غم جو سال يعني "عام الحزن" قرار ڏنو.[1]

شعب ابي طالب جي هڪ پراڻي تصوير. هاڻي هيءَ جاءِ مسجدِ حرام ۾ شامل ڪئي وئي آهي



حضرت خديجة الكبريٰ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا جي مزار شريف جي هڪ پراڻي تصوير

[1] شرح الزرقاني علي المواهب،المقصد الاول،وفات خديجة وابي طالب،2/48تا49

اٹھون باب :

سفرِ طائف
ءٍ ھجرتِ مدینہ

Journey to Taif and
migration to Madinah

سفر طائف جا واقعا

حضرت خديجہ ۽ ابوطالب جي انتقال کان پوء ڪافرن جي ظلم ۽ ستم ۾ وڌيڪ اضافو ٿي ويو. انهن جي هن رويي کان پوءِ پاڻ ارادو فرمايو تہ جيڪڏهن پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم طائف وڃي اسلام جي دعوت ڏين، اتان جا سردار ايمان قبول ڪري وٺن ٿا تہ ان سان مسلمانن کي قوت ۽ طاقت ملندي. اهو سوچي پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم طائف جي سفر جو ارادو فرمايو. پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم طائف جي لاءِ پيادل سفر تي نڪتا، پاڻ سان گڏ صرف هڪڙو غلام زيد بن حارثہ هيا. طائف پهچي پاڻ ڪجهہ ڏينهن آرام کان پوءِ اتي جي سردارن سان ملاقاتون ڪيون. ٽن سردارن عبدياليل ۽ انهن جي ٻن پائرن مسعود ۽ حبيب کي اسلام جي دعوت ڏني. مگر انهن دعوت قبول ڪرڻ جي بدران نہ رڳو پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو مذاق اڏايو بلڪ طائف جي بدمعاش ۽ شرير ماڻهن کي پاڻ جن جي پويان لڳائي ڇڏيائون جيڪي جلوس جي شڪل ۾ گڏ ٿيا ۽ پاڻ جن جو تعاقب ڪرڻ لڳا. اهي ماڻهو ٺٺولون ڪندي، گٽا جملا چوندي ۽ بتن جا نعرا لڳائيندي پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پنيان لڳي پيا ۽ پاڻ مٿان پٿر وسائڻ شروع ڪري ڇڏيائون. هنن الله جي آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مبارڪ قدمن کي نشانو بڻايو ۽ ايترا پٿر هنيائون جو پير مبارڪ زخمي ٿي پيا ۽ رت وهڻ لڳو. ايترو رت وهيو جو پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا نعلين مبارڪ رت سان ڀرجي ويا. سندن غلام حضرت زيد بن حارثہ رَضِیَ اللهُ عَنْهُ پاڻ سڳورن کي پٿرن کان بچائڻ جي لاءِ پاڻ اڳيان ايندا ۽ پٿر پنهنجي بدن تي کائيندا هئا جنهن سان اهي پاڻ ۾ رتورت ٿي ويا. جڏهن پاڻ سڳورا سور جي شدت جي ڪري ويهي رهندا هئا تہ ڪو شرير اڳتي وڌندو هو ۽ وڏي بيدرديءَ سان پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

کي جھٹکو ڏيئي ڪري اڇاريندو هو ۽ هلڻ تي مجبور ڪندو هو. جڏهن پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هلڻ لڳندا هئا تہ هي ظالم وري پاڻ تي پٿراؤ ڪندا، گاريون ڏيندا، تاڙيون وڄائيندا ۽ ٺهڪ ڏيندا هئا. نيٺ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم زيد بن حارثہ سان گڏ ويجهو ئي موجود انگورن جي باغ ۾ پناھ ورتي. هي باغ مشهور ڪافر ۽ سندن دشمن عتبہ بن ربيعہ جو هو. پاڻ سڳورن جي حالت ڏسي ڪري اهو بہ پاڻ سڳورن کي رحم پري نگاهن سان ڏسڻ لڳو. هن پاڻ سڳورن جي لاءِ پنهنجي غلام جي هٿ انگورن جو ڳڇو موڪليو جيڪو پاڻ قبول فرمائي ورتو. پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جون ڳالهيون ٻڌي ڪري انگور آڻڻ واري نصراني غلام عداس پاڻ سڳورن تي ايمان آندو ۽ پاڻ سڳورن جي هٿن پيرن کي چمڻ لڳو.[1]



هي طائف ۾ واقع مسجد عداس آهي. چيو وڃي ٿو تہ هي اها ئي جڳهہ آهي جتي سندن زخمي ٿيڻ کان بعد ڪجهہ دير آرام فرمايو هو. ياد رهي تہ طائف (Taif) مڪي پاڪ کان تقريبًا 91 ڪلو ميٽر جي فاصلي تي هڪ شهر آهي. هي سمنڊ جي سطح کان تقريبًا ساڍا پنج هزار فٽ جي اونچائي تي واقع آهي، هتي موسم وڏو خوشگوار رهندو آهي ۽ ايتري گرمي ناهي ٿيندي جيتري عرب جي ٻين علائقن ۾ ٿيندي آهي. هتان جا انگور ۽ شهد (ماکي) تمام گهٹي مشهور آهي. عرب جو هي سڀ کان پهريون شهر آهي جنهن جي چوڌاري ڪوٽ ڏنل هو.

---

[1] شرح الزرقاني علي المواهب،المقصد الاول،خروجه الي الطائف،49/2تا56ملتقطا

سپ کان سخت ڏينهن

کافي عرصو گذرڻ کان پوءِ هڪ ڀيرو حضرت عائشہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہَا الله جي آخري نبي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کان پڇيو: ڇا جنگ اُحد جي ڏينهن کان بہ وڌيڪ سخت ڪو ڏينهن اوهان جي مٿان گذريو آهي؟ تہ پاڻ ارشاد فرمايو: هائو اي عائشہ! اهو ڏينهن منهنجي لاءِ جنگ احد جي ڏينهن کان بہ ڏاڍو سخت هو جڏهن مون طائف ۾ اتان جي هڪڙي سردار "عبدياليل" کي اسلام جي دعوت ڏني ان اسلام جي دعوت قبول نہ ڪئي ۽ طائف وارن منهنجي مٿان پٿراؤ ڪيو، آئون هن رنج ۽ غم ۾ مٿو جهڪائي هلندو رهيس ايستائين جو مقام "قرن الثعالب" ۾ پڄي ڪري مون سڪ جو ساهہ ڪنيو. اتي پهچي جڏهن مون مٿو مٿي ڪنيو تہ ڇا ڏسان ٿو تہ هڪ ڪڪر مون تي ڇانو ڪيل آهي، ان ڪڪر مان حضرت جبرائيل مون کي آواز ڏنو ۽ چيائين تہ الله پاڪ توهان جي قوم جو جواب ٻڌي ورتو آهي ۽ هاڻي توهان جي خدمت ۾ جبلن جو ملائڪ حاضر آهي جو اهو توهان جي حڪم جي تعميل ڪري. پوءِ جبلن جو ملائڪ مون کي سلام ڪري عرض ڪرڻ لڳو اي محمد! الله پاڪ مون کي توهان جي خدمت ۾ موڪليو آهي تہ توهان مون کي جيڪو چاهيو حڪم ڏيو ۽ آئون توهان جي حڪم جي پيروي ڪيان. جيڪڏهن توهان چئو تہ آئون ابوقبيس ۽ قعيقعان اهي ٻئي جبل هنن ڪافرن تي اُٽلائي ڇڏيان تہ آئون اُٽلائي ڇڏيندس. اهو ٻڌي ڪري پاڻ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جواب ڏنو تہ نہ بلڪ آئون اميد ڪريان ٿو تہ الله پاڪ هنن جي نسلن مان پنهنجا اهڙا ٻانها پيدا فرمائيندو جيڪي رڳو الله پاڪ جي ئي عبادت ڪندا ۽ شرڪ ڪونہ ڪندا.[1]

[1] شرح الزرقاني علي المواهب،المقصد الاول،خروجه الي الطائف،51/2

جنن جو اسلام قبول ڪرڻ

الله جا آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهيءَ طائف جي سفر کان واپسي تي مقام "نخلہ" ۾ تشريف فرما ٿيا. رات ۾ جڏهن پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تهجد جي نماز ۾ قرآن پڙهي رهيا هئا تہ "نصيبَين" جي جنن جي هڪڙي جماعت سندن خدمت ۾ حاضر ٿي ۽ قرآن ٻڌي ڪري اهي سڀ جن مسلمان ٿي ويا. پوءِ هنن جنن واپس وڃي ڪري پنهنجي قوم کي تبليغ ڪئي تہ مڪي شريف ۾ جنن جي وڏن وڏن گروهن اسلام قبول ڪيو.[1] قرآن پاڪ ۾ سوره جِنّ جي شروع واري آيتن ۾ الله پاڪ هن واقعي جو ذڪر فرمايو آهي.

مديني شريف ۾ اسلام جي روشني

مڪي شريف کان اُتر پاسي هڪ شهر "يثرب" هو جنهن کي بعد ۾ مدينو[2] قرار ڏنو ويو. پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي هتي تشريف آوري کان پوءِ هن جو نالو "مدينو" ٿيو. سندن اعلان نبوت جي وقت هتي ٻہ قبيلا "اوس" و "خزرج" سان گڏ ڪجهہ يهودي ٻہ رهندا هئا اهي ماڻهو جيتوڻيڪ بت پرست هئا مگر يهودين کان ٻڌي ڪري هنن کي معلوم هو تہ عنقريب الله جي آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

---

[1] المواهب اللدنيہ،المقصد الاول،ذكر هجرته،137/1_138،ملخصاملتقطا

[2] شهر مدينہ (MADINA) جو پورو نالو مدينة النبي آهي.هن شهر جو بنياد اسلام جي نالي تي آهي. هتي مسجد نبوي ۽ حضور عَلَيْهِ السَّلَام جو روضو مبارڪ آهي. هينئر هن شهر جو رقبو تقريبا 589 چورس ڪلوميٽر آهي. مڪي شريف کان هي شهر تقريبا 342 ڪلوميٽر جي فاصلي تي آهي جڏهن تہ اڇڪلهہ رودِ جي ذريعي پنڌ 450 ڪلوميٽر آهي. الله جي آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ظاهري حيات جا تقريباً 10 سال هتي گذاريا. هي شهر عاشقان رسول جي اکين جي ٺڏاڻ آهي.

جي آمد ٿيندي جڙ تہ اهي منتظر هئا تہ کڏهن انهن جي آمد ٿئي ٿي ۽ اسين انهن تي ايمان آڻي کري پنهنجو مقدر سڌاريون. اعلان نبوت جي يارهين (11th) سال رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حج جي موقعي تي اچڻ وارن قبيلن کي اسلام جي دعوت ڏيڻ جي لاءِ منيٰ تشريف ونی ويا. منيٰ ۾ جيڪا گهاٽي آهي جِتي اڄ مسجد العقبہ (عربي ۾ عقبہ گهاٽي کي چوندا آهن) آهي اتي پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تشريف فرما هئا تہ قبيلي خزرج جا ڇهہ ماڻهو پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم وٽ آيا پاڻ انهن ماڻهن کان انهن جو نالو ۽ نسب پڇيو پوءِ قرآن جون ڪجهہ آيتون ٻڌائي انهن ماڻهن کي اسلام جي دعوت ڏني جنهن مان اهي ماڻهو بيحد متاثر ٿيا. واپسي ۾ اهي پاڻ ۾ چوڻ لڳا تہ يهودي الله پاڪ جي جنهن آخري نبي جي ڳالهہ ڪندا رهيا آهن يقينًا هي نبي اهي ئي آهن. لهٰذا ڪٽي ائين نہ ٿئي جو يهودي اسان کان پهرين اسلام جي دعوت قبول کري ونن. اهو چئي کري سي گڏجي مسلمان ٿي ويا ۽ مديني وجي کري پنهنجي خاندان وارن ۽ مائٽن کي بہ اسلام جي دعوت ڏنائون.


بيعتِ عقبہ اوليٰ

اڳئين سال يعني اعلان نبوت جي ٻارهين (12th) سال حج جي موقعي تي مديني جي وڌيڪ ٻارهن (12) ماڻهن منيٰ جي گهاٽي ۾ لکي کري اسلام قبول کيو ۽ پاڻ سردار جي هٿ تي بيعت کيائون. تاريخ اسلام ۾ هن بيعت کي "بيعت عقبہ اوليٰ" (گهاٽي جي پهرين بيعت) چوندا آهن. هن بيعت کي بيعت عقبہ ان کري چوندا آهن جو تہ هي بيعت منيٰ جي ٽکري ۾ عقبہ جي ويجهو ٿي جنهن کي جمرةُ العقبہ بہ چوندا آهن.[1] هنن ماڻهن پاڻ سڳورن

[1] فيضان صديق اكبر، ص 199

صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي درخواست ڪئي تہ اسلام جا احڪام سيکارڻ جي لاءِ ڪو استاد بہ انهن کي ڏنو وجي. پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حضرت مصعب بن عمير رَضِیَ اللهُ عَنْهُ کي انهن سان گڏ مديني شريف موڪلي ڇڏيو انهن اتي وجي ڪري گهر گهر دين جي دعوت ڏني ۽ روزانو ڪوڙ سارا ماڻهو انهن جي دعوت تي اسلام قبول ڪرڻ لڳا ايستائين جو آهستي آهستي هر پاسي دين پکڙجڻ لڳو. اوس قبيلي جي سردار حضرت سعد بن معاذ رَضِیَ اللهُ عَنْهُ بہ انهن جي دعوت تي اسلام قبول ڪيو، حضرت سعد جي اسلام قبول ڪندي ئي انهن جو پورو قبيلو "اوس" مسلمان ٿي ويو.[1]

مسجد عقبہ



منيٰ شريف



[1] المواهب اللدنيہ، المقصد الاول، ذكر هجرتہ، 1/140_142، ملتقطا

بيعتِ عقبہ ثانيہ

هن بيعت جي هڪ سال کانپوءِ يعني اعلان نبوت جي تيرهين (13th) سال حج جي موقعي تي مديني جي تقريباً (72) ماڻهن منيٰ جي انهيءَ گهاٽيءَ ۾ پنهنجي بت پرست ساٿين کان لکي ڪري الله جي آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مبارڪ هٿ تي بيعت ڪئي ۽ اهو عهد ڪيو تہ اسين اوهان جي ۽ اسلام جي حفاظت جي لاءِ پنهنجي جان ۽ مال سي قربان ڪري ڇڏينداسين.[1]

هجرتِ مدينہ

مديني شريف ۾ ايترن ماڻهن جي اسلام قبول ڪرڻ سان جڙ مسلمانن کي هڪڙي پناهه گاهه ملي ويئي. پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم صحابي سڳورن کي عام اجازت ڏيئي ڇڏي تہ اهي هجرت ڪري مديني هليا وڃن. سو سي کان پهرين حضرت ابوسلمہ رَضِیَ اللهُ عَنْهُ هجرت ڪئي.[2] ان کانپوءِ ٻيا ماڻهو بہ مديني روانا ٿيڻ لڳا. جڏهن ڪافرن کي خبر پئي تہ هنن هجرت ڪرڻ وارن کي روڪڻ جون ڪوششون شروع ڪري ڏنيون مگر ماڻهن لکي لکي هجرت جو سلسلو جاري رکيو ايستائين جو ٿوري ئي عرصي ۾ ڪوڙ سارا صحابہ ڪرام مديني شريف هجرت ڪري ويا. هاڻي مکي شريف ۾ صرف اهي ماڻهو رهجي ويا جيڪي يا تہ ڪافرن جي قيد ۾ هئا يا وري غربت جي ڪري هجرت نہ ٿي ڪري سگهيا. الله جي آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي اجا تائين الله ڪريم جي پاران هجرت جو حڪم نہ ٿيو هو تہ


---

[1] المواهب اللدنيہ، المقصد الاول، ذكر هجرتہ، 143/1، ملتقطا

[2] المواهب اللدنيہ، المقصد الاول، ذكر هجرتہ، 143/1

پاڻ مکي ۾ ئي رهيا. سندن حڪم سان حضرت ابوبڪر صديق ۽ حضرت علي المرتضيٰ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُمَا بہ اجا تائين مکي شريف ۾ رُکيل هئا.

رسولِ ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي مديني شريف ڏانهن هجرت جو نقشو



ڪافرن جي ڳڏجاڻي

قريش جا ڪافر هن تمام صورتحال کان ڏاڍا پريشان ٿيا، هي ڏسي ڪري تہ مديني جا ماڻهو اسلام قبول ڪري چڪا آهن ۽ وڌندا پيا وڃن جڏهن تہ مڪي جا ماڻهو بہ اوڏانهن هجرت ڪري رهيا آهن، ايئن نہ ٿئي جو حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بہ مديني هليا وڃن ۽ اتان کان پنهنجن حامين جي فوج وٺي ڪري مڪي تي ڪاهہ ڪن. هي خطرو محسوس ڪري مڪي جي ڪافرن جي وڏن وڏن سردارن "دارُالندوه" ۾ هڪ مشورو ڪيو. ڪافرن جا سڀ وڏا وڏا دانشور هن ڳڏجاڻي ۾ شريڪ ٿيا. مختلف تجويزون ڏنيون ويون جنهن مان ابوجهل جي ڏنل تجويز تي سڀني جو اتفاق ٿيو. هن جو مشورو هي هو تہ هر قبيلي مان هڪ هڪ جوان کي تلوار ڏني وڃي اهي سڀ هڪدم پاڻ سڳورن تي حملو ڪري مَعَاذَ الله پاڻ سڳورن کي شهيد ڪري ڇڏين. تمام قبيلن جا ماڻهو هن ۾ شريڪ هوندا تہ بنو هاشم ڪنهن سان بہ جنگ نہ ڪري سگهندا ۽ خون بها ونڊ تي راضي ٿي ويندا. سڀني هن ڳالهہ تي اتفاق ڪيو ۽ انهن جي مجلس ختم ٿي ويئي. حضرت جبرائيل امين الله ڪريم جو حڪم وٺي نازل ٿيو ۽ هن واقعي جي خبر ڏنائين ۽ چيائين تہ اڄ رات توهان پنهنجي بستري تي نہ سمهجو ۽ هجرت ڪري مديني تشريف وٺي وڃو.

هجرتِ مصطفيٰ

ڪافرن رات جي وقت پنهنجي طئي ٿيل منصوبي جي مطابق پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي گهر مبارڪ کي گهيري ورتو ۽ انتظار ڪرڻ لڳا تہ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سمهي پون تہ اهي حملہ آور ٿين. ان وقت صرف حضرت علي المرتضيٰ رَضِیَ اللهُ عَنْهُ اتي موجود هئا. ڪافر جيتوڻيڪ پاڻ

صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا دشمن هئا پر انهن کي پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي امانت ۽ ديانت تي پورو پروسو هيو. اهوئي ڪارڻ هو تہ اهي پنهنجون امانتون پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم وٽ رکرائيندا هئا. ان وقت بہ ڪيئي امانتون پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي گهر مبارڪ ۾ موجود هيون. الله پاڪ جي آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حضرت علي المرتضيٰ کي فرمايو: تہ توهان منهنجي چادر اوڍي ڪري منهنجي بستري تي سمهي پئو! منهنجي وڃڻ کان پوءِ هي تمام امانتون انهن جي مالڪن جي حوالي ڪري اوهان بہ مديني هليا اچجو. پاڻ متيءَ جي هڪ لَپ ڪنئي ۽ ان تي سورهٔ يٰس شريف مان شروعات جون ڪجهه آيتون تلاوت فرمائي اها متي ڪافرن جي طرف اڇلائي ڇڏي ۽ ان مجمعي مان ڇڪي طرح نڪري ويا، ڪنهن بہ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي نہ سجاتو.[1] پوءِ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حضرت ابوبڪر صديق رَضِیَ اللهُ عَنْهُ سان گڏ غارِ ثور پهتا ۽ ٽي ڏينهن ۽ ٽي راتيون اتي قيام فرمايائون.[2] ان کانپوءِ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مديني شريف تشريف وٺي ويا.





[1] المواهب اللدنيہ، المقصد الاول، ذكر هجرتہ، 144/1، ملخصا

[2] بخاري، كتاب مناقب الانصار باب هجرت النبي... الخ، 593/2، حديث: 3905 ملتقطا

نائون باب:

هجرت کان وٹي صلح حديبيہ تائين

From migration till the Treaty of Hudaybiyyah

مدني سردار مديني ۾

الله جي آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي آمد جي خبر مديني وارن کي ملي چڪي هئي ۽ اهي سندن انتظار ۾ پنهنجون پلڪون وڇايل هئا، مديني جي عورتن ۽ ٻارن تائين جي زبانن تي سندن جي آمد جو ذڪر هوندو هيو. مڪي شريف کان مديني جو فاصلو عموماً 12 ڏينهن ۾ طئي ٿيندو هو، اهي ڏينهن ته هنن انتظار ڪندي گذاري ڇڏيا. ان کان پوءِ انهن کي سڪون نه آيو ۽ اهي پنهنجي شوق جي تڪميل جي لاءِ بيقرار ٿي ڪري اجتماعي ميڙ ۾ پنهنجي آقا جي استقبال جي لاءِ مديني کان ٻاهر هڪڙي ميدان ۾ گڏ ٿي ويندا هئا ۽ جڏهن اُس تيز ٿي ويندي هئي ته حسرت سان گڏ پنهنجن گهرن ڏانهن واپس موٽي ويندا هئا. هر نئين ڏينهن انهن جو اهو ئي معمول هو ته نئين عزم ۽ يقين سان گڏ ايندا هئا ۽ رستي ۾ سراپا شوق بڻجي استقبال جي لاءِ بينا هوندا هئا. هڪڙي ڏينهن پنهنجي معمول مطابق اهل مدينہ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو رستو ڏسي ڪري واپس وڃي چڪا هئا. اوچتو هڪڙي يهودي پنهنجي قلعي مان ڏٺو ته ڪجهه ماڻهن جو قافلو اچي رهيو آهي ته هو سمجهي ويو ۽ هن زور سان پڪاري چيو: اي مديني وارو! توهان جنهن جو روزانو انتظار ڪندا هئا اهو ڪاروانِ رحمت اچي ويو. اهو ٻڌي تمام انصار بدن تي هٿيار سجائي خوشيءَ جي عالم ۾ الله جي آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو استقبال ڪرڻ جي لاءِ پنهنجي گهرن کان نڪري پيا. مديني شريف کان ٽن ميلن جي فاصلي تي جتي اڄ **"مسجد قبا"**

آهي آقا ڪريم عَلَيْهِ السَّلَام اتي ٻارهن ربيع الاول جو تشريف کٹي آيا ۽ عمرو بن عوف جو قبيلو اهو پاڳ وارو قبيلو هو جنهن کي رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سي کان پهرين پنهنجي ميزباني جو شرف بخشيو. هن قبيلي جي هڪڙي سردار حضرت ڪلثوم بن هِدْم رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جي گهر ۾ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم قيام فرمايو. اڪثر صحابہ ڪرام جيڪي پهرين هجرت ڪري مديني منوره آيا هئا اهي ماڻهو بہ هن گهر ۾ ترسيل هئا، حضرت علي رَضِیَ اللهُ عَنْهُ بہ قريش جون امانتون موٽائي ڪري ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ مڪي کان روانا ٿي چڪا هئا ۽ اهي بہ انهي جڳهہ ۾ قيام فرما ٿيا (يعني ترسيا).[1]

مسجد قبا جي تعميرءِ جمعي جي شروعات

الله جي آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم قبا شريف ۾ سي کان پهريون ڪم هي ڪيو جو اتي مسجد تعمير فرمايائون. حضرت ڪلثوم بن هدم رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جي هڪ غير آباد زمين هئي جتي خارڪون سڪايون ويندیون هيون پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اها زمين خريد ڪري اتي مسجد جو بنياد رکيو. اها مسجد اڄ بہ "مسجدِ قبا" جي نالي سان مشهور آهي.[2] ٻن هفتن کان ٿورو وڌيڪ هتي رهي ڪري پاڻ شهر مدينہ جي طرف روانا ٿيا. رستي ۾ بنو سالم جي قبيلي جي مسجد ۾ پهريون جمعو ادا فرمايائون. پوءِ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مديني شهر ۾ تشريف کٹي آيا.

---

[1] دلائل النبوت للبيهقي،باب من استقبل رسول الله...الخ،2/499_500ملتقطا ومدارج النبوت قسم دوم، باب چهارم،2/63ملخصا

[2] وفاءالوفا،الباب الثالث،الفصل العاشر في دخول النبي...الخ،1/250ملتقطا



مسجدِ قبا

فرمانِ مصطفٰي:

”مسجد قبا ۾ نماز پڑهڻ عمري جي برابر آهي“.

(ترمذي، 348/1 حديث: 324)



مسجدِ جمعہ

مديني شريف ۾ قيام

الله جي آخري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جڏهن قبا کان مديني تشريف کڻي آيا تہ کيئي انصاري صحابين عرض کيو: اسان وٽ قيام فرمايو. پر پاڻ ارشاد فرمايو جنهن جڳهہ تي خدا کي منظور هوندو انهي جڳهہ تي منهنجي ڏاچي ويهي رهندي. جتي اڄ مسجد نبوي آهي

انهيءَ جاءِ تي سندن سواري ويٺي. انهيءَ جي پر ۾ حضرت ابوايوب انصاري رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جو گهر هو. حضرت ابو ايوب انصاري پاڻ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کان اجازت ونِي پاڻ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو سامان پنهنجي گهر کڻي ويا ۽ رسول الله صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم انهن جي گهر قيام فرمايو. ست مهينن تائين حضرت ابو ايوب انصاري رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ پاڻ ڪريم جي ميزباني جو شرف حاصل ڪيو. جڏهن مسجد نبوي ۽ ان جي آس پاس جا ڪمرا تيار ٿي ويا تہ پاڻ پنهنجي گهر وارين سان گڏ اتي قيام فرما ٿيا.

مسجد نبوي جي تعمير

مديني شريف ۾ ڪا بہ اهڙي جڳهہ نہ هئي جتي مسلمان جماعت سان نماز پڙهي سگهن ان ڪري مسجد جي اڏاوت بيحد ضروري هئي. الله جي آخري نبي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي رهائش گاهہ جي ويجهو ئي "بنونجار" جو هڪ باغ هو. ان جي زمين اصل ۾ بن يتيمن جي هئي پاڻ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم هنن بنهي يتيم ٻارن کي گهرايو، هنن زمين مسجد جي لاءِ عطيو ڪرڻ چاهي پر الله جي آخري نبي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ان کي پسند نہ فرمايو ۽ حضرت ابوبڪر صديق رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جي مال مان پاڻ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ان جي قيمت ادا فرمائي. زمين برابر ڪري پاڻ پنهنجي هٿن مبارڪن سان مسجد جو بنياد رکيائون ۽ ڪچين سرن جي ٽپ ۽ ڪجيءَ جي ٽنبن تي ڪجين جي پنن سان ڇت ٻڌائي جيڪا مينهن ۾ ٽمندي هئي. ان مسجد جي تعمير ۾ صحابہ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُمْ سان گڏ پاڻ رسول الله صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم بہ سرون کڻي کڻي ڪري آڻيندا هئا.[1] اتي ئي آذان جي شروعات ٿي. شروع ۾ حضرت بلال حبشي

[1] بخاري، كتاب الصلوٰت، باب هل تنبش قبور مشركي الجاهليت...الخ، 165/1 حديث:428 و المواهب اللدنيہ، هجرتہ، 156/1تا 161ملتقطاوملخصا

رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ مسلمانن کي نماز جي لاءِ سڏيندا هئا پوءِ حضرت عبدالله بن زيد انصاري ءِ ٻين صحابين رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُمْ خواب ۾ آذان جا لفظ ٻڌا. پاڻ سڳورن جي حڪم سان حضرت عبد الله بن زيد اهي لفظ حضرت بلال کي سيکاريا ءِ اهي آذان ڏيڻ لڳا.[1] انهيءَ ڏينهن کان شرعي آذان جو طريقو شروع ٿيو جيڪو اڄ تائين جاري آهي ءِ قيامت تائين جاري رهندو.

مسجدِ نبوي جون تصويرون





[1] مواهب اللدنيہ والزرقاني،باب بدء الاذان،163/2

انصارءِ مهاجرياءِ ياءِ

ان وقت تائين مديني شريف ۾ مهاجرن جو تعداد 45 يا 50 هو. انهن جو حال هي هو تہ بي سرو ساماني هئي ۽ ٻار ٻچا، مال ملڪيت سڀ مڪي ۾ رهجي ويا هئا، توڙي جو انصارن انهن جي وڏي مهمان نوازي ڪئي هئي پر مهاجر دير تائين ٻين جي سهاري زندگي گذارڻ پسند ڪونہ ڪندا هئا، تنهنڪري الله جي آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هن جو هي حل ڪڍيو تہ مهاجرن ۽ انصار جي وچ ۾ پائيچارو قائم ڪري انهن کي پاڻ ۾ ياءُ ياءُ ٻڌايو وجي تہ جيئن اهي پاڻ ۾ هڪٻئي جا مددگار ٻڌجي وجن. سو مسجد نبوي جي اڌاوت کان پوءِ هڪڙي ڏينهن حضور عَلَيْهِ السَّلَام حضرت انس بن مالڪ رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جي گهر ۾ انصار ۽ مهاجر صحابين کي گڏ فرمايائون. پاڻ انصار کي مخاطب ڪري فرمايائون تہ اهي مهاجر توهان جا ڀائر آهن. پوءِ مهاجرن ۽ انصارن منجهان ٻہ ٻہ ماڻهو گهرائي ڪري فرمائيندا ويا تہ هي ۽ تون ڀائر آهيو. سندن ارشاد فرمائيندي ئي هي پائيچاري جو رشتو بلڪل حقيقي ياءُ جهڙو رشتو ٻڌجي ويو. سو انصارين پنهنجي مهاجر ڀائرن کي گڏ ونڊي وجي پنهنجي گهر جي هڪ هڪ شيءِ سامهون آڻي رکي چڏي ۽ چئي چڏيائون تہ توهان اسان جا ڀائر آهيو ان ڪري اسان جي گهر جو سامان ٻہ اڌ توهان جو ٿيو اڌ اسان جو ٿيو.[1]

قبلي جي تبديلي

الله جا آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جيستائين مڪي ۾ رهيا ڪعبي شريف جي طرف منهن ڪري نماز پڙهندا رهيا. هجرت کان پوءِ پاڻ

[1] بخاري، كتاب مناقب الانصار، باب اخاء النبي...الخ، 555/2، حديث: 3781 ملخصا

صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مديني شريف ۾ الله جي حڪم سان سيني نمازن ۾ "بيت المقدس" کي قبلو بڻائيندا هئا. اٽڪي طرح 16 يا 17 مهينا گذري ويا. سندن دل ۾ اها ئي تمنا هئي تہ ڪعبي کي ئي قبلو بڻايو وڃي. سو هڪڙي ڏينهن الله جي آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم قبيلي بني سلمہ جي مسجد ۾ بنپهرن (ظهر) جي نماز پڙهائي رهيا هئا تہ نماز جي حالت ۾ ئي اها وحي نازل ٿي:

قَدْ نَرٰى تَقَلُّبَ وَجْهِكَ فِي السَّمَآءِ ۚ فَلَنُوَلِّيَنَّكَ قِبْلَةً تَرْضٰىهَا ۪ فَوَلِّ وَجْهَكَ شَطْرَ الْمَسْجِدِ الْحَرَامِ ؕ

ترجمو: اسان ڏسي رهيا آهيون بار بار اوهان جو آسمان جي طرف چهرو ڪرڻ تہ ضرور اسان توهان کي قبري ڇڏيندا سون ان قبلي جي طرف جنهن ۾ اوهان جي خوشي آهي هاڻي پنهنجو چهرو قبري ڇڏيو مسجد حرام جي طرف. (سيپارو2، البقره:144)



مسجد قبلتين

رسول اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم نماز ۾ ئي پنهنجو چهرو بيت المقدس کان ڦيري ڪري خانهٔ ڪعبہ جي طرف ڪري ورتو ۽ سيني مقتدين بہ سنڈن پيروي ڪئي. هن مسجد کي جتي هي واقعو پيش آيو **"مسجد قبلتين"** چوندا آهن ۽ اڄ بہ اها مسجد ۽ ان جا ٻئي محراب موجود آهن. هي مسجد مديني شهر کان اٽڪل ٻہ ڪلو ميٽر پري اُتر اولهہ جي طرف واقع آهي. انهي واقعي کي **"تحويلِ قبلہ"** چوندا آهن. تحويل قبلہ سان يهودين ۽ منافقن جي ٽولن کي ڏاڍي تڪليف ٿي.[1]

ڪافرن جون سازشون ۽ مسلمانن جون تدبيرون

مسلمان جڏهن هجرت ڪري مديني اچي ويا هاڻي ٽيڊ تہ هي ڪپي ها جو مڪي جا ڪافر هاڻي اطمينان سان وينا رهن ها، پر انهن جي ڪاوڙ ويتر وڌي وئي. هاڻي اهي ماڻهو مديني وارن جا بہ دشمن ٿي ويا. انصارين جي سردار عبد اللہ بن اُبي وٹ انهن خط لکيو تہ توهان مسلمانن کي مديني مان ڪيڊي ڇڏيو يا توهان هنن کي قتل ڪري ڇڏيو نہ تہ اسين توهان تي حملو ڪري توهان کي پنهنجن تلوارن جو مزو چکائينداسين.[2] اهڙي طرح قبيلي اوس جا سردار جڏهن عمرو ڪرڙ مڪي ويا تہ انهن کي بہ مڪي جي ڪافرن ڏمڪيون ڏنيون. ڪافرن رڳو ڏمڪين تي بس ڪو نہ ڪئي بلڪ مديني شريف تي حملي جون باقاعده تياريون شروع ڪري ڏنيون. هنن تمام قبيلن ۾ اها ڳالهہ پهچائي ڇڏي تہ اسين مديني تي حملو ڪري مسلمانن کي ختم ڪري ڇڏينداسين. هنن حالتن جي ڪري

---

[1] مدارج النبوة،قسم سوم،باب دوم،73/2ملخصا

[2] سنن ابي داؤد،كتاب الخراج والفيء...الخ،باب في خبر النضير،212/3حديث:3004

مسلمانن کي پنهنجي حفاظت جي لاءِ کجهہ نہ کجهہ کرڻ ضروري ٿي ويو هو. الله جا آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اجا تائين الله جي حڪم جي مطابق رڳو دليلن ۽ نصيحتن سان ٻين کي دين جي دعوت ڏيندا رهيا ۽ کافرن طرفان ملندڙ تڪليفن تي صبر جو مظاهرو فرمائيندا هئا پر هجرت کان پوءِ جڏهن سمورو عرب ۽ يهودي مسلمانن جا دشمن ٿي ويا ۽ انهن کي مٽائڻ جي لاءِ طرح طرح جو سازشون شروع کري ڏنائون تہ الله کريم مسلمانن کي اها اجازت ڏني تہ جيڪي ماڻهو جنگ جي شروعات کن توهان ٻہ انهن سان جنگ کري سگهو ٿا. ان حالتن ۾ آقا کريم عَلَيْهِ السَّلَام ٻن ڳالهين ڏانهن توجهہ ڏنائون.

(1) مڪي وارن جا جيڪي تجارتي قافلا شام ويندا هئا انهن کي روکيو وڃي ۽ اهو رستو بند کيو وڃي تہ جيئن اهي ماڻهو صلح تي راضي ٿين.

(2) پر پاسي جا جيڪي ٻہ قبيلا آهن انهن سان صلح جا معاهدا کيا وڃن تہ جيئن کافر مديني شريف تي حملو کرڻ جي جرئت نہ کري سگهن. ان جي کري پاڻ خود ٻہ پر پاسي جي قبيلن ڏانهن تشريف وٹي ويندا هئا ۽ ننڍا ننڍا لشکر ٻہ موڪليندا هئا جيڪي مڪي جي کافرن جي نقل وحرڪت تي نظر ٻہ رکندا هئا ۽ قبيلن سان امن ۽ امان جا معاهدا ٻہ کندا هئا. انهيءَ سلسلي ۾ مڪي جي کافرن ۽ انهن جي اتحادين سان مسلمانن جو ٽڪراؤ شروع ٿيو ۽ ننڍين وڏين لڙائين جو سلسلو شروع ٿيو. هنن جنگن کي اسلام جي تاريخ ۾ "غزوات و سرايا" جو نالو ڏنو ويندو آهي.

غزوہءِ سَرِيَّہ جوفرق

اهو جنگي لشڪر جنهن ۾ الله جا آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بذات خود تشريف وٹي ويندا هئا ان کي "غزوہ" چوندا آهن. جڏهن تہ اهو لشڪر جنهن ۾ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم شامل نہ ٿيا ان کي "سَرِيَّہ" چوندا آهن. غزوہ جي جمع "غزوات" ۽ سريہ جي جمع "سرايا" ايندي آهي.[1] غزوات ۽ سرايا جي تعداد جي باري ۾ اختلاف آهي، امام بخاري جي روايت جي مطابق غزوات جو تعداد 19 آهي. انهن مان صرف 9 اهڙيون غزوات آهن جن ۾ جنگ جي نوبت پيش آئي جڏهن تہ گهٽيون اهڙيون هيون جن ۾ لڙائي جي ضرورت ئي نہ پئي.[2] جڏهن تہ سرايا جو تعداد 47 يا 56 آهي.[3]

غزوہ بدر جا سبب

مسلمانن جي ڪافرن سان جيڪا پهرين سڀ کان وڏي جنگ ٿي ان کي "غزوہ بدر" چوندا آهن. بدر[4] مديني شريف کان ڪجهہ فاصلي تي هڪڙي ڳوٹ جو نالو آهي. اتي هڪڙو کوهہ هيو جنهن جي مالڪ جو نالو بدر هو. انهيءَ ڪري هن جاءِ جو نالو بدر مشهور ٿي ويو.[5] غزوہ بدر کان پهرين بہ مسلمانن ۽ ڪافرن جون ننڍيون وڏيون ڪجهہ لڙايون ٿيون هيون. هڪ ڀيري ڪافرن جي هڪڙي ٽولي تہ مديني شريف جي وٹاٹن ۾ اچي ڪري بہ قرلٹ ڪئي. جڏهن تہ

---

[1] مدارج النبوت، قسم سوم، باب دوم 2/ 76

[2] بخاري، كتاب المغازي، باب غزوة العشيرة... الخ، 3/3، حديث: 3949

[3] شرح الزرقاني علي المواهب، كتاب المغازي، 221/2


[4] مديني شهر کان بدر شريف 113 ڪلو ميٹر پري آهي جڏهن تہ بائي روڊ هي پنڌ تقريباً 152 ڪلو ميٹر آهي.

[5] شرح الزرقاني علي المواهب باب غزوة بدر الكبرىٰ، 255/2

هڪڙي لڙائيءَ ۾ هڪڙو ڪافر ٻ مارجي ويو. ان جي موت سان مڪي جا ڪافر پنهنجي وس کان نڪرڻ لڳا. انهيءَ جي ردِ عمل جي ڪري جنگ بدر جو معرڪو پيش آيو. جنگ بدر جو هڪڙو سبب هي ٻ ٿيو ته مديني شريف ۾ اها خبر پهتي ته ڪافرن جو هڪ وڏو قافلو شام جي ملڪ کان واپس مڪي وڃڻ وارو آهي. هن قافلي ۾ ڪافرن جا وڏا وڏا سردار ٻ شريڪ آهن ۽ مال تجارت ٻ گهٽو آهي. الله جي آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو ته ڪافرن جون ٿوليون اسان جي تاڙ ۾ ٻ رهن ٿيون ۽ انهن جو هڪڙو ٽولو ته مديني شهر ۾ ڏاڙو هڻي ويو آهي لهٰذا ڇونہ اسان قريش جي هن قافلي تي حملو ڪري ڏيون. اهڙي ريت انهن جو شام جي واپار جو رستو ڪٽجي ويندو ۽ اهي مجبور ٿي اسان سان صلح ڪري ونندا. سندن اها تجويز ٻڌي ڪري مهاجر ۽ انصار سپ تيار ٿي ويا. سو پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم 12 رمضان 2 هجري جو بنا ڪنهن خاص وڏي جنگي تياري جي نڪتا، جيڪو جنهن حال ۾ هو انهيءَ حال ۾ روانو ٿي ويو. هن لشڪر ۾ مسلمانن سان گڏ نہ گهٽا هٿيار هئا، نہ فوجي راشن جي ڪا وڏي مقدار هئي ڇو ته ڪنهن کي گمان ٻ نہ هو ته هن سفر ۾ ڪا وڏي جنگ ٿيندي. مڪي وارن کي جڏهن خبر پهتي ته مسلمان مديني کان نڪري چڪا آهن ته هنن ٻ جنگ جي لاءِ تياري شروع ڪري ڏني. جڏهن پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ان جو اطلاع مليو ته پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم صحابين سڳورن رَضِیَ اللهُ عَنْهُمْ سان مشورو فرمايو ۽ انهن کي ٻڌائي ڇڏيو ته ممڪن آهي هن سفر ۾ جنگ جي نوبت اچي وڃي مهاجرن ۽ انصارين ٻنهي پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي فرمانبرداري ۽ حفاظت جي عزم (پڪوپهہ) جو اظهار ڪيو. مديني شريف کان هڪ ميل پري پاڻ لشڪر جو جائزو ورتو ۽ ننڍن ٻارن

کي واپس وڃڻ جو حڪم فرمايو. ڪجھ ضروري تدبيرون ڪري پاڻ بدر جي ميدان ڏانھن ھليا جتان کان مڪي جي ڪافرن جي اچڻ جي خبر ھئي. ھاڻي ڪل فوج جو تعداد 313 ھو جنھن ۾ 60 مھاجر ۽ باقي انصار ھئا ھيڏانھن ابوسفيان کي ب مسلمانن جي نڪرڻ جي خبر ملي وئي تہ ھن ب ڪم ڪيا. ھڪ تہ ھن فوراً ھڪ شخص کي مڪي موڪليو تہ اھو قريش کي ان جي خبر ڏي تہ اھي پنھنجي قافلي جي حفاظت جو انتظام ڪن ۽ پاڻ پنھنجو رستو مٹائي ڪري قافلي کي سمنڊ ڏانھن وٹي روانو ٹي ويو.[1] ابو سفيان جو پيغام پھچندي ئي قريش پنھنجي گھرن مان نڪري پيا.

جنگِ بدر جو نقشو



[1] شرح الزرقاني علي المواهب باب غزوة بدرالكبريٰ، 263/2

قريشي سردارھڪ هزار جي تعداد جو اهڙو لشڪر وٹي نڪتا جنهن جو هر سپاهي هٿياربند هو. فوج جي خوراڪ جو انتظام هي هيو تہ قريش جا مالدار ماڻهو واري واري تي روزانو ڏهہ ڏهہ اُٺ ڪُهندا هئا ۽ پوري لشڪر کي کارائيندا هئا. عتبہ بن ربيعہ جيڪو قريش جو سپ کان وڏو رئيس هيو ان پوري لشڪر جو سپهہ سالار هيو. رستي ۾ انهن کي ابوسفيان خبر موڪلي تہ اسان پنهنجو قافلو محفوظ ڪري ورتو آهي لهٰذا باقي ماڻهو واپس موٹي وڃن. هاڻي وڙهڻ جي ضرورت ڪونهي. قريش جا ڪجهہ ماڻهو واپس وڃڻ تي راضي ٿي ويا پر ڪجهہ ماڻهن جنگ ڪرڻ تي اصرار ڪيو ۽ ڪجهہ قبيلن کي ان تي راضي ڪري ورتائون.

قريش جا ڪافر مسلمانن کان پهريان بدر جي ميدان ۾ پهچي ويا ۽ بهترين ۽ مناسب جڳهن تي قبضو ڪري ورتائون. جڏهن تہ مسلمانن کي جنگي اعتبار سان سڀي جڳهہ نہ ملي سگهي. خدا جو شان تہ انهيءَ دوران مينهن وسي پيو جنهن سان ميدان جي مٿي ۽ ريتي جمي وئي جنهن تي مسلمانن جي لاءِ هلڻ ڦرڻ آسان ٿي ويو ۽ ڪافرن جي زمين تي گپ ٿي پئي جنهن سان انهن کي هلڻ ڦرڻ ۾ ڏکيائي ٿي وئي.



بدر ۾ واقع مسجد عريش

جنگ بدر ۾ ڪير ڪٹي مرندو؟

الله جا آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي ڪجهه جان نثارن سان گڏ رات جي پهر جنگ جي ميدان جو معائنو ڪرڻ جي لاءِ تشريف وٹي ويا ۽ لڻ مبارڪ سان زمين تي نشان ناهيندا ويا ۽ فرمائيندا ويا تہ فلاڻو ڪافر هن جڳهه تي قتل ٿيندو، فلاڻي جو لاش هتي هوندو. سو ائين ئي ٿيو، جنهن جڳهه تي پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو هو هر ڪافر جو لاش انهي جڳهه تان مليو.

غزوه بدر جو واقعو ۽ نتيجا

17 رمضان المبارڪ 2 هجري بمطابق 13 مارچ 624 عيسوي تي جمعي جي ڏينهن پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مجاهدن کي صف بندي جو حڪم ڏنو. جنگ جي شروعات ٿي پر ڪو سامان نہ هئڻ جي باوجود صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جانبازي ۽ بهادري جا جوهر ڏيکاريا. انهيءَ غزوه ۾ ابوجهل کي ٻن ننڍي عمر جي صحابين حضرت معاذ ۽ حضرت معوذ رَضِیَ اللهُ عَنْهُمَا واصل جهنم ڪيو. ميدان جنگ ۾ ڪافرن جي وڏن وڏن سردارن جيئن ابوجهل، عتبہ، شيبہ، وغيره جي مرڻ سان مڪي جي ڪافرن جي چيلهه ڇڇي پئي. اهي حوصلو هاري وينا. انهن جا پير اکڙي پيا ۽ اهي هٿيار ڦٽا ڪري ڇڇي نڪتا. مسلمانن ڪافرن کي پڪڑڻ شروع ڪري ڇڏيو. هن جنگ ۾ ڪافرن جا 70 ماڻهو قتل ٿيا ۽ ايترائي قيدي بڻيا. ابوسفيان جو قافلو تہ بچي نڪتو مگر مسلمانن هن جنگ ۾ شاندار ڪاميابي ماڻي، جنهن سان مسلمانن جي شان ۽ شوڪت ۾ اضافو ٿي ويو، هن جنگ ۾ شڪست جي ڪري مڪي جي ڪافرن جي سڃي عزت مٽيءَ ۾ ملي وئي، انهن جي جنگي طاقت فنا ٿي وئي ۽ انهن جا وڏا وڏا سردار مارجي ويا. فتح ڪان پوءِ ٽن ڏينهن تائين پاڻ سڳورن بدر ئي ۾

قيام فرمايائون. ان کان پوءِ قيدين ۽ غنيمت جي مالن سان گڏ مديني شريف جي طرف روانا ٿيا.

شهداءِ بدر

جنگ بدر ۾ ٽوٽل 14 مسلمانن جام شهادت نوش فرمايو. انهن ۾ چهہ مهاجر ۽ اَٺ انصار هئا. 13 صحابي سڳورا عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان ته ميدان بدر ئي ۾ دفن ٿيا جڏهن ته هڪڙي صحابي حضرت عبيده بن حارث رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جو وصال رستي ۾ ٿيو ۽ سندن مزار شريف "صفرا" جي مقام تي آهي.[1] انهي جاءِ تي پاڻ صَلَّی اللّٰہُ عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم مال غنيمت مجاهدن ۾ ورهايو. اُهي صحابي سڳورا رَضِیَ اللّٰہُ عَنْهُمْ جيڪي غزوه بدر ۾ شريڪ ٿيا اهي خصوصي شرف ۽ مرتبي جا مالڪ آهن. هنن سمورن جا وڏا فضائل آهن جن مان هڪڙي فضيلت اها به آهي ته الله جي آخري نبي صَلَّی اللّٰہُ عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمان آهي: بيشڪ الله پاڪ اهل بدر کان واقف آهي ۽ هن هي فرمائي ڇڏيو آهي ته توهان هاڻي جيڪو عمل چاهيو ڪريو بيشڪ توهان جي لاءِ جنت واجب ٿي چڪي آهي يا (هي فرمايو) ته مون توهان کي بخشي ڇڏيو آهي.[2]

قيدين جوانجام

الله جي آخري نبي صَلَّی اللّٰہُ عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم بدر جي قيدين کي صحابہ ڪرام ۾ تقسيم فرمائي ڇڏيو ته اهي انهن جي آرام ۽ ضروريات جو خيال رکن. هنن قيدين جي باري ۾ مشاورت کان پوءِ هي فيصلو ٿيو ته هنن قيدين کان چار چار هزار درهم فديو وٺي ڪري انهن ماڻهن کي ڇڏي ڏنو وڃي. جيڪي ماڻهو مفلسي (سجو هجڻ) جي ڪري

---

[1] شرح الزرقاني علي المواهب باب غزوة بدرالكبريٰ،2/325_328ملخصاوملتقطا

[2] بخاري،كتاب المغازي،باب فضل من شهد بدراً،3/12حديث:3983

فديو نہ پيا ڏئي سگھن اهي ايئن ئي بنا فديي جي ڇڏي ڏنا ويا. هنن قيدين ۾ جيڪي ماڻهو لکڻ ڄاڻندا هئا انهن مان هر هڪ جو فديو هي هو تہ اهي انصار جي ڏهن ڇوڪرن کي لکڻ سيکارين.

غزوہ احد جا سبب ۽ لشڪرن جو تعداد


جنگ بدر کان واپس ويندي ئي کافرن بدلو ونڻ جي لاءِ ٻي جنگ جي تياري شروع ڪري ڏني هئي. پورو هڪ سال هنن جنگ جي تياري ڪئي. هجرت نبوي جي ٽئين سال شوال جي مهيني ۾ قريش جي کافرن پوري تياري ڪري هڪ وڏو ۽ هر لحاظ سان مضبوط لشڪر وٹي ڪري جنگ جي ارادي سان نڪتا. ابوسفيان (جن اڃا تائين ايمان نہ آندو هو اُهي) ان لشڪر جا سپهہ سالار ٻڌيا. رسول ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي چاچي حضرت عباس رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جيڪي خفيہ طور تي ايمان قبول ڪري چڪا هئا ۽ مڪي ۾ رهندا هئا انهن هڪڙو خط لکي ڪري کافرن جي لشڪر جي خبر ڏني.[1]

جڏهن پاڻ تحقيقون ڪرايون تہ پتو پيو کافرن جو لشڪر مديني جي گهٽو ويجهو اچي چڪو آهي. هن صورتحال ۾ پاڻ صحابين سڳورن عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان سان مشورو فرمايو. بزرگ صحابين اها صلاح ڏني تہ شهر جي اندر رهي ڪري دشمنن جو مقابلو ڪيو وڃي ليڪن نوجوان ميدان ۾ نڪري ڪري وڙهڻ پيا چاهين. پاڻ اها صلاح ٻڌي ڪري هٿيار سجايائون ۽ ٻاهر تشريف فرما ٿيا. ايتري ۾ تمام ماڻهو شهر جي اندر رهي ڪري کافرن سان جنگ وڙهڻ تي متفق ٿي ويا. پر پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو تہ الله جي نبي جي لاءِ هي مناسب ناهي تہ اهو هٿيار پائي ڪري لاهي ڇڏي ايستائين جو الله

[1] كتاب المغازي للواقدي،غزوة احد،203/1

پاڪ ان جي ۽ ان جي دشمنن جي وچ ۾ فيصلو فرمائي ڇڏي. لهٰذا هاڻي الله جو نالو وٹي ڪري ميدان ۾ نڪري پئو. پاڻ هن جنگ ۾ هڪ هزار جي فوج وٹي مديني کان ٻاهر نڪتا. رستي ۾ عبدالله بن اُبَي منافق بهانو ڪري پنهنجا 300 ماڻهو جدا ڪري اسلامي لشڪر کان ڌار ٿي ويو. هاڻي اسلامي لشڪر جو تعداد 700 ٿي ويو. پاڻ لشڪر جو معائنو فرمايو ۽ ننڍي عمر جي صحابين کي واپس موڪلائي ڇڏيو.[1]

جبلِ احد | جنگِ احد جو نقشو



جبلِ احد مديني پاڪ جي اتر طرف هڪ پهاڙي سلسلو آهي جيڪو تقريبًا 6 کان 7 ڪلو ميٹر تائين پکڙيل آهي، ان جي ويڪر 2 کان 3 ڪلو ميٹر ۽ اونچائي 350 ميٹر آهي. هي مسجدِ نبوي کان تقريبًا 5 ڪلو ميٹر پري آهي. حديث جي مطابق اهو جنتي پهاڙ آهي ۽ رسولِ خدا عَلَيْهِ السَّلَام سان محبت ڪري ٿو سرڪار عَلَيْهِ السَّلَام ب ان سان محبت ڪن ٿا. انهيءَ جي دامن ۾ (هڪ روايت جي مطابق) 17 شوال 3 هجري مطابق 23 مارچ 625 عيسوي تي معرڪءِ احد پيش آيو.

[1] شرح الزرقاني علي المواهب،باب غزوة احد،394/2تا419ملتقطاوملخصا

ٻئي لشڪر ڏُوبَدو

مشرکن 12 شوال جو ئي مديني شريف جي ويجهو احد جبل تي قبضو جمائي چڏيو هو. الله جا آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جمعي جي ڏينهن 14 شوال تي روانا ٿيا ۽ 15 شوال جو چنچر جي ڏينهن فجر جي وقت احد پهتا. نمازِ فجر کان پوءِ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم صف بندي فرمائي. صفون ٻڌڻ وقت پاڻ پنهنجي پنيان احد جبل کي رکيو. لشکر جي پنيان جبل ۾ هک دَرَّه يعني سوڙهو رستو هو جتان گذري ڪري قريش جا کافر مسلمانن جي صفن تي پنيان کان حملا آور ٿي سگهن پيا. ان ڪري آقا ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هن دَرَّه جي حفاظت جي لاءِ 50 تير اندازن جو هک دستو مقرر فرمايو. حضرت عبدالله بن جبير رَضِیَ اللهُ عَنْهُ کي ان دستي جو آفيسر بڻائي چڏيو ۽ حڪم ڏنو تہ اسان جي شڪست ٿئي يا فتح پر توهان پنهنجي هن جاءِ کي نہ چڏجو.

جنگ جو ميدان

جڏهن جنگ جو آغاز ٿيو ۽ مسلمانن شجاعت ۽ بهادريءَ جا اهڙا اهڙا جوهر ڏيکاريا جو کافر شڪست کائيندي پڄي نڪتا. انهيءَ دوران هڪڙي غلطي سان جنگ جو نقشو بدلجي ويو. اهي تير انداز جن کي ٽڪري جي مٿان مقرر ڪيو ويو هو جڏهن انهن ڏٺو تہ فتح ملي چڪي آهي تہ اهي بہ بين صحابين سان گڏ غنيمت جو مال گڏ ڪرڻ اچي ويا. انهن جي سربراهہ روڪيو پر هنن سوچيو تہ هاڻي تہ جنگ ختم ٿي چڪي هاڻي هتي رُکڻ جو ڪهڙو فائدو؟ حضرت خالد بن وليد جنهن ان وقت تائين ايمان نہ آندو هو انهن جڏهن اهو دَرّه پهريدارن کان خالي ڏٺو تہ پنيان کان حملو ڪري چڏيائون. حضرت عبد الله بن جبير رَضِیَ اللهُ عَنْهُ هن دَرَّه تي ڪجهہ

صحابين سان گڏ انتهائي دليراڻو مقابلو ڪيو مگر اهي سپ جا سپ شهيد ٿي ويا. جنگ جو نقشو بدلجندي ڏسي ڪري پڇندڙ قريش جي ڪافرن جي فوج ۾ پلٽي پئي. هن اوچتي حملي سان پورو منظر تبديل ٿي ويو.[1]

غزوه احد جا ڪجھ واقعا

جنگ جي دوران هڪڙي ڪافر پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي چهري انور تي تلوار هنئي جنهن سان خود (يعني لوهي ٽوپي) جا ڪجھ ٽڪرا سندن چهري مبارڪ ۾ ڪپي ويا. پٽر لڳڻ جي ڪري سندن مبارڪ ڏندن جا ڪجھ ڪنارا ۾ شهيد ٿيا ۽ هينئين پاسي جو مقدس چپ ۾ زخمي ٿي پيو. ڪافرن الله جي آخري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي شهيد ڪرڻ جي پوري ڪوشش ڪئي پر پنهنجي ناپاڪ مقصد کي پورو نہ ڪري سگهيا. بعد ۾ صحابين سڳورن عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان وڌ کان وڌ آقا ڪريم جي حفاظت ڪئي. جڏهن جنگ ختم ٿي تہ ڪافر اتان کان هليا ويا جڏهن تہ مسلمانن پنهنجا شهيد تلاش ڪرڻ شروع ڪري ڏٺا ۽ شهيدن کي ڏسي ڪري مسلمان ڏاڍا پريشان ٿيا. هن غزوه ۾ شهيدن جو تعداد 70 هو. جنهن ۾ 4 مهاجر ۽ 66 انصاري اصحابي شامل هئا. هنن تمام شهيدن کي احد جبل جي دامن ۾ (پر ۾) دفن ڪيو ويو. ۽ ۽ شهيد هڪ هڪ قبر ۾ دفن ڪيا پئي ويا، هن جنگ ۾ 30 ڪافر ۽ ماريا ويا.[2]

واقعہ رجيع

هجرت جي چوٽين سال هي دردناڪ واقعو پيش آيو. قبيلہ عَضَل

---

[1] الاكتفا،ذكر مغازي الرسول،غزوة احد،377/1

[2] شرح الزرقاني علي المواهب،باب غزوة احد،419/2ملتقطاوملخصا ومدارج النبوت،قسم سوم،باب چهارم133/2مفهوما

وَقَارَہ جا چند ماڻهو الله جي آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاه ۾ حاضر ٿيا ۽ عرض ڪيائون: اسان جي قبيلي اسلام قبول ڪري ورتو آهي توهان ڪجهه صحابين سڳورن رَضِیَ اللهُ عَنْهُمْ کي گڏ موڪليو تہ هو اسان کي اسلام سيکارين. پاڻ ڏهن صحابين سڳورن رَضِیَ اللهُ عَنْهُمْ جي هڪ جماعت کي انهن سان گڏ موڪلي ڇڏيو. جڏهن هي قافلو رجيع[1] جي مقام تي پهتو تہ ڪافرن دوکي بازي ڪري ڏني ۽ دوکي سان انهن مان اٺ مسلمانن کي شهيد ڪري وڏائون جڏهن تہ ٻن ڇڻن کي ڪافرن مڪي وڻي وڃي وڪڻي ڇڏيو.[2]

واقعہ بئر معونہ

ماهِ صفر 4 هجري ۾ "بئر معونہ" جو مشهور واقعو پيش آيو. عامر بن مالڪ جيڪو بهادري ۾ مشهور هو اهو الله جي آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ حاضر ٿيو. پاڻ ان کي اسلام جي دعوت ڏني، تہ نہ هن قبول ڪئي نہ ئي نفرت جو اظهار ڪيائين. بلڪ پاڻ سان گڏ ڪجهه چونڊيل صحابين کي موڪلڻ جي درخواست ڪيائين. پاڻ سڳورن فرمايو تہ مون کي نجد جي ڪافرن جي طرف کان خطرو آهي. هن چيو تہ آئون توهان جي صحابين جي جان ۽ مال جي حفاظت جو ضامن آهيان. پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم 70 صحابن کي موڪلي ڏنو. جڏهن اهي صحابہ بئر معونہ جي هنڌ تي پهتا تہ انهن جو قافلہ سالار پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو خط ڪٽي عامر بن طفيل وٽ ويو جيڪو عامر بن مالڪ جو ڀائيٽيو هو. هن انهن کي بہ دوکي سان شهيد ڪرائي ڇڏيو. ويجهو وارن قبيلن کي ملائي ڪري انهن

---

[1] عسفان ۽ مڪي جي وچ ۾ هڪڙي جڳهه جو نالو رجيع آهي. عسفان مديني کان 380 ۽ مڪي کان 93 ڪلو ميٽر پري آهي.

[2] مدارج النبوت، قسم سوم، باب چهارم، 138/2 ملتقطا

صحابين سڳورن عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان تي حملو ڪري ڏنائون. صرف هڪڙي صحابي حضرت عمرو بن اميہ ڪي هنن ڇڏي ڏنو باقي تمام صحابين سڳورن عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان ڪي شهيد ڪري ڇڏيائون. انهن مديني پهچي ڪري جڏهن هي سمورو واقعو الله جي آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪي ٻڌايو تہ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪي شديد صدمو ٿيو.

غزوہ بنو نضير

حضرت عمرو بن اميہ رَضِیَ اللهُ عَنْهُ بئر معونہ جي هنڌ کان واپسي تي ٻن اهڙن ڪافرن کي قتل ڪري ڇڏيو هو جن کي الله جا آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پناهہ ڏئي چڪا هئا. انهن سمجهو تہ هن بئر معونہ تي شهيد ٿيڻ واري صحابہ ڪرام رَضِیَ اللهُ عَنْهُمْ جو بدلو وٺي ڇڏيو آهي پر بعد ۾ انهن کي حقيقت معلوم ٿي. رسول ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان ٻن ڪافرن جي خون بها ڏيڻ جو اعلان فرمايو. انهيءَ باري ۾ گفتگو ڪرڻ جي لاءِ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم قبيلہ بنو نضير جي يهودين وٽ تشريف کڻي ويا جو تہ پاڻ سڳورن جو معاهدو انهن سان ئي هيو. انهن بظاهر وڏي اخلاق جو مظاهرو ڪيو پر هي چال ڪيائون تہ الله جي آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪي صحابہ ڪرام سان گڏ هڪ ڀت جي هيٺان وڏي احترام سان ويهاريو ۽ هڪ شخص کي مٿي موڪلياٸون تہ هو مٿان کان هڪ وزني پٿر انهن تي ڪيرائي ڇڏي تہ جيئن هي سڀ شهيد ٿي وڃن. الله ڪريم پاڻ سڳورن کي ان منصوبي جي خبر ڏني، پاڻ جلدي ۾ اتان کان چپ چاپ اٿيا ۽ صحابين سان گڏ واپس موٽي آيا ۽ مديني شريف موٽي يهودين جي ان سازش جي باري ۾ صحابہ ڪرام کي ٻڌايو. انصار ۽ مهاجرن سان مشوري کان پوءِ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهن يهودين کي پيغام موڪلرايائون تہ اوهان سازش ڪري معاهدو ٽوڙي ڇڏيو، تنهنڪري

هاڻي ڏهن ڏينهن جي اندر مديني شريف مان نڪري وجو. انهن هن ڳالهہ کان انڪار ڪيو تہ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم لشڪر وٹي ڪري نڪتا ۽ يهودين جي قلعي جو گهيرائو ڪري ورتائون. اهو گهيرائو 15 ڏينهن تائين رهيو. ان دوران پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم قلعي جي آس پاس ڪجهہ وٹن کي بہ ڪٹرائي ڇڏيو تہ جيئن انهن ۾ لڪي ڪري يهودي نقصان نہ پهچائي سگهن. تنگ ٹي اهي يهودي ان ڳالهہ تي تيار ٹي ويا تہ هو پنهنجا گهر ۽ قلعو ڇڏي ڏيندا پر پاڻ جيترو سامان انٹن تي کڻي سگهندا اهو کڻي ويندا. پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهن جو اهو شرط منظور ڪيو ۽ بن فردن کان سواءِ جيڪي مسلمان ٹي ويا هئا بنو نضير جا سڀ يهودي 600 اُٹن تي پنهنجو مال ۽ سامان ستي هڪ جلوس جي شڪل ۾ ڳائيندا وڄائيندا مديني مان نڪتا ۽ ڪجهہ تہ خيبر ۾ جڏهن تہ ڪجهہ شام ملڪ ۾ وڃي آباد ٹيا.[1]

غزوہ بنو مصطلق ۽ واقعہ افڪ

مديني شهر کان ڪافي پري قبيلي خزاعہ جو هڪ خاندان "**بنو مصطلق**"[2] آباد هو. شعبان جي مهيني سن 5 هجري ۾ هن قبيلي جي سردار مديني شريف تي چڙهائي جو ارادو ڪيو. تہ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم لشڪر وٹي ڪري هن جي مقابلي جي لاءِ نڪتا. جڏهن هنن ماڻهن کي سندن آمد جي خبر پئي تہ انهن جو سردار ڊڄي ڪري پڄي ويو، قبيلي جي بين ماڻهن مقابلو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پر جڏهن مسلمانن گڏجي ڪري حملو ڪيو تہ ڏهہ ڪافر حملي ۾ مارجي ويا. هڪڙي مسلمان شهادت جو جام پيتو. جڏهن تہ گهٹو مالِ غنيمت هٿ آيو. انهي غزوہ ۾ قيدين سان گڏ امُّ المؤمنين حضرت جويريہ بنت

---

[1] شرح الزرقاني علي المواهب،بئر معونة وحديث بني النضير،2/497_520ملتقطاوملخصا


[2] هاڻي مديني شريف کان هن جڳهہ جو فاصلو تقريبا261ڪلو ميٹر آهي.

حارث بہ هيون. جن کي حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي زوجيت ۾ قبول فرمايو ۽ مسلمانن هن خوشيءَ ۾ تمام قيدين کي آزاد ڪري ڇڏيائون. انهيءَ غزوه کان جڏهن پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم واپس اچڻ لڳا تہ هڪڙي هنڌ تي حضرت عائشہ صديقہ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا کنهن سبب کان پوئتي رهجي وئي. بعد ۾ الله جي آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان اچي ملي وئي. هن کي بنياد بڻائي منافقن معاذ الله حضرت عائشہ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا تي بهتان هنيا ۽ الله پاڪ پاڻ قرآن ڪريم جي سوره نور جي آيت نمبر11 تا 20 ۾ حضرت عائشہ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا جي پاڪي بيان ڪئي ۽ منافقن جي بهتانن کي ڪوڙو قرار ڏنو.

غزوه خندق ۽ ان جو سبب

سن 5 هجري ۾ غزوه خندق جو واقعو پيش آيو. الله جي آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بنو نضير جي يهودين کي معاهدن جي خلاف ورزي جي سبب مديني پاڪ کان ڪڍي ڇڏيو هو. انهن مان کي خيبر وڃي آباد ٿيا. اتي پڃي ڪري خيبر جي يهودين کي گڏ ملائي ڪري انهن عرب جي مشرکن کي پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خلاف جنگ تي پڙکايائون ۽ هر طرح جي امداد جو يقين ڏياريو. عرب جي تمام کافرن اتحاد ڪري مسلمانن سان جنگ وڙهڻ جو ارادو ڪري ورتو. تنهنڪري ان کي غزوه احزاب (تمام جماعتن جي جنگ) بہ چوندا آهن. دشمن جو تعداد 10 هزار هو، ان ڪري حضرت سلمان فارسي رَضِیَ اللهُ عَنْهُ هي مشورو ڏنو تہ مناسب هي آهي تہ شهر جي اندر ويهي ڪري دفاع ڪيو وڃي. جنهن پاسي کان کافرن جي حملي جو خطرو آهي ان طرف هڪ خندق (کاهي) کوٽي وڃي. مديني جي ٽن طرفن کان ڇا ڪاڻ تہ گهرن جون سوڙهيون گهٽيون ۽ ڪچن جا گهاٽا باغ هئا ان ڪري انهن تنهي پاسن کان حملي جو امڪان نہ هو

رڳو هڪڙي طرف جو علائقو هو جيڪو کليل هو. لهٰذا اهو طئي ٿيو تہ انهي پاسي گهري خندق (کاهي) کوٽي وڃي سو 8 ذوالقعد سن 5 هجري جو الله جا آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ٽن هزار صحابين سڳورن رَضِیَ اللهُ عَنْهُمْ کي پاڻ سان گڏ وٹي خندق (کاهي) کوٽڻ ۾ مصروف ٿي ويا. پاڻ خود پنهنجي مبارڪ هٿن سان خندق جي حدبندي فرمائي ۽ ڏهه ڏهه ماڻهن تي ڏهه ڏهه گز زمين تقسيم فرمائي ڇڏي. اٽڪل ويهہ ڏينهن ۾ اها خندق تيار ٿي وئي. خندق 300 ميٽر ڊگهي ۽ 9 ميٽر ويڪري هئي جڏهن تہ خندق جي اونهائي 5 ميٽر هئي.



جنگ خندق جو نقشو

ان زماني ۾ خندق (کاهي) جو جنگ ۾ استعمال اهلِ عرب جي لاءِ هڪ نئون تجربو ثابت ٿيو ۽ هن غزوه ۾ کاميابي جي سببن منجهان هڪڙو سبب اها خندق بڻي. کافرن جو لشکر جڏهن اڳتي وڌيو تہ سامهون خندق ڏسي کري کافر حيران ٿي ويا. هنن مديني شريف جو گهيراؤ کري ورتو ۽ اٹکل هڪ مهيني تائين گهيراؤ کندا رهيا. هي گهيراؤ هن سختي سان گڏ قائم رهيو جو الله جي آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۽ صحابہ کرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان کيئي کيئي فاقا کيا. کجهہ کافرن هڪڙي هنڌان خندق پار کري ورتي پر جڏهن انهن جا وڏا وڏا ويڑهاک قتل کيا ويا تہ باقي واپس پڄي ويا. هن جنگ ۾ مسلمانن مان ڇهہ ڄڻن جام شهادت نوش کيو. ابوسفيان جيڪي ان وقت کافرن جي لشکر جا سالار هئا، سخت سردي، ڊگهي گهيراؤ ۽ فوج جي راشن جي ختم ٿيڻ سان تنگ اچي ويا. ان وقت الله پاک انهن تي اهڙي آنڌاري مسلط فرمائي جڏي جنهن سان کافرن جي لشکر جون ديڳيون اونڌيون ٿي ويون، خيما پٽجي ويا.الغرض! اهڙي صورتحال پيش آئي جو کافرن وٽ پڄڻ کان سواء ٻيو کو بہ رستو نہ بچيو.

غزوه بني قريظ

غزوه خندق جي دوران ئي بنو قريظ معاهدو ٽوڙي کري کافرن جو سات ڏنو. ان جي سزا ڏيڻ جي لاءِ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم غزوه خندق کان فوراً پوءِ بنو قريظ جي طرف لشکر وٹي روانا ٿيا. 25 ڏينهن جي گهيراؤ کان پوءِ انهن هٿيار ڦٽا کيا ۽ چيائون تہ حضرت سعد بن معاذ رَضِیَ اللهُ عَنْهُ انهن جي باري ۾ جيکو فيصلو کندا اهو ئي تسليم کندا. حضرت سعد جي فيصلي جي مطابق انهن جي ويڑهاکن کي قتل کيو ويو، عورتن ۽ ٻارن کي قيدي بڻايو ويو ۽

انهن جي مالن کي مجاهدن ۾ ورهايو ويو. ياد رهي تہ بنو قريظہ پاڻ ئي حضرت سعد بن معاذ کي بطور ثالث (ٿياڪڙ) چونڊيو هو ۽ پوءِ انهن جي فيصلي تي عملدرآمد ٿيو، جڏهن تہ حضرت سعد جو فيصلو بنو قريظہ جي مذهبي تعليمات جي روشني ۾ هو.

عمري جوارادوءِ عجيب معجزو

هجرت جي ڇهين (6th) سال ذوالقعد جي مهيني ۾ الله جا آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم 1400 صحابين سڳورن عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان سان گڏ عمري جو احرام ٻڌي ڪري مڪي جي لاءِ روانا ٿيا. پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي خطرو هو تہ مڪي جا ڪافر اسان کي عمرو ادا ڪرڻ کان روڪيندا ان ڪري پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اڳ ۾ ئي قبيلہ خزاعہ جي هڪ شخص کي مڪي موڪلي ڇڏيو هو تہ جيئن اهو مڪي جي ڪافرن جي ارادن جي خبر آڻي. جڏهن سندن قافلو مقام **"عسفان"** جي ويجهو پهتو تہ اهو ماڻهو هي خبر ڪٽي ڪري آيو تہ مڪي جي ڪافرن عرب جي تمام قبيلن جي ڪافرن کي گڏ ڪري هي چئي ڏنو آهي تہ مسلمانن کي هرگز هرگز مڪي ۾ داخل ٿيڻ نہ ڏنو وڃي. سو قريش جي ڪافرن پاڻ سان مليل تمام قبيلن کي گڏ ڪري هڪ فوج تيار ڪري ورتي ۽ مسلمانن جو رستو روڪڻ لاءِ مڪي کان ٻاهر نڪري ڪري هڪ هنڌ تي ترسي پيا. جنهن رستي تي ڪافرن جي فوج هئي الله جا آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان رستي کان هٽي ڪري سفر فرمائڻ لڳا ۽ عام رستي کان هٽي ڪري اڳتي وڌيا ۽ مقام **"حديبيہ"** ۾ پهچي اتي پڙاءَ ڪيائون. اتي پاڻيءَ جي ڏاڍي ڪوٽ هئي، هڪڙو ئي ڪوهہ هو. اهو ڪجهہ ڪلاڪن ئي ۾ سڪي ويو. جڏهن صحابہ ڪرام رَضِیَ اللهُ عَنْهُمْ اُڃ سبب بيتاب ٿيڻ لڳا تہ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هڪ وڏي پيالي ۾ پنهنجو هٿ مبارڪ وجهي ڇڏيو ۽ سندن مقدس

آگرين مان پاڻي جو چشمو جاري ٿي ويو. پوءِ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم خشڪ کوھ ۾ پنھنجي وضوءَ جو استعمال ڪيل پاڻي ۽ پنھنجو ھڪ تير وجھي ڇڏيو تہ کوھ ۾ ايتري قدر پاڻي اپري پيو جو سمورو لشکر ۽ تمام جانور ان کوھ مان ڪيئي ڏينھن تائين ڏئو ڪري پاڻي پيئندا رھيا.



حديبيہ جي علائقي ۾ واقع مسجد شميسي



حديبيہ ۾ واقع کوھ

حديبيہ ھڪ علائقو آھي جيڪو مڪي پاڪ کان تقريبًا 24 ڪلو ميٹر جي فاصلي تي واقع آھي. ھتان جو ڪجھ علائقو حرم ۾ ۽ ڪجھ حل يعني حرم کا باھر آھي. ھاڻي ھي جاءِ شميسي جي نالي سان مشھور آھي.

بيعتُ الرضوان

مقام حديبيہ ۾ پهچي ڪري الله جي آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڏنو تہ قريش جا ڪافر لشڪر وٹي ڪري جنگ جي لاءِ تيار آهن. جڏهن تہ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۽ سندن صحابہ حالت احرام ۾ آهن. ان ڪري پاڻ مناسب سمجهيو تہ هنن سان صلح جي گفتگو ڪئي وڃي. انهيءَ ڪم جي لاءِ پاڻ حضرت عثمان غني رَضِیَ اللهُ عَنْهُ ڪي مڪي موڪليو. انهن مڪي شريف پهچي قريش جي ڪافرن ڪي صلح جي دعوت ڏني. ڪافرن انهن ڪي چيو اسين توهان ڪي اجازت ڏيون ٿا تہ توهان ڪعبي جو طواف ڪريو، صفا ۽ مروه جي سعي ڪريو، پر اسان محمد (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) ڪي هرگز ڪعبي ۾ اچڻ نہ ڏينداسين. حضرت عثمان رَضِیَ اللهُ عَنْهُ فرمايو الله جي آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بغير آئون ڪڏهن بہ عمرو نہ ڪندس. ڳالهہ وڌي ويئي ۽ ڪافرن پاڻ رَضِیَ اللهُ عَنْهُ ڪي مڪي ۾ روڪي ڇڏيو. حديبيہ جي ميدان ۾ اها خبر مشهور ٿي وئي تہ قريش جي ڪافرن حضرت عثمان رَضِیَ اللهُ عَنْهُ ڪي شهيد ڪري ڇڏيو. پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪي جڏهن اها خبر پهتي تہ پاڻ فرمايو عثمان جي خون جو بدلو ونڻ فرض آهي. اهو فرمائي پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هڪ وڻ جي هيٺان ويهي رهيا ۽ صحابين سڳورن رَضِیَ اللهُ عَنْهُمْ ڪي فرمايائون تہ توهان سڀ منهنجي هٿ تي ان ڳالهہ جي بيعت ڪريو تہ آخري دم تائين توهان منهنجا وفادار رهندا. تمام صحابين هي عهد وٹي پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بيعت ڪئي. اها ئي اُها بيعت آهي جنهن جو نالو تاريخ اسلام ۾ "بيعتُ الرضوان" آهي. هن وڻ ۽ ان جي هيٺان ٽيڻ واري بيعت جو ذڪر قرآن پاڪ ۾ ٻن هنڌن سوره مائده جي آيت نمبر 7 ۽ سوره فتح جي ڪيئي آيتن ۾ آيو آهي. هي

بيعت ٿيڻ کان پوءِ معلوم ٿيو تہ حضرت عثمان غني رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جي شهادت جي خبر غلط هئي اهي حيات هئا ۽ ٹيڪ هئا.

صلح حديبيہ ۽ ان جا ڪارڻ

الله جا آخري نبي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ۽ سندن صحابہ عمري جي ارادي سان نڪتا هئا. ان ڪري قرباني جا جانور بہ پاڻ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم سان گڏ هئا. پر ڪافرن قسم ڪٹي ورتا تہ اسان جيئري مسلمانن کي ڪعبي شريف تائين پهچڻ نہ ڏيندا سين. جڏهن پاڻ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي طرف کان صلح جو پيغام ڪٹي ڪري حضرت عثمان غني رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ مڪي شريف تشريف وني ويا تہ قريشن بہ پاڻ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جي خدمت ۾ ڪجهہ ماڻهو ڳالهہ ٻولهہ جي لاءِ موڪليا پر ڳالهہ نہ ٿهي سگهي. پوءِ قريشن بہ سهيل بن عمرو کي صلح جون شرطون طئي ڪرڻ جي لاءِ موڪليو جنهن جي نتيجي ۾ صلح حديبيہ جو معاهدو طئي ٿيو. هن معاهدي جا ڪجهہ شرط هي آهن:

(1) مسلمان هن سال بغير عمري جي واپس هليا وڃن. (2) ايندڙ سال عمري جي لاءِ اچي سگهن ٿا پر مڪي ۾ صرف ٽي ڏينهن ترسندا. (3) ايندڙ 10 سالن تائين ڪابہ لڙائي نہ ڪئي ويندي. (4) عرب جا قبيلا جنهن سان چاهين دوستي جو معاهدو ڪري سگهن ٿا. (5) مڪي کان ڪوبہ مسلمان مديني هليو ويو تہ ان کي موٽائڻ ضروري هوندو.

قرآن پاڪ ۾ هن صلح کي "**فتح مبين**" فرمايو ويو. بظاهر هي معاهدو مسلمانن جي خلاف هو پر ان کان پوءِ ٿيڻ وارن واقعن ٻڌائي ڇڏيو تہ اها ئي صلح بعد ۾ ٿيڻ واري فتوحات جي ڪنجي ثابت ٿي.

حدیبیہ کان
پوءِ
رحلت شریف تائین

After Hudaybiyyah till
Blessed apparent demise

بادشاهن ڏانهن اسلام جي دعوت

صلح حديبيہ کان پوءِ هر طرف امن ۽ سکون جي فضا قائم ٿي وئي. الله جا آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جيئن ته تمام جهان جي طرف نبي آهن، ان کري پاڻ ارادو فرمايو ته اسلام جو پيغام تمام دنيا تائين پهچايو وڃي. ان کري پاڻ مختلف بادشاهن ڏانهن قاصدن جي ذريعي خط روانا کيا. هن جو خلاصو هي آهي:

قاصد جو نالو	شهر/ ملک	بادشاه/ امير	رويو ۽ نتيجو
حضرت دحيہ کلبي	بيت المقدس	هرقل(قيصرروم)	اسلام جي حقانيت جو قائل ٿيو، پر سلطنت جي لالچ ۾ کلمي پڙهڻ کان محروم رهيو.[1]
حضرت عبدالله بن حذافہ	طيسفون	کسريٰ (خسرو پرويز)	خط کي ڦاڙي ڇڏيائين، ان جي پٺ ان کي قتل کري ڇڏيو حضرت عمر رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جي دور ۾ ان جي حڪومت جو خاتمو ٿي ويو[2]
حضرت عمروبن اميہ	اکسوم	اصحمہ نجاشي	خط جي تعظيم کيائين ۽ اسلام قبول کري ورتائين[3]
حضرت حاطب بن ابي بلتعہ	اسڪندريہ	مقوقس(شاهِ مصر)	خط جي تعظيم کيائين پر مسلمان نہ ٿيو، قيمتي

[1] بخاري، کتاب بدء الوحي، باب6، 12/1، حديث:7 ملخصا
[2] سبل الهدي والرشاد، ابواب ذكر رسله...الخ، الباب الهادي والعشرون...الخ، 362/11 ملخصا
[3] سبل الهدي والرشاد، ابواب ذكر رسله...الخ، الباب السابع والعشرون...الخ 365/11

			تحفا پاڻ عَلَيْهِ السَّلَام جي طرف موڪليائين.[1]
حضرت علاءبن حضرمي	بحرين	منذر بن ساويٰ	خط جي تعظيم ڪيائين ۽ قوم جي اڪثر ماڻهن سان گڏ اسلام قبول ڪيائين.[2]
حضرت عمرو بن عاص	عمان	جُلَندي جا ٻہ پٽ جَسفَر ۽ عبد	خط جي تعظيم ڪيائون، ٻنهي جڻن اسلام قبول ڪري ورتو[3]
حضرت سليط بن عمرو	يمامہ	هوذه بن علي	خط جي تعظيم ڪيائين،قاصد جو ٻہ احترام ڪيائين، پر حڪومت جي بدلي ۾اسلام قبول ڪرڻ جو شرط رکيائين جيڪا منظور نہ ٿي.[4]
حضرت شجاع بن وهب	غوطہ(دمشق)	حارث بن ابي شمر غساني	مغرور خط کي پڙهي ڪاوڙجي پيو ۽ پنهنجي فوج کي تياري جو حڪم ڏئي ڇڏيائين. ان جي ڪري "غزوه موتہ ۽ غزوه تبوڪ" جهڙا معرڪا پيش آيا.[5]

[1] سبل الهدي والرشاد،ابواب ذكر رسله...الخ،الباب الخامس...الخ،11/348_349
[2] شرح الزرقاني علي المواهب،واما مكاتبته الي الملوك وغيرهم،5/34_36ملخصا
[3] شرح الزرقاني علي المواهب،واما مكاتبته الي الملوك وغيرهم،5/37_43ملتقطا
[4] مدارج النبوت،2/228_229،ملخصا
[5] سبل الهدي والرشاد،ابواب ذكر رسله...الخ،الباب الحادي والعشرون...الخ،11/358_359ملخصا،سيرت مصطفيٰ،ص373

غزوہ خيبر ۽ ان جا سبب

محرم الحرام جي مهيني ۾ غزوہ خيبر جو معرکو ٿيو. هڪ قول هي آهي تہ هي 7 هجري جو واقعو آهي. **"خيبر"** عرب ۾ يهودين جو سڀ کان وڏو مرڪز هو. اتان جا يهودي وڏا دولتمند، مالدار ۽ جنگين جا ماهر هئا. هنن هتي ڏاڍا مضبوط قلعا ناهي رکيا هئا، جن مان اَٺ قلعا ڏاڍا مشهور آهن. انهن اٺ قلعن جي مجموعي کي **"خيبر"** چيو ويندو آهي.[1]


جنگِ خندق ۾ جنهن کافرن مديني شريف تي حملو ڪيو هو انهن ۾ خيبر جا يهودي سڀ کان اڳتي هئا. اهي ئي هن جنگ کي پڙکائڻ وارا ۽ هن جنگ جو بنياد رکڻ وارا هئا. انهن ئي مکي جي کافرن کي مديني شريف تي چڑهائي ڪرڻ تي اڀاريو هو ۽ انهن جي مالي مدد ڪئي هئي. غزوہ خندق ۾ ٽيڻ واري رُسوائيءَ انهن کي وڌيڪ کاوڑ ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو. انهن ٻين قبيلن کي گڏ ملائي ٻيهر مديني شريف تي حملي جون سازشون شروع ڪري ڏنيون.[2] الله جي آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي جڏهن انهن جي سازشن جو علم ٿيو تہ سورهن سؤ صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جي لشڪر سان گڏ خيبر روانا ٿيا.[3]

---

[1] شرح الزرقاني علي المواهب،باب غزوة خيبر،243/3ملتقطا

[2] سيرت مصطفي،ص381ملخصا

[3] خيبر (Khaybar) مديني شريف کان اتر طرف تبوڪ (Tabuk) وڃڻ واري رستي تي واقع آهي، مديني شريف کان هن جو فاصلو اٽڪل 153 ڪلوميٽر آهي. هتان جي زمين زرخيز ۽ علائقو سڀين کجورن جي پيداوار لاءِ مشهور هو. هتي ايتري ڪثرت سان باغ هئا جو شهر نظر نہ ايندو هو. هاڻي نئون شهر پراڻي علائقي کان هٽي ڪري واقع آهي.



خيبر جي قلعي جون تصويرون جيڪو ان وقت جي يهودين جو عسڪري مرڪز هيو

رات جي وقت پاڻ خيبر جي حدن ۾ داخل ٿيا، سندن عادت مبارڪ هئي تہ رات جي پهر ڪنهن بہ قوم تي حملو نہ ڪندا هئا، نمازِ فجر کان پوءِ شهر ۾ داخل ٿيا. يهودين قلعن ۾ رهي ڪري جنگ وڙهڻ جو منصوبو ٺاهيو. هوريان هوريان تمام قلعا فتح ٿي ويا. خيبر جو سڀ کان وڏو ۽ مضبوط قلعو "قموص" هو جنهن کي حضرت علي رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ فتح فرمايو. خيبر ۾ ٽيڻ وارن معرڪن ۾ 93 يهودي قتل ٿيا جڏهن تہ 15 صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان شهيد ٿيا.[1] فتح کان پوءِ يهودين درخواست ڪئي تہ انهن کي خيبر مان نہ ڪڍيو وجي ۽ زمين بہ انهن جي قبضي ۾ رهڻ ڏني وجي، هتان جي پيداوار جو اڌ

[1] شرح الزرقاني علي المواهب،باب غزوة خيبر،3/352_353ملتقطا

حصو انهن کان ورتو وڃي. الله جي آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهن جي درخواست منظور فرمائي. جڏهن اناج تيار ٿي ويو تہ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حضرت عبدالله بن رواحہ رَضِیَ اللهُ عَنْهُ کي ان جي تقسيم جي لاءِ موڪليو. انهن اناج کي ٻن حصن ۾ برابر برابر تقسيم ڪيو ۽ يهودين کي چيائون جيڪو حصو وٺي سو کٽو. هن ورهاست تي اهي حيران ٿي چوڻ لڳا: زمين ۽ آسمان انهيءَ عدل جي ڪري قائم آهن.[1] خيبر جي فتح سان گڏ ٻيا کوڙ سارا علاقا بہ فتح ٿيا، ڪجهہ مقامات تي جنگ ٿي ۽ ڪجهہ علاقا بغير جنگين جي فتح ٿيا.[2]

عمرةُ القضا جي ادائيگي

حديبيہ جي مقام تي جيڪا صلح ٿي هئي ان ۾ هڪڙو شرط هي بہ هو تہ مسلمان ايندڙ سال اچي ڪري عمرو ادا ڪندا ۽ ٽن ڏينهن تائين مڪي شريف ۾ رهندا. هڪ سال مڪمل ٿيڻ تي ذوالقعد جي مهيني سن 7 هجري ۾ الله پاڪ جي آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اعلان ڪري ڇڏيو تہ جيڪي ماڻهو پوئين سال حديبيہ ۾ شريڪ هئا اهي سڀ هلن. شهيد ٿيڻ وارن کان سواءِ باقي سمورن صحابين اها سعادت حاصل ڪئي. پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم 2 هزار مسلمانن سان گڏ مڪي شريف روانا ٿيا. 60 اُٺ بہ قرباني جي لاءِ ساڻ هئا.[3] جڏهن الله جا آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حرمِ مڪہ ۾ داخل ٿيا تہ ڪجهہ ڪافِرَ ويجهي جبلن تي چڙهي ڪري هي منظر ڏسي رهيا هئا، پاڻ ۾ چوڻ لڳا اهي ٻلا ڪيئن طواف ڪندا انهن کي تہ بُک ۽ بُخار ڪمزور

---

[1] فتوح البلدان، ص33_35ملتقطا
[2] شرح الزرقاني علي المواهب، باب غزوة خيبر، 303/3ملخصا
[3] شرح الزرقاني علي المواهب، باب غزوة خيبر، 314/3ملخصا

ڪري ڇڏيو آهي. پاڻ حرمِ مڪي ۾ پهچي ڪري چادر کي اهڙي طرح اوڍيائون جو سندن ساڄو ڪلهو ۽ ٻانهن مبارڪ کلي ويا[1] ۽ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: خدا ان تي پنهنجي رحمت نازل فرمائي جيڪو هنن ڪافرن جي سامهون پنهنجي قوت جو اظهار ڪري. پوءِ پاڻ صحابہ ڪرام سان گڏ شروع جي ٽن چڪرن ۾ ڪلهن مبارڪن کي لوڏي لوڏي ڪري ۽ خوب آڪڑجي هلندي طواف ڪيو.[2] اها سنت اڄ بہ باقي آهي، هر طواف ڪرڻ وارو شروع جي ٽن چڪرن ۾ ان تي عمل ڪندو آهي. پوءِ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم صفا ۽ مروه جي سعي فرمائي ۽ قرباني جا جانور ذبح ڪيا. ٽن ڏينهن تائين پاڻ مڪي شريف ۾ تشريف فرما رهيا، ان کان پوءِ واپس مديني شريف تشريف وٺي ويا. جيئن تہ هي عمرو هڪ سال پهرين واري عمري جي ڪري هو ان ڪري هن کي عمرة القضا چوندا آهن.[3]

غزوه موتہ جا سبب

"مَوْتَہ" ملڪ شام ۾ هڪڙو هنڌ آهي. هن جنگ جو سبب هي ٿيو جو الله جي آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم "بصريٰ"[4] جي بادشاه قيصر جي نالي

---

[1] هن کي اضطباع چوندا آهن

[2] هن کي عربي زبان ۾ "رَمَل" چوندا آهن

[3] شرح الزرقاني علي المواهب،باب غزوة خيبر،3/315_324ملخصا

[4] بُصریٰ هي شام جو هڪ علائقو آهي جتي ان وقت شرحبيل بن عمرو گورنر هو، هي ملڪ روم جي بادشاه قيصر جو باج گذار (ڏل ڏيندڙ) هو. ياد رهي تہ بُصريٰ ۽ بَصره بہ الڳ الڳ شهرن جا نالا آهن. بصره شهر حضرت عمر پنهنجي دورِ حڪومت ۾ فوجي ڇانوٽي جي طور تي آباد ڪرايو هو.

خط لکي ڪري حضرت حارث بن عمير رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جي هٿ روانو فرمايو. رستي ۾ شرحبيل بن عمرو، قاصد کي شهيد ڪري ڇڏيو. جڏهن پاڻ سڳورن تائين اها خبر پهتي ته پاڻ صَلَّی اللّٰہُ عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي گهٽو صدمو ٿيو. ان وقت پاڻ ٽي هزار مسلمانن جو لشڪر تيار فرمايو ۽ پنهنجي هٿن مبارڪن سان اڇي رنگ جو جهنڊو ٻڌي ڪري حضرت زيد بن حارثہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جي هٿ ۾ ڏنو ۽ انهن کي هن فوج جو سپهہ سالار ٻڌايو. گڏ ارشاد فرمايائون: جيڪڏهن هي شهيد ٿي وڃن ته جعفر بن ابوطالب امير ٿيندا.جيڪڏهن اهي شهيد ٿي وڃن ته عبدالله بن رواحہ امير ٿيندا.[1]

غزوہ موتہ

حضرت زيد رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جي قيادت ۾ جڏهن هي لشڪر روانو ٿيو ته انهن کي خبر ملي ته پاڻ قيصر روم هڪ لک فوج وڻي ڪري موجود آهي. ان سان گڏ وڌيڪ هڪ لک عيسائي عرب بہ شريڪ ٿي رهيا آهن. حضرت زيد رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ ان تي مشاورت ڪئي ته الله جي آخري نبي صَلَّی اللّٰہُ عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي خط لکي ڪري وڌيڪ فوج جي درخواست ڪريون يا جنگ شروع ڪري ڏيون. حضرت عبدالله بن رواحہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ فرمايو: اسان جو مقصد فتح يا مال نہ آهي بلڪ اسان جو مقصد ئي شهادت آهي. اهي ڳالهيون ٻڌي ڪري ماڻهو چوڻ لڳا: عبدالله سچ چيو، پوءِ هي اڳتي وڌي ڪري "موتہ" جي مقام تي ترسيا، لشڪر کي ترتيب ڏني وئي ۽ سمورو لشڪر وڙهڻ جي لاءِ تيار ٿي ويو.

---

[1] شرح الزرقاني علي المواهب،باب غزوة موتہ،3/339_342


موتہ جو ميدان جتي غزوہ موتہ پيش آيو



موتہ موجوده اُردن (Jordan) جي شهر ڪرڪ (Kerak) ۽ اردن درياء جي وچ وارو علائقو آهي. اردن مغربي ايشيا (Western Asia) جو ملڪ آهي جنهن جو دارالحڪومت عمان (Amman) آهي. ان وقت هتي شامين جي حڪومت هئي. هي پهريون موقعو هو جنهن ۾ مسلمانن جو لشڪر مديني شريف کان ايترو پري جنگ جي لاءِ ويو. اردن جو مديني شريف کان گهٽ مان گهٽ فاصلو هڪ هزار ڪلو ميٽر کان وڌيڪ آهي.

انساني تاريخ جو عجيب معرڪو هتي پيش آيو تہ ٽي هزار جانبازن جي مقابلي ۾ بن لکن جو لشڪر هو. الله جي آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پيشن گوئي (اڳڪٿي) مطابق حضرت زيد شهيد ٿيا تہ حضرت جعفر پرچمِ اسلام کي کڻي ورتو، اهي شهيد ٿيا تہ حضرت عبدالله بن رواحہ رَضِیَ اللهُ عَنْهُ پرچم سنياليو ورتو. آقا عَلَيْهِ السَّلَام مديني شريف ۾

ئي اهي تمام واقعا ڏسي رهيا هئا ۽ بيان فرمائي رهيا هئا.[1] انهن جي شهادت کان پوءِ حضرت خالد بن وليد رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جهنڊو کنيو ۽ ايتري بهادري سان وڙهيا جو انهن جي هٿ ۾ نَوَ تلوارون ٽٽي پيون. هن ڪمال جنگي مهارت سان اسلامي فوج کي دشمنن جي محاصري مان ڪڍيائون ۽ مديني شريف واپس وٺي آيا. اها مسلمانن جي فتح ئي هئي جو هڪ لک[2] جي لشڪر جي مقابلي ۾ صرف 12 صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان شهيد ٿيا، باقي سڀ صحيح ۽ سالم واپس اچي ويا. جڏهن ته دشمن جو نقصان ان کان تمام گهٽو ٿيو.[3]

فتح مڪ جا سبب

حديبيہ ۾ ٿيڻ واري صلح جي مطابق مسلمانن ۽ قريش جي ڪافرن جي وچ ۾ 10 سالن تائين جنگ بندي جو معاهدو ٿيو هو. هن معاهدي مطابق بنو بڪر قبيلي قريش سان اتحاد ڪري ورتو ۽ بنو خزاعہ مسلمانن سان ملي ويا. هنن ٻنهي قبيلن جي وچ ۾ ڪافي عرصي کان دشمني هئي. هڪ ڀيري بنو بڪر قريش سان گڏجي مسلمانن جي اتحادي قبيلي بنو خزاعہ تي حملو ڪري ڏنو. بنو خزاعہ جا ماڻهو بچڻ جي لاءِ حرمِ ڪعبہ ۾ داخل ٿيا تہ هنن اتي بہ انهن کي نہ ڇڏيو. هن حملي ۾ بنو خزاعہ جا 23 ماڻهو قتل ٿيا. بنو خزاعہ رسول خدا صَلَّی اللّٰہُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي مدد جي درخواست ڪئي.[4] پاڻ

---

[1] شرح الزرقاني علي المواهب،باب غزوة موتہ،3/344_347 ملخصا

[2] ڪجهہ روايتن جي مطابق ڪافرن جي لشڪر جو تعداد ٻہ لک هو. هي جنگ ست ڏينهن تائين جاري رهي ۽ دشمن جي هلاڪتن جو تعداد ويهہ هزار تائين بيان ڪيو ويو آهي. جڏهن تہ صحابہ ڪرام مان صرف 12 ماڻهو شهيد ٿيا.

[3] شرح الزرقاني علي المواهب،باب غزوة موتہ،3/349_348ملخصا

[4] شرح الزرقاني علي المواهب،غزوة فتح الاعظم،3/276_380ملخصا

قريش جي طرف پيغام موڪليو تہ ٽن ڳالهين مان ڪابہ ڳالهہ مڃي ونو:

(1) مقتولن جي ديت (خون بها) ادا ڪريو!

(2) يا وري بنو بڪر سان اتحاد ڇڏي ڏيو!

(3) يا وري هي اعلان ڪريو تہ حديبيہ جو معاهدو ختم ٿي ويو آهي.

اهي شرطون ٻڌي ڪري قريش جي نمائندي معاهدو ختم ڪرڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو. الله جي آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي قاصد جي موٽي ويندي ئي قريش کي احساس ٿي ويو تہ انهن کان وڏي غلطي ٿي وئي آهي. انهن جلد ئي ابوسفيان کي پهريان وانگر نئون معاهدو ڪرڻ جي لاءِ مديني شريف روانو ڪري ڇڏيو. پر انهن جي نہ ٻڌي وئي. مايوس ٿي ابوسفيان مسجد نبوي ۾ بيهي ڪري پنهنجي طرفان معاهدي جي تجديد جو اعلان ڪيو پر ڪنهن بہ جواب نہ ڏنو. هن مڪي موٽي سمورو احوال قريش جي سردارن جي اڳيان رکي ڇڏيو. انهن پڇيو: تنهنجي اعلان ڪرڻ کان پوءِ انهن کو جواب ڏنو؟ ابوسفيان چيو: نہ. تہ ڪفارِ قريش چوڻ لڳا: هي تہ ڪجهہ بہ نہ ٿيو، نہ ئي هي صلح آهي جو اسان کي اطمينان ٿئي، نہ هي اعلانِ جنگ آهي جو اسين تياري ڪريون. انهيءَ دوران الله جي آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم وڏي رازداري ۽ خاموشيءَ سان جنگ جي تياري فرمائي، مقصد هي هو تہ مڪي وارن کي خبر نہ پوڻ ڪپي ۽ بي خبري ۾ انهن تي حملو ڪيو وڃي.[1]

---

[1] شرح الزرقاني علي المواهب،غزوة فتح الاعظم،3/384_386ملتقطا وملخصا

رسول خدا جو مڪي ۾ داخل ٿيڻ

الله جا آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هجرت جي اٺين (8th) سال رمضان المبارڪ جي 10 تاريخ جو تقريباً ڏهه هزار جو لشڪر وٺي مڪي ڏانهن روانا ٿيا. ڪجهه قبيلا رستي ۾ گڏ ٿيا ته لشڪر جو تعداد ٻارهن هزار تائين پهچي ويو.[1] مڪي ۾ داخلي کان پهريان رسول اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فوج کي ٻن حصن ۾ ورهايو. هڪڙي حصي ۾ پاڻ خود موجود هئا جڏهن ته ٻيو حصو حضرت خالد بن وليد رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جي سربراهي ۾ ڏيئي ان کي ٻئي رستي تان مڪي ۾ داخل ٿيڻ جو حڪم فرمايو.[2] مڪي شريف جي زمين تي پهچندي ئي پاڻ جيڪو پهريون فرمان جاري فرمايو اهو هي هو:

- جيڪو شخص هٿيار ڦٽا ڪندو ان جي لاءِ امان آهي.
- جيڪو پنهنجو دروازو بند ڪري ڇڏي ان جي لاءِ امان آهي.
- جيڪو ڪعبي ۾ داخل ٿي وڃي ان جي لاءِ امان آهي.
- جيڪو ابوسفيان جي گهر داخل ٿي وڃي ان کي امان آهي.[3]

سندن اعلانِ رحمت نشان سان هر طرف امن ۽ امان جي فضا پيدا ٿي وئي. رت جو هڪ قطرو به وهڻ جو امڪان نه هو. پر قريش جي ڪجهه ماڻهن حضرت خالد بن وليد رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جي لشڪر تي حملو ڪري ڏنو جنهن سان ٿي مسلمان شهيد ٿيا ۽ تقريباً 12 ڪافر پڻ مارجي ويا. پاڻ جڏهن ڏٺو ته تلوارون هلي رهيون آهن ۽ تير اڇلايا پيا وڃن ته هن باري ۾ پڇيائون ته جنگ کان روڪڻ جي باوجود

---

[1] شرح الزرقاني علي المواهب،غزوة فتح الاعظم،395/3ملخصا
[2] بخاري، كتاب المغازي،باب اين ركز النبي،102/3،حديث:4280
[3] شرح الزرقاني علي المواهب،غزوة فتح الاعظم،417/3_422ملخصا

تلوارون چو پيون هلن تہ عرض کيو ويو: اڳرائي ڪافرن طرفان ٽي آهي. پاڻ فرمايو رب جي تقدير اها ئي آهي، الله جيڪو چاهيو اهو ئي بهتر آهي.[1]

الله جا آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مڪي جا فاتح ٻڌجي ويا پر سندن عاجزي جو اهو عالم هو جو سورهٔ فتح جون آيتون تلاوت فرمائيندي ان ريت مٿو مبارڪ جهڪائي ڪري ڏاڇي تي وينا هئا جو سندن مٿو مبارڪ ڏاڇيءَ جي پالان سان لڳندو هو.[2] پاڻ ڏاڇيءَ کي ويهاريو، طواف ڪيائون حجر اسود کي چُميائون. پوءِ حڪم ڏنائون تہ بيت الله شريف مان تمام بُت ڪڍيا وڃن. جڏهن تمام بتن کان ڪعبو پاڪ ٿي ويو تہ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اندر تشريف وني ويا ۽ بيت الله جي تمام ڪندن ۾ تڪبير پڙهي ۽ ٻہ رڪعتون نماز ادا فرمايائون.[3]

رسولِ خدا جو ڪرم پريو سلوڪ

ان کان پوءِ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حرم ڪعبہ ۾ عام دربار لڳايو، جنهن ۾ اسلام جي فوجن سان گڏ هزارين ڪافر بہ موجود هئا. انهن ڪافرن ۾ اهي ماڻهو بہ هئا جنهن پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي ۽ سندن صحابين تي انتهائي ظلم ۽ ستم ڪيا، رستي ۾ ڪنڊا وڇايا، جسم اطهر تي نجاستون اڇلايون، قاتلاڻا حملا ڪيائون، سندن صحابين کي شهيد ڪيائون، مڪو ڇڏڻ تي مجبور ڪيائون، پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي بهتان هنيائون ۽ گاريون ڏنائون، الغرض! اهو

---

[1] شرح الزرقاني علي المواهب،غزوة فتح الاعظم،3/416_417 ملخصا
[2] شرح الزرقاني علي المواهب،غزوة فتح الاعظم،3/434
[3] بخاري، كتاب المغازي،باب اين ركز النبي،3/102حديث:4288 ملخصا

ڪهڙو ظلم هو جيڪو هنن نہ ڪيو هجي. اڄ اهي سڀ جا سڀ مجرمن جي حيثيت سان پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سامهون هئا. پاڻ چاهين ها تہ هنن کان ڇڪي طرح بدلو ونن ها پر الله جي آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کابہ انتقامي ڪاروائي نہ فرمائي، پنهنجي ڪريمانہ لهجي ۾ ارشاد فرمايو: لَاتَثْرِيْبَ عَلَيْكُمُ الْيَوْمَ فَاذْهَبُوْا اَنْتُمُ الطُّلَقَاءُ اڄ اوهان تي ڪوبہ الزام نہ آهي، وڃو! توهان سڀ آزاد آهيو.[1] طرح طرح جون تڪليفون ڏيڻ وارن دشمنن تي فتح ماڻي اهڙو حسن سلوڪ ڪرڻ! ان جو ڪو مثال نٿو ملي. فتح مڪ جي ٻئي ڏينهن بہ پاڻ خطبو ارشاد فرمايو جنهن ۾ حرم ڪعبہ جا احڪامات بيان فرمايا ۽ قيامت تائين جي لاءِ حرم ۾ جنگ ۽ لڙائي کي حرام فرمايائون. ان موقعي تي سندن حسن سلوڪ جي ڪري ماڻهن جي هڪ وڏي جماعت اسلام قبول ڪيو. پاڻ مڪي جي ڀر پاسي ۾ موجود ٻيا بت بہ ختم ڪرائي ڇڏيا.[2]

غزوہ حنين

فتح مڪ سان اسلام جو حق هجڻ پوري عرب تي ظاهر ٿي ويو. ايئن ڪيئي قبيلا اسلام قبول ڪرڻ لڳا. مگر هن خبر کانپوءِ قبيلي هوازن جا ماڻهو ٻين ڪجهہ ننڍن قبيلن سان ملي ڪري مسلمانن تي حملي جي نيت سان نڪري پيا. الله جي آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي جڏهن خبر ملي تہ پاڻ 12 هزار فوج ونڊي ڪري روانا ٿيا. مڪي ۽ طائف جي وچ ۾ "حنين[3]" نالي هنڌ تي اسلامي لشکر جو ڪافرن سان ٽڪراؤ ٿيو. شروع ۾ مسلمانن خوب جوهر

---

[1] شرح الزرقاني علي المواهب، غزوة فتح الاعظم، 449/3 ملخصا

[2] شرح الزرقاني علي المواهب، هدم العزيٰ و سواع ومنات، 487/3_490 ملتقطا

[3] حنين هڪ وادي آهي، جيڪا مڪي شريف کان اٽڪل 29 ۽ مديني شريف کان 462 ڪلو ميٽرن جي فاصلي تي آهي.

ڏيکاريا ۽ اهڙو حملو ڪيائون جو ڪافرن جي فوج ميدان ڇڏي ڀڄڻ لڳي. پر هنن جي فوج جيڪا تاڙ ۾ ويني هئي ان جڏهن حملو ڪيو تہ اسلامي لشڪر ۾ افراتفري مچي وئي. نيٺ مسلمان غالب ٿيا. هن غزوه ۾ هزارين قيدي ۽ ڊير سارو مالِ غنيمت مسلمانن کي هٿ آيو.[1]

ان کانپوءِ الله جا آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم طائف ڏانهن روانا ٿيا، طائف جي قلعي جو محاصرو ڪيائون، محاصرو ٻن هفتن کان وڌيڪ جاري رهيو پر ڪو خاص فائدو نہ ٿيو تہ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم محاصرو ختم ڪرڻ جو حڪم ڏنو ۽ دعا فرمايائون تہ اي الله! تون ثقيف يعني طائف وارن کي هدايت عطا فرما. دعاءِ نبي جي برڪت سان 9 هجري ۾ طائف جا ماڻهو مسلمان ٿي ويا ۽ انهن جي درخواست تي تمام قيدين کي ڇڏي ڏنو ويو. طائف کان واپسي تي غزوه حنين جي مالِ غنيمت کي پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مسلمانن ۾ ورهايو. پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ٻن هفتن کان وڌيڪ مڪي شريف ۾ ترسيا ان کان پوءِ واپس مديني شريف تشريف وني ويا.[2]

غزوه تبوڪ

هجرت جي نائين سال رجب جي مهيني ۾ غزوه تبوڪ جو معرڪو پيش آيو. مديني ۽ شام جي وچ ۾ هڪ هنڌ آهي جنهن جو نالو "تبوڪ" آهي. ان کي جيش العسرة (غربت جو لشڪر) بہ چيو ويندو آهي.[3] ان جو سبب هي بڌيو جو مديني خبر پهتي تہ رومين ۽ عرب

---

[1] شرح الزرقاني علي المواهب،باب غزوة حنين،3/496_531ملتقطا و ملخصا

[2] شرح الزرقاني علي المواهب،نبذة من قسم الغنائم...الخ،4/6_19ملتقطا و ملخصا

[3] شرح الزرقاني علي المواهب،غزوة تبوك4/65 ملخصا

عيسائين مديني تي حملو ڪرڻ جي لاءِ هڪ وڏي فوج تيار ڪري ورتي آهي. ان جو مقابلو ڪرڻ جي لاءِ الله جي آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فوج جي تياري جو حڪم فرمايو. ان وقت پوري حجاز ۾ شديد ڏڪار هو، سخت گرمي هئي ۽ گهر کان نڪرڻ مشڪل هو.

تبوڪ ۾ واقع مسجد توبہ



ياد رهي تہ شهرِ تبوڪ (Tabuk) مديني پاڪ کان 552 ڪلو ميٽر جي فاصلي تي آهي جڏهن تہ رودِ ذريعي هي فاصلو تقريبًا 682 ڪلو ميٽر آهي. جتي اسلامي لشڪر ترسيو هو. اها جاءِ هاڻي قلعہءِ تبوڪ

والبرڪة جي نالي سان مشهور آهي. هي اهو آخري غزوه آهي جنهن ۾ رسولِ اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم خود پاڻ سفر فرمايائون.

هي اها ئي غزوه آهي جنهن ۾ حضرت ابوبڪر گهر جو پورو ۽ حضرت عمر رَضِیَ اللهُ عَنْهُمَا گهر جو اڌ سامان لشڪر جي تياري جي لاءِ پيش ڪيو.[1] جڏهن ته حضرت عثمان غني ۽ حضرت عبدالرحمٰن بن عوف رَضِیَ اللهُ عَنْهُمَا خصوصي تعاون فرمايو. پاڻ ٽيهه هزار جو لشڪر گڏ ونی تبوڪ روانا ٿيا. تبوڪ پهچي لشڪر کي پڙاءُ جو حڪم ڏنائون، پري تائين رومي لشڪر جو ڪو پتو نه هيو. پوءِ معلوم ٿيو ته جاسوسن قيصر کي جڏهن لشڪرِ اسلام جي شان وشوڪت ۽ تعداد ٻڌايو ته هيبت ۽ رعب جي ڪري اهي ماڻهو جنگ کان همت هاري وينا ۽ پنهنجي گهرن کان ٻاهر نه نڪري سگهيا. الله جي آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ويهه ڏينهن تائين تبوڪ ۾ قيام فرمائي مديني شريف واپس موٽي آيا. تبوڪ ۽ ويجهڙائپ جا ڪجهه علائقا اسلامي سلطنت ۾ داخل ٿي ويا.[2]

صديق اڪبر بطور اميرِ حج

غزوه تبوڪ کان واپسي کان پوءِ الله جي آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هجرت جي نائين (9th) سال ذوالقعده جي مهيني ۾ ٽي سؤ مسلمانن جو هڪ قافلو حج جي لاءِ مڪه مڪرمه روانو فرمايو. حضرت ابوبڪر صديق رَضِیَ اللهُ عَنْهُ کي اميرِ حج، حضرت علي المرتضیٰ رَضِیَ اللهُ عَنْهُ کي نقيبِ اسلام ۽ حضرت سعد بن ابي وقاص، حضرت جابر بن عبدالله، حضرت ابوهريره رَضِیَ اللهُ عَنْهُ کي مُعَلِّم (يعني سکيا ڏيڻ وارا) مقرر فرمايو. پاڻ پنهنجي پاران قرباني لاءِ 20 اُٺ به موڪليا. حضرت

---

[1] ترمذي، ڪتاب المناقب، باب في مناقب ابي بكر وعمر كليهما، 380/5، حديث: 3695

[2] مدارج النبوت، 349/2 ملخصا

ابوبکر صديق رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ حرم کعبہ ۽ عرفات و منيٰ ۾ خطبو پڙهيو. حضرت علي رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ اُتي بينا ۽ "سوره براءَت" جون چاليهه آيتون پڙهي ٻڌايون ۽ اعلان کري ڇڏيائون ته هاڻي کوبه مشرک خانءِ کعبہ ۾ داخل نہ ٿي سگهندو ۽ نہ ئي کو اگهاڙو ٿي طواف کري سگهندو.[1] چار مهينن کان پوءِ کافرن ۽ مشرکن جي لاءِ امان ختم کيو ويندو. حضرت ابوهريره ۽ ٻين صحابين سڳورن عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان ايتري قدر زور زور سان اعلان کيو جو انهن جو ڳلو ويهجي ويو. ان اعلانن کان پوءِ ماڻهو وڏن وفدن جي صورت ۾ اچي کري مسلمان ٿيڻ لڳا.

وفدن جي آمد

9 هجري کي وُفود جو سال ٻہ چيو ويندو آهي. "وُفود" عربي ۾ "وفد" جي جمع آهي. وفد هک کان گهٽن فردن جي ٽولي کي چوندا آهن. الله جا آخري نبي صَلَّی اللّٰہُ عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم اسلام جي تبليغ جي لاءِ هر طرف مبلغن کي موکليندا هئا. انهن مان کجهه ته مبلغن جي اڳيان اسلام جي دعوت قبول کري مسلمان ٿي ويندا هئا جڏهن ته کجهه قبيلا ان ڳالهه جا خواهشمند هوندا هئا ته براهه راست بارگاهه نبوت ۾ حاضر ٿي جمال نبوت جي زيارت کن ۽ پنهنجي اسلام جو اظهار کن. ان کري کجهه ماڻهو پنهنجن پنهنجن قبيلن جا نمائندا ٻڌجي مديني شريف ايندا هئا ۽ خود باني ءِ اسلام، الله جي آخري نبي صَلَّی اللّٰہُ عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي زبان مان اسلام جي دعوت جو پيغام ٻڌي پنهنجي اسلام جو اعلان کندا هئا ۽ پوءِ واپس پنهنجن پنهنجن قبيلن ۾ وڃي انهن کي ٻہ مسلمان کندا هئا. هن طرح جا وفد

[1] شرح الزرقاني علي المواهب،حج الصديق بالناس،4/115_116 ملخصا وبخاري، کتاب المغازي، باب حج ابي بکر بالناس في سنة تسع،3/128،حديث:4363.

مختلف وقتن ۾ مديني شريف ايندا رهيا مگر فتح مڪ کان پوءِ تہ جڏ سموري عرب ۾ اسلام جي هاڪ ٽي وئي.

ڪثرت سان وفدن جي اچڻ جو ڪارڻ

ڪوڙ قبيلا اڳي ئي اسلام جي حقانيت جا قائل ٽي چڪا هئا مگر قريش جي ڊپ ۽ دباءَ جي ڪري اسلام قبول نہ پيا ڪري سگهن. فتح مڪ هن رڪاوٽ کي ختم ڪري ڇڏيو. هاڻي اسلام جي تعليمات ۽ قرآن جي مقدس پيغام هر هڪ جي دل ۾ گهر ڪري ورتو، جنهن جو نتيجو هي نڪتو جو اهي ماڻهو جيڪي پهريان اسلام جي ڳالهہ ٻڌڻ پسند نہ ڪندا هئا هاڻي پروانن وانگر شمع رسالت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي نثار ٿيڻ لڳا. سچي نبي جي تعليمات ۽ ڪردار ڪان متاثر ٿي اهي ماڻهو ٽولن جا ٽولا سندن خدمت ۾ پري پري ڪان وفدن جي صورت ۾ حاضر ٿيندا هئا ۽ پنهنجي خوشيءَ سان قبوليتِ اسلام جي سعادت ماڻي شرفِ صحابيت جو تاج مٿي تي سجائي هميشہ جون سعادتون پنهنجي مقدّر ۾ لکرائيندا هئا. فتح مڪ کان پوءِ 9 هجري ۾ تہ ايتري ڪثرت سان وفد آيا جو هن سال جو نالو ئي "سَنَةُ الوُفُود" يعني وفدن جي اچڻ جو سال پئجي ويو. هڪ قول جي مطابق هن سال تقريباً 60 وفد حضور اڪرم عَلَيْهِ السَّلَام جي بارگاهہ ۾ حاضر ٿيا. پاڻ قبيلن مان اچڻ وارن وفدن جي استقبال ۽ انهن سان ملاقات جي لاءِ خاص اهتمام فرمائيندا هئا. هر وفد جي اچڻ تي پاڻ نهايت عمده ڪپڙا زيب تن ڪري تشريف آڻيندا هئا، انهن سان ملاقات جي لاءِ مسجد نبوي ۾ هڪڙي ستون سان ٽيڪ لڳائي ڪري نشست فرمائيندا هئا، پوءِ هر هڪ وفد سان خنده پيشانيءَ (مسڪراهٽ) سان گفتگو فرمائيندا هئا ۽ ضروري عقيدن ۽ اسلام جي احڪامن جي تعليم ۽ تلقين بہ فرمائيندا هئا.

هنن مهمانن کي سڻي کان سڻي جڳهن ۾ ترسائيندا هئا، انهن جي مهمان نوازي جو خاص خيال فرمائيندا هئا ۽ هر وفد کي تحفا ۽ عطا فرمائيندا هئا.[1]

وفدِ کنده

انهن وفدن مان هڪ وفد کنده هو. اهي ماڻهو يمن جي پرپاسي ۾ رهندا هئا، هن قبيلي جا 70 يا 80 ماڻهو نهي سينگارجي مديني آيا، وارن ۾ ڦٽي، ريشم جا جبا پاتل، جسم تي هٿيار سجائي اهي مديني شريف جي آبادي ۾ داخل ٿيا، جڏهن اهي ماڻهو بارگاهِ رسالت ۾ حاضر ٿيا تہ اللہ جي آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهن کان پڇيو ڇا توهان اسلام قبول ڪري ورتو آهي؟ سيني عرض ڪيو: ”جي ها“. پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: پوءِ توهان ريشمي لباس ڇو پاتو آهي؟ اهو ٻڌندي ئي انهن ريشمي جبن کي جسمن تان لاهي ڇڏيو ۽ ريشم جا رهيل ٽڪرا بہ لباسن کان ڦاڙي ڪري الڳ ڪري وڌائون.[2]

وفدِ فزاره

انهن منجهان هڪڙو وفد فزاره هو. هي ويهن ماڻهن جو وفد هو، اهي حاضر خدمت ٿيا ۽ پنهنجي اسلام جو اعلان ڪيائون ۽ ٻڌايائون تہ يا رسول اللہ! صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اسان جي علائقي ۾ سخت ڏڪار آهي، هاڻي اسان جي لاءِ فقر ۽ فاقو ناقابل برداشت آهي، توهان ڪرم فرمايو ۽ مينهن جي لاءِ دعا فرمايو. اللہ جي آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جمعي جي ڏينهن منبر تي دعا فرمائي. هڪدم مينهن وسڻ لڳو ۽ هڪ هفتي تائين جاري رهيو ٻئي جمعي تي جڏهن اللہ

---

[1] مدارج النبوت، 2/358_359 ملتقطا ومختصرا

[2] مدارج النبوت، 2/359

جي آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم خطبو ارشاد فرمايو پئي تہ هڪڙي اعرابي عرض ڪيو: يارسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم برسات جي ڪثرت جي ڪري جانور هلاڪ ٿيڻ لڳا، بار ٻچا بُک کان بيقرار ٿيڻ لڳا ۽ تمام رستا بند ٿي ويا. دعا فرمايو تہ اهو مينهن جبلن تي وسي ۽ زمينن تي نہ وسي. پاڻ دعا فرمائي تہ ڪکر مديني شهر کان هٿي ويا. ايئن اٺ ڏينهن کان پوءِ مديني ۾ سج نظر آيو.[1]

وفد قبيلہ سعد بن بکر

انهن منجهان هڪڙو وفد قبيلي سعد بن بکر جي سردار حضرت ضمام بن ثعلبہ رَضِیَ اللهُ عَنْهُ سان گڏ آيو. اهو گاڙهي ۽ سفيد رنگت ۽ ڊگهن وارن جو مالڪ هجڻ سان گڏ ڏاڍو سهڻو ماڻهو هو. ان الله جي آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم وٽ اچي چيو: اي عبدالمطلب جا پٽ! آئون توهان کان ڪجهہ شين جي باري ۾ سوال ڪندس ۽ سوالن ۾ سختي ڪندس. توهان مون کان ناراض نہ ٿجو. پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: توکي جيڪي وٹي مون کان پڇي سگهين ٿو. پوءِ هن ريت مڪالمو ٿيو:

ضمام بن ثعلبہ: آئون توهان کي خدا جو قسم ڏئي ڪري جيڪو توهان جو ۽ تمام انسانن جو پروردگار آهي هي پڇان ٿو تہ ڇا الله پاڪ توهان کي اسان جي طرف پنهنجو رسول ٻڌائي موڪليو آهي؟

پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: "هائو"

ضمام بن ثعلبہ: آئون توهان کي الله جو قسم ڏيئي ڪري هي سوال ڪريان ٿو تہ ڇا نماز ۽ روزو ۽ حج ۽ زڪواة الله پاڪ اسان تي فرض ڪيا آهن؟

پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: "ها"

---

[1] مدارج النبوت، 359/2

ضمام بن ثعلبہ: توهان جيڪو ڪجهہ فرمايو مون ان تي ايمان آندو ۽ آئون ضمام بن ثعلبہ آهيان. منهنجي قوم مون کي ان ڪري توهان وٽ موڪليو آهي تہ آئون توهان جي دين کي سڻي طرح سمجهي پنهنجي قوم بني سعد بن بڪر تائين اسلام جو پيغام پهچائي ڇڏيان.

پوءِ اهي پنهنجي وطن پهتا ۽ سڄي قوم کي گڏ ڪري پهريان بتن جي مذمت بيان ڪيائون پوءِ اسلام جي حقانيت تي اهڙي زبردست تقرير فرمايائون جو هڪ ئي رات ۾ قبيلي جا سڀ مرد ۽ عورتون مسلمان ٿي ويا ۽ انهن ماڻهن بتن کي پنهنجي هٿن سان ٽڪرا ٽڪرا ڪري وڏو، پنهنجي قبيلي ۾ مسجد ٺاهي ورتي ۽ تمام اسلامي احڪامات تي عمل ڪرڻ وارا پڪا مسلمان بڻجي ويا.[1]

ٻيا بہ ڪيئي وفد الله جي آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاهہ ۾ حاضر ٿيا ۽ ايمان جي دولت سان مشرف ٿيا.

الوداعي حج (حجة الوداع)

هجرت جي (10th) ڏهين سال جو سڀ کان اهم واقعو حجة الوداع آهي. هي سندن آخري حج هيو. ماڻهن پاڻ سڳورن کي پورو حج ڪندي ڏٺو. ذوالقعد جي مهيني ۾ پاڻ حج جي لاءِ روانگي جو اعلان فرمايو. پاڻ هن حج ۾ پنهنجو مشهور خطبو خطبة الوداع ارشاد فرمايو. الله جي آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي حج جو اعلان فرمائيندي ئي مختلف علائقن مان تقريباً هڪ لک چوويهہ هزار (124000) پروانا شمع رسالت، تاجدارِ نبوت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي چوڌاري

[1] مدارج النبوت، 2/363_364 ملتقطا وملخصا

گڏ ٿيا.[1] دنيا کان ظاهراً پردو فرمائڻ جو اشارو ٻه پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هن حج ۾ ڏيئي ڇڏيو، سو جمرات جي ويجهو پاڻ ارشاد فرمايو: مون کان حج جا مسئلا سکي ونو! شايد ان کان پوءِ آئون ٻيو حج نہ ڪريان.[2] پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ذوالقعده جي آخري خميس تي مديني شريف مان روانا ٿيا ۽ ذوالحليفہ جيڪو اهلِ مدينہ جو ميقات آهي اتي پهچي احرام ٻڌائون ۽ چار ذوالحج تي مڪي شريف ۾ داخل ٿيا. طواف فرمايائون، مقام ابراهيم ۾ نفل ادا فرمايائون، صفا ۽ مروه جي سعي فرمايائون، 8 ذوالحج جو منيٰ تشريف وٺي ويا پوءِ 9 تاريخ جو عرفات ويا، هتي پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪمبل جي هڪ خيمي ۾ قيام فرمايائون. جڏهن سج لهي ويو تہ پاڻ پنهنجي ڏاڇي "قصواء" تي سوار ٿيا ۽ خطبو پڙهيائون. هن خطبي ۾ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تمام ضروري احڪامات جو اعلان فرمايو ۽ زمانہ جاهليت جي تمام براين ۽ بيهوده رسمن کي مٽائڻ جو اعلان فرمايائون.[3]

الوداعي خطبو

سندن هن عظيم خطبي جا ڪجهہ ارشادات هي آهن:

❖ توهان جو رب هڪ آهي ۽ بيشڪ توهان جو پيءُ (حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام) هڪ آهي. ڪنهن عربيءَ کي ڪنهن عجميءَ تي ڪنهن عجميءَ کي ڪنهن عربيءَ تي، ڪنهن اڇي کي ڪنهن ڪاري تي ۽ ڪنهن ڪاري کي ڪنهن اڇي تي ڪابہ فضيلت نہ آهي پر تقويٰ جي

---

[1] شرح الزرقاني علي المواهب،وحجة الوداع،146/4

[2] مسلم كتاب الحج،باب استحباب رمي الجمرة العقبة...الخ،ص675،حديث:1297

[3] مسلم كتاب الحج،باب حجة النبي،ص489،حديث:2950 ملتقطا وملخصا

سبب. ❖ تمام انسان آدم جو اولاد آهي ۽ آدم متيءَ مان ناهيو ويو. هاڻي فضيلت ۽ برتري جا سڀ دعويٰ، رت ۽ مال جا مڙئي مطالبا ۽ سمورا انتقام منهنجي پيرن هيٺان آهن. ❖ اي انسانو! هر مسلمان ٻئي مسلمان جو ڀاءُ آهي ۽ سمورا مسلمان پاڻ ۾ ڀائر آهن. ❖ ڪنهن جي لاءِ هي جائز نہ آهي تہ هو پنهنجي ڀاءُ کان ڪجهه وٺي پر اها شيءِ جنهن تي ان جو ڀاءُ بہ راضي هجي ۽ خوشيءَ سان ڏي. اي انسانو! پاڻ تي ۽ هڪٻئي تي ظلم نہ ڪريو. ❖ توهان جي رت ۽ توهان جو مال توهان جي مٿان قيامت تائين اهڙي طرح حرام آهي جهڙي طرح توهان جو هي ڏينهن، توهان جو هي مهينو، توهان جو هي شهر محترم آهي. ❖ اي انسانو! عورتن سان سٺو سلوڪ ڪريو! چو تہ اهي توهان جون تابع آهن ۽ پنهنجو پاڻ ڪجهه نہ ٿيون ڪري سگهن. ❖ پوءِ فرمايو: توهان کان رب ڪريم منهنجي باري ۾ پڇندو تہ توهان ڇا چوندا؟ صحابہ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُمۡ عرض ڪيو: توهان الله جو پيغام پهچائي ڇڏيو ۽ رسالت جو حق ادا ڪري ڇڏيو، الله جي آخري نبي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم آسمان جي طرف آڱر کنئي ۽ ٽي ڀيرا فرمايو: اي الله! تون گواه رهجان. ان کانپوءِ وحي جي ذريعي دين مڪمل ٿيڻ جي سند عطا فرمائي وئي ۽ پوءِ پنهنجي حج جي تڪميل فرمايائون.[1]

الوداعي خطبي جون بهارون

الله جي آخري نبي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم اڄ کان اٽڪل ساڍا چوڏهن سؤ سال اڳ هي خطبو ارشاد فرمايو هو. ڪمال ڳالهه هي آهي تہ جڏهن پاڻ هي خطبو ارشاد فرمائي رهيا هئا تہ ان وقت پاڻ ڏاڇيءَ جي ڪجاوي تي تشريف فرما هئا. اهو سندن ڪمال سادگيءَ جو شان هو. سندن

[1] مسلم، كتاب الحج باب حجة النبي،ص 490 حديث:2950 ملتقطا و ملخصا

ارشاد فرمايل هي خطبو انساني تاريخ جو سُنهري ۽ روشن باب آهي. هن خطبي ۾ انساني حقوق بالخصوص عورتن جا حق، غلامن جا حق، جان، مال، عزت آبرو جي حفاظت، معاشي اصلاحات، وراثت جا مسئلا، قرض ۽ مقروض بابت احڪامات، سياست ۽ دين جي بابت اهڙي رهنمائي موجود آهي جنهن جو ان کان پهريان مثال نہ ٿو ملي. هي خطبو تمام اسلامي تعليمات جو نچوڙ ۽ حقوق و فرائض جو عالمي منشور آهي. هي خطبو اڄ بہ مسلمانن جي لاءِ جڙ آئين ۽ ابدي پيغام جي حيثيت رکي ٿو. هي خطبو اڄ بہ ايترو ئي اهم آهي جيترو اڄ کان سادا چوڏهن سؤ سال پهريان هو. هن خطبي ۾ اها روشني آهي جنهن جي انسانيت کي ضرورت آهي. هن خطبي ۾ اهڙو سبق آهي جنهن تي عمل انسان کي انسانيت جي معراج تي وڃي سگهي ٿو.

موءِ مبارک (وارن مبارک) جي تقسيم

عرفات سان گڏوگڏ منيٰ ۾ بہ پاڻ سڳورن صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم هڪ خطبو ارشاد فرمايو جنهن ۾ عرفات جي خطبي وانگر گهڻا ئي مسئلا ۽ حڪم بيان فرمايا. پوءِ پاڻ صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم قرباني واري هنڌ ڏانهن تشريف کڻي ويا. قرباني جي سؤ اُٺن مان ڪجهه اُٺن کي پنهنجي هٿن مبارڪن سان نحر(ذبح) ڪيائون. ۽ باقي حضرت علي رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ کي نحر ڪرڻ جو حڪم فرمايو. قرباني کان بعد حضور جن مٿي مبارڪ جا وار لهرايا. انهن وارن جو ڪجهه حصو حضرت ابوطلحہ انصاري رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ کي عطا فرمايائون ۽ باقي وار مبارڪ بقايا مسلمانن ۾ ورهائڻ جو حڪم ڏنو.[1] پوءِ پاڻ آب زم زم جي کوهه

[1] سيرۃالحلبية،حجة الوداع،377/3ملتقطا

تي تشريف کٹي آيا ۽ زم زم نوش فرمايائون ۽ طوافِ وداع ڪري مهاجرن ۽ انصارن سان گڏ مدينہ منوره تشريف وٹي ويا.[1]

مرض وفات ۽ رحلت شريف

هجرت جي يارهين سال 20 يا 22 صفر تي الله جا آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جنت البقيع اڌ رات جو تشريف وٹي ويا. اتان کان واپس موٹيا تہ مزاج مبارک ناساز ٿي ويو. ڪجهہ ڏينهن تائين علالت گهٹي وڌي وئي.[2] پاڻ تمام ازواج مطهرات جي اجازت سان حضرت بيبي عائشہ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا جي حجري مبارک ۾ تشريف فرما ٿيا.[3] جڏهن ڪمزوري تمام گهٹي وڌي وئي تہ حڪم ڏنائون تہ حضرت ابوبڪر صديق رَضِیَ اللهُ عَنْهُ منهنجي مصلي تي نماز پڑهائي. پوءِ سترهن نمازون حضرت ابوبڪر صديق رَضِیَ اللهُ عَنْهُ پڑهايون.[4] وفات کان ٿوري دير اڳ حضرت عائشہ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا جا پاءُ حضرت عبدالرحمٰن بن ابوبڪر رَضِیَ اللهُ عَنْهُ تازو ڏندڻ هٿ ۾ کٹي حاضر ٿيا. پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهن ڏانهن نظر ڇمائي ڏنائون. حضرت عائشہ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا سمجهيو تہ ڏندڻ جي خواهش آهي. انهن جلد ئي ڏندڻ کٹي پنهنجي ڏندن سان نرم ڪيو ۽ دست اقدس ۾ ڏنائون. پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڏندڻ ڪيائون.[5] سومر جي ڏينهن، ربيع الاول جي مهيني ۾ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم رحلت فرمائي. مشهور قول جي مطابق ٻارهن ربيع الاول هجرت جي

---

[1] سيرةالحلبية،حجة الوداع،379/3 ملتقطا وملخصا

[2] سبل الهدي والرشاد، ابواب مرض رسول الله و وفاته،الباب الرابع...الخ،233/12 و سيرت مصطفيٰ،ص542

[3] مواهب اللدنية وشرح الزرقاني،الفصل الاول في اتمامہ...الخ،83/12 ملخصا

[4] مواهب اللدنية وشرح الزرقاني،الفصل الاول في اتمامہ...الخ،108/12_110ملتقطا وملخصا

[5] مواهب اللدنية وشرح الزرقاني،الفصل الاول في اتمامہ...الخ،95/12ملخصا

يارهين سال پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ظاهري طور تي هن دنيا کان پردو فرمايو.[1] سندن ظاهري وصال سان صحابہ ڪرام کي وڏو صدمو ٿيو. سندن وصيت جي مطابق سندن اهلبيت ۽ اهل خاندان تجهيز ۽ تڪفين جي خدمت انجام ڏني. سندن جنازو مبارڪ حجري شريف جي اندر ئي رهيو.[2] حضرت عباس رَضِیَ اللهُ عَنْهُ نبي پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نماز جنازه ادا ڪرڻ جي تفصيل هيئن بيان فرمائي تہ جڏهن الله جا آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم وصال فرمائي ويا تہ مرد داخل ٿيا ۽ انهن بغير امام جي انفرادي طور تي صلوٰة وسلام پڙهيو، پوءِ عورتون داخل ٿيون تہ انهن بہ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي صلوٰة وسلام پڙهيو. پوءِ ٻارَ ويا انهن بہ ائين ئي ڪيو. پوءِ غلام ويا انهن بہ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي صلوٰة وسلام پڙهيو. ڪنهن بہ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي امامت نہ ڪرائي. شروع ۾ صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان ۾ اختلاف ٿيو تہ آقا ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ڪٿي دفن ڪجي، ان موقعي تي حضرت ابوبڪر صديق رَضِیَ اللهُ عَنْهُ فرمايو تہ مون رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان ٻڌو آهي تہ هر نبي پنهنجي وفات کان پوءِ انهيءَ جڳهہ تي دفن ڪيو ويندو آهي جنهن جڳهہ تي ان جي وفات ٿي هجي. ان حديث کي ٻڌي ماڻهن انهيءَ جڳهہ (حجرهءِ عائشہ) ۾ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي قبر مبارڪ تيار ڪئي ۽ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهيءَ ۾ مدفون ٿيا. حضرت ابوطلحہ انصاري رَضِیَ اللهُ عَنْهُ بغلي (يعني پاسي واري) قبر شريف تيار ڪئي، حضرت علي، حضرت فضل بن عباس، حضرت قثم بن عباس ۽ حضرت عباس رَضِیَ اللهُ عَنْهُمْ اَجْمَعِيْن جسم اقدس کي قبر منور ۾ لاٿو.[3]

---

[1] طبقات ابن سعد، ذكر كم مرض رسول، 208/2 وفتاويٰ رضويہ، 416/26

[2] مدارج النبوت، 437/2 ملخصا

[3] سنن ابن ماجہ، كتاب الجنائز باب ذكر وفاته ودفنه، 284/2_286، حديث: 1628 ملتقطا

یارھون باب

شمائل ءِ فضائل جو بیان

Blessed Attributes and Appearance of the Holy Prophet ﷺ

حليو مبارک

حضرت انس رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ فرمائن ٿا تہ الله جي آخري نبي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو جسم اطهر تمام نرم ۽ نازڪ هو، مون ريشمي ڪپڑي کي به پاڻ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي بدن مبارڪ کان وڌيڪ نرم ۽ نازڪ نہ ڏٺو ۽ پاڻ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي جسم مبارڪ جي خوشبو کان وڌيڪ سٹي ڪابہ خوشبوء نہ سونگهي.[1] پاڻ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي خصائص منجهان آهي تہ سندن پاڇو نہ هو. سج، چند يا ڪنهن بہ روشنيءَ ۾ پاڇو زمين تي نہ پوندو هو.[2]

سندن ٻنهي شانن (ڪلهن مبارڪن) جي وچ ۾ ڪبوتر جي آني جي برابر مُهرِ نبوت هئي. سندن قد مبارڪ وچولو هو. سندن معجزو هو تہ جڏهن الڳ ٿيندا هئا تہ اوچائي مائل وچولي قد وارا هوندا هئا ۽ جڏهن ٻين سان گڏ هلندا يا ويهندا هئا تہ سڀ کان مٿانهان نظر ايندا هئا.[3]

سندن مٿو مبارڪ وڏو هو، مبارڪ زلفون هلڪي گهنديدار هيون. سندن چهرو مبارڪ جمال الٰهي جو آئينو هو، ائين چمڪندو هو جيئن چوڏهين جو چند، حضرت انس رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ فرمائن ٿا: نبي ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي چهري مبارڪ جو رنگ نہ تہ چُن وانگر بلڪل اڇو هو نہ ئي ڪٹڪائو، بلڪ پاڻ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ڳاڙهي ۽ سفيد ۽ چمڪدار چهري جا مالڪ هئا.[4] سندن مبارڪ پِرُون سڌيون ۽

---

[1] بخاري كتاب المناقب، باب صفة النبي، 489/2 حديث: 3561

[2] شرح الزرقاني علي المواهب، الفصل الاول في كمال خلقته...الخ، 524/5_525

[3] شرح الزرقاني علي المواهب، الفصل الاول في كمال خلقته و جمال صورته، 485/5

[4] الشمائل المحمديه، باب ماجاء في خلق رسول الله، ص15

سنهيون ٻئي اهڙيون هيون جو پري کان مليل معلوم ٿيندیون هيون. انهن جي وچ ۾ رڳ هئي جيڪا ڪاوڙ مهل اپري ايندي هئي. مبارڪ اکيون وڏيون وڏيون ۽ قدرتي طور تي سرمگين (سرمو پاتل) هيون.[1] اکين جو معجزو هو تہ جهڙي ريت پاڻ سامهون واري شيء کي ڏسي ونندا هئا ايئن ئي پنهنجي پٺيان جون شيون بہ ڏسي ونندا هئا. اکين وانگر ڪن مبارڪ بہ معجزاٽي شان وارا هئا، پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم خود ارشاد فرمايو: آئون انهن شين کي ڏسان ٿو جن کي توهان مان ڪوئي نہ ٿو ڏسي ۽ آئون انهن آوازن کي ٻڌان ٿو جن کي توهان مان ڪوئي نہ ٿو ٻڌي.[2]

سندن پيشاني مبارڪ روشن ۽ ڪشادي هئي. سندن رخسار (ڳل) مبارڪ نرم و نازڪ ۽ سڌا هئا، ڏند مبارڪ ڪشادا ۽ روشن هئا، جڏهن پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم گفتگو فرمائيندا هئا تہ ٻنهي اڳيان واري ڏندن جي وچان نور نڪرندو هو، جڏهن پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اوندهيءَ ۾ مُرڪندا هئا تہ چوڌاري روشني ٿي ويندي هئي.[3]

سندن مبارڪ زبان وحيءِ الٰهي جي ترجمان ۽ فصاحت ۽ بلاغت ۾ عاليشان هئي. وڏا وڏا دانشور سندن ڪلام ٻڌندا هئا تہ حيران رهجي ويندا هئا. سندن مبارڪ آواز گهٽو منو، ان جو ڪمال هو تہ خطبن ۾ پري ۽ ويجهي وارا سڀ هڪجهڙو پنهنجي پنهنجي جاءِ تي سندن ڪلام مبارڪ ٻڌي ونندا هئا.[4]

---

[1] الشمائل المحمديہ،باب ماجاء في خلق رسول الله،ص19تا21
[2] الخصائص الكبريٰ للسيوطي باب المعجزة والخصائص...الخ104/1
[3] الشمائل المحمديہ،باب ماجاء في خلق رسول الله،ص21تا26
[4] شرح الزرقاني علي المواهب، الفصل الاول في كمال خلقته...الخ،445_444/5

سندن مبارک هٿ ڏاڍا نرم ۽ نازک ۽ گوشت سان پريل، جنهن شخص سان پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مصافحو فرمائيندا هئا اهو سڄو ڏينهن هٿن کي خوشبودار محسوس ڪندو هو.

سندن مبارک قدم ويڪرا ۽ گوشت سان پريل هئا، پيرن جي نرمي ۽ نزاکت جو حال هي هو جو پاڻي ٽڪندو نه هو.[1] پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هلڻ ۾ وڏي وقار سان قدم شريف کي زمين تي رکندا، جڏهن هلندا هيا تہ ايئن لڳندو هو جيئن مٿان کان هيٺ لهي رهيا آهن، هر قدم جمائي ڪري رکندا هئا.[2]

پسنديده (وٽندڙ) غذائون

الله جي آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي حياتي مبارک سادگي ۽ زُهد جو ڪامل نمونو هئي، ان ڪري ڪڏهن لذيذ غذائن جي طرف توجهہ نہ فرمائي، ايستائين جو زندگي ۾ ڪڏهن چپاتي (سنهي ماني) تناول نہ فرمايائون. ان جي باوجود پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم غذا جي باري ۾ وڏي نفيس مزاج جا مالک هئا. عرب ۾ هڪ کاڌو جيکو گيهہ، پنير ۽ کجور ملائي ڪري پچايو ويندو آهي ان کي "حيس" چوندا آهن، ان کي پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم وڏي رغبت سان تناول فرمائيندا هئا.[3]

پاڇين ۾ پاڻ کي گوشت، سرکو، ماکي، روغن زيتون، ۽ کدو شريف خصوصيت سان پسند هئا. کجور ۽ ستّو بہ گهٽو تناول فرمائيندا هئا. پاڻ کي ٽڏو منو پاڻي گهٽو وٽندو هو، کير ۾ ڪڏهن پاڻي ملائي (ڪچي لسي ٿاهي) ڪري ۽ ڪڏهن خالص کير نوش

---

[1] الشمائل المحمديہ، باب ماجاء في خلق رسول الله، ص21
[2] الشمائل المحمديہ، باب ماجاء في خلق رسول الله، ص86
[3] سنن كبريٰ للنسائي، 114/2 حديث: 2631

فرمائيندا هئا. پاڻ جيڪي ڪجھ نوش فرمائيندا هئا تن ساهين ۾ نوش فرمائيندا هئا.[1]

پسنديده لباس

الله جا آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم گھٽو ڪري سوٽي لباس زيب تن فرمائيندا هئا، ڪنهن خاص لباس جي پابندي نه فرمائيندا هئا. جُبو[2] (gown)، قَبا[3]، پھراڻ[4]، تهبند (يعني گوڏ)[5]، ڇُلّو، چادر، عمامو، ٽوپي، جوراب[6] انهن سيني کي پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم شرف بخشيو ۽ زيب تن فرمايو آهي. رنگن ۾ اڇي رنگ جو ڪپڑو پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي گھٽو پسند هو، هڪ روايت جي مطابق سائو رنگ به پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي وڌيڪ پسند هو.

مبارڪ سواريون

رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي گھوڙي سواري ڏاڍي پسند هئي. ان

---

[1] رسول ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خوراڪ ۽ غذاء بابت وڌيڪ تفصيل جي لاءِ "ماهنامہ فيضان مدينہ" (ربيع الاول 1440 هجري) جي مضمون "پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جون پياريون غذائون" جو مطالعو فرمايو.

[2] هڪ طرح جو ڍرو ڪوٽ جنهن جي آستين ڪارائي ڪان مٿي رهندي آهي، ان جي ڏيگھ گريبان کان پيرن تائين ٿيندي آهي عموماً عالم سڳورا هي لباس استعمال ڪندا آهن.

[3] هڪ ڪوٽ جھڙو لباس جيڪو اڳيان کان کليل هوندو آهي ۽ لباس کان مٿان پاتو ويندو آهي.

[4] هن مان مراد ڪرتو۽ پوشاڪ آهي.

[5] هن مان مراد گوڏ آهي يعني اهو ڪپڑو جيڪو پاجامي جي جڳھ تي ٻڌو ويندو آهي،اسان وٽ ٻھراڙي ۾ استعمال ڪيو ويندو آهي.

[6] هتي چمڙي جا جوراب مراد آهن.

كان علاوه پاڻ اُٺ، خچر ۽ دراز گوش (گڏهه) تي به سواري كئي آهي.[1]

عادتون ۽ اخلاق مبارک

سهڻي صورت سان گڏ سهڻي سيرت ۾ به پاڻ بي مثل ۽ بي مثال هئا. پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هيڻن جي مدد فرمائڻ وارا هئا، پنهنجا ته چا دشمنن تي به نرمي فرمائيندا هئا. عاجزي ۽ انكساري فرمائڻ وارا، پنهنجي ذات جي لاءِ نه كاوڙ كندا هئا نه بدلو وٺندا هئا، مريضن جي عيادت فرمائيندا هئا، ڏكايلن جي غمخواري فرمائيندا هئا، امير هجي يا غريب سيني سان هكجهڙو سلوك كندا هئا، سيني جي دعوت قبول فرمائيندا هئا، پنهنجو كم پنهنجي هٿن سان كرڻ پسند فرمائيندا هئا، سموري جهان ۾ سڀ كان وڌيڪ عادل ۽ پاك دامن هئا. پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ركجي ركجي وڏي وقار سان گفتگو فرمائيندا هئا، گفتگو ۾ ايتري رواني ۽ نكار هوندو هيو جو كير جملا ڪٽڻ چاهيندو هو ته ڪٽي سگهندو هو. پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم وڏا حيادار هئا، سندن امانت ۽ سچائي جا دشمن به اعتراف كندڙ(مجيندڙ) هئا. سندن اخلاق ايڏا عاليشان هئا جو پاڻ ربّ كريم ارشاد فرمايو:

وَ اِنَّكَ لَعَلٰى خُلُقٍ عَظِيْمٍ ﴿۴﴾[2]

ترجمو كنزُالاِيمان: ۽ بيشك توهان يقيناً عظيم اخلاق تي آهيو.

---

[1] رسول كريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سوارين بابت وڌيڪ تفصيل جي لاءِ ماهنامه فيضان مدينه (ربيع الاول 1440 هجري) جي مضمون "رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جون سواريون" جو مطالعو كيو.

[2] سيپارو 29، القلم، آيت:4

فضيلتون ۽ خصوصيتون

تمام نبين ۾ سڀ کان وڏو مرتبو الله جي آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو آهي. قرآن و حديث ۾ سندن اڻ ڳڻيون فضيلتون ۽ خصوصيتون بيان ٿيل آهن. اچو انهن مان کجهه ملاحظو کريو: ❖ ٻيا نبي سڳورا کنهن خاص قوم جي طرف موکليا ويندا هئا، پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سڄي مخلوق انسان ۽ جن، ملک فرشتن، حيوانن، جمادات (بي جان شين) سيني ڏانهن مبعوث ٿيا. ❖ جهڙي طرح انسان تي اوهان جي اطاعت فرض آهي اهڙي طرح هر مخلوق تي سندن فرمانبرداري ضروري آهي. ❖ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرشتن، انسانن، جنن، حورن ۽ خادمن، حيوانن ۽ جماداتن، غرض تمام جهان جي لاءِ رحمت آهن، مسلمانن تي ته گهڻائي مهربان آهن. ❖ نبي عَلَيْهِ السَّلَام خاتم النبيين آهن، يعني الله کريم نبوّت جو سلسلو پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي ختم کري ڇڏيو. سندن زماني ۾ يا بعد ۾ کوبه نبي نه ٿو ٿي سگهي جيکو سندن زماني ۾ يا پاڻ کان بعد کنهن کي نبوت ملڻ مجي يا جائز سمجهي اهو کافر آهي. ❖ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تمام مخلوقِ الٰهي ۾ سڀ کان افضل آهن. ٻين کي فرداً فرداً (يعني هک هک کري) جيکي کمالات عطا ٿيا پاڻ ۾ اهي سڀ جمع کيا ويا، ان کان علاوه پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي اهي کمالات به مليا جنهن ۾ کنهن جو حصو نه آهي بلکه ٻين کي جيکو کجهه مليو حضور عَلَيْهِ السَّلَام جي صدقي بلکه سندن هٿن سان مليو. ❖ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خاصيتن مان معراج آهي، جڏهن پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مسجد حرام کان مسجد اقصيٰ تائين ۽ اتان کان ستن آسمانن ۽ کرسي ۽ عرش تائين، بلکه عرش کان به مٿي رات جي ٿورڙي حصي ۾ جسماني حالت ۾ تشريف ونئي ويا. اتي اهو خاص

قرب حاصل ٿيو جو ڪنهن انسان ۽ فرشتي کي ڪڏهن به حاصل نه ٿيو آهي نه ٿيندو. جمالِ الٰهي جاڳندڙ اکين سان ڏٺائون، ڪلامِ الٰهي بلاواسطه ٻڌائون ۽ آسمان ۽ زمين جي ذري ذري کي ملاحظه فرمايائون. ❖ سنڌن محبت ايمان جو مدار بلڪ ايمان انهيءَ محبت جو ئي نالو آهي، جيستائين سنڌن محبت ماءُ پيءُ اولاد ۽ تمام جهانن کان وڌيڪ نه هجي ماڻهو مسلمان نه ٿو ٿي سگهي. ❖ سنڌن اطاعت عين اطاعت الٰهي آهي، بلڪ الله پاڪ جي اطاعت سرڪار عَلَيْهِ السَّلَام جي اطاعت جي بغير ناممڪن آهي. ايستائين جو ماڻهو جيڪڏهن فرض نماز ۾ هجي ۽ پاڻ ان کي ياد فرمائين، فوراً جواب ڏي ۽ حاضر خدمت ٿئي، هي شخص ڪيتري ئي دير تائين نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان ڳالهائي، بدستور نماز ۾ آهي، ان جي نماز ۾ ڪوبه خلل نه آهي. ❖ سنڌن تعظيم ۽ توقير جهڙي طرح ان وقت هئي ته پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هن جهان ۾ ظاهري نگاهن جي سامهون تشريف فرما هئا، هاڻي به ساڳي طرح وڏي ۾ وڏو فرض آهي. جڏهن پاڻ سڳورن جو ذڪر اچي ته پوري خشوع و خضوع ۽ نوڙت سان باادب ٻڌي ۽ نالو پاڪ ٻڌندي ئي درود شريف پڙهڻ واجب آهي.[1] ❖ الله ڪريم پاڻ سڳورن کي ڪوڙ سارا معجزا عطا فرمايا. چند جا به ٽڪرا ڪرڻ، لٽل سج واپس موٽائڻ، ڪانين کي بلب وانگر روشن ڪرڻ، لعابِ دهن (يعني ٿُڪ مبارڪ) سان ڪارا ڪوهه منا ڪرڻ، پري پري جي ماڻهن جي مدد ڪرڻ، آڱرين مان پاڻيءَ جا چشما نڪرڻ، اشاري تي مينهن جو وسڻ، وٽن ۽ پٿرن سان ڪلام فرمائڻ، ٿورڙو کاڌو ۽ ڪير گهٽي جماعت جي لاءِ پورو ڪري ڏيڻ، وٽن جو هلي ڪري سنڌن سلامي جي لاءِ اڇڻ ۽ جانورن جو انساني ٻولي ڳالهائڻ

[1] بهارشريعت، 76/1، حصه:1

سميت سندن کوڙ سارا معجزا آهن. قرآن پاڪ ۾ سندن معجزن منجهان آهي.

قرآني آيتون ۽ شانِ مصطفيٰ

الله جي آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي فضيلتن جو هڪ روشن باب هي ۾ آهي ته خود الله رب العٰلمين پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي عظمت ۽ شان قرآن پاڪ ۾ ڪيئي هنڌن تي بيان فرمايو آهي. ڪجهه آيتون ملاحظو فرمايو:[1]

بارگاهِ رسالت ۾ حاضر ٿي گناهن جي معافي گهرڻ جو حڪم

وَلَوْ اَنَّهُمْ اِذْ ظَّلَمُوْۤا اَنْفُسَهُمْ جَآءُوْكَ فَاسْتَغْفَرُوا اللّٰهَ وَاسْتَغْفَرَ لَهُمُ الرَّسُوْلُ لَوَجَدُوا اللّٰهَ تَوَّابًا رَّحِيْمًا ﴿۶۴﴾

ترجمو: ۽ جيڪڏهن اهي پنهنجي جانين تي ظلم ڪري وينا هئا ته اي حبيب! تنهنجي بارگاهِ ۾ حاضر ٿي وڃن ها پوءِ الله کان معافي گهرن ها ۽ رسول (ﷺ) انهن جي مغفرت جي دعا فرمائن ها ته ضرور الله کي گهٽو توبهه قبول ڪرڻ وارو، مهربان لهن ها. (سيپارو5، النساء:64)

آمد مصطفيٰ جي خوشخبري ۽ ان تي ايمان آڻڻ جو حڪم

يٰۤاَيُّهَا النَّاسُ قَدْ جَآءَكُمُ الرَّسُوْلُ بِالْحَقِّ مِنْ رَّبِّكُمْ فَاٰمِنُوْا خَيْرًا لَّكُمْ

ترجمو: اي انسانو! توهان جي رب جي طرف کان توهان وٽ هي

[1] تمام آيتن جو ترجمو ڪنزالعرفان مان ورتو ويو آهي.

رسول حق سان گڏ تشريف کٹي آيو تہ ايمان آڻيو، توهان جي لاءِ بهتر ٿيندو. (سيپارو 6، النساء:170)

نبي ڪريم ﷺ جي شان ۽ عظمت جو بيان

يٰۤاَهْلَ الْكِتٰبِ قَدْ جَآءَكُمْ رَسُوْلُنَا يُبَيِّنُ لَكُمْ كَثِيْرًا مِّمَّا كُنْتُمْ تُخْفُوْنَ مِنَ الْكِتٰبِ وَ يَعْفُوْا عَنْ كَثِيْرٍ ؕ قَدْ جَآءَكُمْ مِّنَ اللّٰهِ نُوْرٌ وَّ كِتٰبٌ مُّبِيْنٌ ﴿۱۵﴾

ترجمو: اي ڪتاب وارو! بيشڪ توهان وٽ اسان جا رسول تشريف کٹي آيا، اهي توهان تي گهڻيون اهي شيون ظاهر فرمائن ٿا جيڪي توهان (الله جي) ڪتاب مان لڪائي ڇڏيون هيون ۽ ڪوڙ معاف فرمائي ڇڏن ٿا، بيشڪ توهان وٽ الله جي طرف کان هڪ نور اچي ويو ۽ هڪ روشن ڪتاب. (سيپارو6، المائده:15)

رسول ڪريم ﷺ جا اوصاف ۽ امت تي شفقت جو بيان

لَقَدْ جَآءَكُمْ رَسُوْلٌ مِّنْ اَنْفُسِكُمْ عَزِيْزٌ عَلَيْهِ مَا عَنِتُّمْ حَرِيْصٌ عَلَيْكُمْ بِالْمُؤْمِنِيْنَ رَءُوْفٌ رَّحِيْمٌ ﴿۱۲۸﴾

ترجمو: بيشڪ توهان وٽ توهان منجهان اهي عظيم رسول تشريف کٹي آيا جنهن تي توهان جو تڪليف ۾ پوڻ ڏاڍو گِرو گذري ٿو، اهي توهان جي پلائي جا تمام گهڻا چاهيندڙ، مسلمانن تي وڏا مهربان ۽ رحمت فرمائڻ وارا آهن. (سيپارو11، التوبہ:128)

نبي ڪريم ﷺ جي مسجد حرام کان مسجد اقصيٰ تائين معراج جو بيان

سُبْحٰنَ الَّذِیْۤ اَسْرٰى بِعَبْدِهٖ لَیْلًا مِّنَ الْمَسْجِدِ الْحَرَامِ اِلَى الْمَسْجِدِ الْاَقْصَا الَّذِیْ بٰرَكْنَا حَوْلَهٗ لِنُرِیَهٗ مِنْ اٰیٰتِنَا ؕ اِنَّهٗ هُوَ السَّمِیْعُ الْبَصِیْرُ ۝۱

ترجمو: پاڪ آهي اها ذات جنهن پنهنجي خاص بانهي کي رات جي ڪجهه حصي ۾ مسجد حرام کان مسجد اقصيٰ تائين سير ڪرايو جنهن جي چوڌاري اسان برڪتون رکيون آهن جيئن اسان ان کي پنهنجون عظيم نشانيون ڏيکاريون، بيشڪ اهو ئي ٻڌڻ وارو، ڏسڻ وارو آهي.(سيپارو15،بني اسرائيل:1)

نبي عَلَيْهِ السَّلَام جي شان رحمت جو بيان

وَمَاۤ اَرْسَلْنٰكَ اِلَّا رَحْمَةً لِّلْعٰلَمِیْنَ ۝۱۰۷

ترجمو: ۽ اسان توهان کي تمام جهانن جي لاءِ رحمت بڻائي ڪري ئي موڪليو. (سيپارو17،الانبياء:107)

نبي عَلَيْهِ السَّلَام جي رسالتِ عامّ جو بيان

وَمَاۤ اَرْسَلْنٰكَ اِلَّا كَآفَّةً لِّلنَّاسِ بَشِیْرًا وَّ نَذِیْرًا وَّ لٰكِنَّ اَكْثَرَ النَّاسِ لَا یَعْلَمُوْنَ ۝۲۸

ترجمو: ۽ اي محبوب! اسان توهان کي تمام ماڻهن جي لاءِ خوشخبري ڏيڻ وارو ۽ ڊيڄارڻ وارو بڻائي ڪري موڪليو آهي پر گهڻا ماڻهو نه ٿا ڄاڻن. (سيپارو22،سبا:28)

الله پاڪ ۽ فرشتن جو نبي عَلَيْهِ السَّلَام تي درود ۽ مسلمانن کي درود وسلام جو حڪم

اِنَّ اللّٰهَ وَمَلٰٓئِكَتَهٗ يُصَلُّوْنَ عَلَى النَّبِيِّ ؕ يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا صَلُّوْا عَلَيْهِ وَ سَلِّمُوْا تَسْلِيْمًا ﴿۵۶﴾

ترجمو: بيشڪ الله ۽ ان جا ملائڪ نبي تي درود موڪلين ٿا. اي ايمان وارو! توهان انهن تي درود ۽ خوب سلام موڪليو. (سيپارو 22، الاحزاب:56)

رسول ڪريم ﷺ جي شان ۽ عظمت جو بيان

وَالنَّجْمِ اِذَا هَوٰى ۙ﴿۱﴾ مَا ضَلَّ صَاحِبُكُمْ وَمَا غَوٰى ۚ﴿۲﴾ وَمَا يَنْطِقُ عَنِ الْهَوٰى ؕ﴿۳﴾ اِنْ هُوَ اِلَّا وَحْيٌ يُّوْحٰى ۙ﴿۴﴾

ترجمو: تاري جو قسم. جڏهن اهو لهي. توهان جا ساٿي نه ڀٽڪيا ۽ نه ئي ٽيڙي رستي هليا ۽ اهي ڪا ڳالهه خواهش سان نه ٿا چون. اها وحي ئي هوندي آهي جيڪا انهن ڏانهن ڪئي ويندي آهي. (سيپارو 27، النجم:1-4)

قسمن سان گڏ پاڻ سڳورن ﷺ جي شان جو بيان

وَالضُّحٰى ۙ﴿۱﴾ وَالَّيْلِ اِذَا سَجٰى ۙ﴿۲﴾ مَا وَدَّعَكَ رَبُّكَ وَمَا قَلٰى ؕ﴿۳﴾ وَلَلْاٰخِرَةُ خَيْرٌ لَّكَ مِنَ الْاُوْلٰى ؕ﴿۴﴾ وَلَسَوْفَ يُعْطِيْكَ رَبُّكَ فَتَرْضٰى ؕ﴿۵﴾

ترجمو: چڑهندڙ ڏينهن جي وقت جو قسم. ۽ رات جو جڏهن اها ڍڪي ڇڏي. تنهنجي رب نه توکي ڇڏيو ۽ نه ناپسند ڪيو. ۽ بيشڪ

تنهنجي لاءِ هر گذريل گهڙي پهرين کان بهتر آهي. ۽ بيشڪ ويجهو آهي جو تنهنجو رب توکي ايترو ڏيندو جو تون راضي ٿي ويندين. (سيپارو30، الضحي:1-5)

رسول ڪريم ﷺ تي انعام الٰهي جو بيان

وَ رَفَعْنَا لَكَ ذِكْرَكَ ۝

ترجمو: ۽ اسان تنهنجي خاطر تنهنجو ذڪر بلند ڪري ڇڏيو. (سيپارو30، الم نشرح:4)

پاڻ ﷺ کي ڪوثر عطا ٿيڻ جو بيان

اِنَّاۤ اَعْطَيْنٰكَ الْكَوْثَرَ ۝

ترجمو: اي محبوب! بيشڪ اسان توکي اڻ ڳڻت خوبيون عطا فرمايون. (سيپارو30، الڪوثر:1)

شانِ مصطفيٰ حديثن جي روشني ۾

حديثن مبارڪن جي اندر ڪيترن ئي جاين تي الله جي آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پاڻ پنهنجا فضائل بيان فرمايا آهن. ڪجهه اهڙيون حديثون ملاحظو فرمايو.

تمام بني آدم (انسانن) جا سردار

الله جي آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو:

أَنَا سَيِّدُ وَلَدِ آدَمَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ وَلَا فَخْرَ وَبِيَدِيْ لِوَاءُ الْحَمْدِ وَلَا فَخْرَ وَمَا مِنْ نَبِيٍّ يَوْمَئِذٍ آدَمُ فَمَنْ سِوَاهُ إِلَّا تَحْتَ لِوَائِيْ [1]

[1] ترمذي كتاب المناقب باب ماجاء في فضل النبي، 345/5 الحديث:3635

ترجمو: آئون قيامت جي ڏينهن تمام انسانن جو سردار آهيان، ۽ ان تي کوبہ فخر نہ آهي، منهنجي هٿ ۾ لواءِ حمد جو جهنڊو هوندو، ۽ ان تي کوبہ فخر نہ آهي. قيامت جي ڏينهن (حضرت) آدم ۽ ان کانسواءِ جيترا بہ آهن سڀ منهنجي جهنڊي جي هيٺان هوندا.

مصطفيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جون پنج خصوصيتون

الله جي آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو:

مون کي پنج اهڙيون شيون عطا ڪيون ويون آهن جيڪي مون کان پهرين ڪنهن کي نہ ڏنيون ويون:

(1) هڪ مهيني جي پنڌ جي رعب جي ذريعي منهنجي مدد ڪئي وئي. (2) منهنجي لاءِ مال غنيمت حلال ڪيو ويو حالانڪ مون کان پهرين ڪنهن جي لاءِ حلال نہ هو. (3) منهنجي لاءِ تمام زمين کي سجده گاهہ ۽ متي کي پاڪ بڻايو ويو لهٰذا منهنجي ڪنهن امتي کي نماز جو وقت ٿي وڃي تہ اتي ئي نماز پڙهي وٺي. (4) مون کي منصبِ شفاعت عطا ڪيو ويو. (5) هر نبيءَ کي هڪ خاص قوم جي طرف موڪليو ويو جڏهن تہ مون کي تمام ماڻهن جي طرف موڪليو ويو.[1]

اوّل الانبياء

حضرت ابوهريره رَضِیَ اللهُ عَنْهُ فرمائن ٿا تہ هڪ ڀيرو صحابين سڳورن عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان بارگاهہ رسالت ۾ عرض ڪيو تہ يارسول الله! صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! هي ارشاد فرمايو تہ توهان کي شرفِ نبوت سان ڪڏهن سرفراز فرمايو ويو؟ تہ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جواب ارشاد فرمايو تہ: آئون ان

[1] مسلم كتاب المساجد ومواضع الصلوٰة، ص265حديث:522

وقت بہ نبي هيس جڏهن آدم عَلَيْهِ السَّلَام جي تخليق اڃا جسم ۽ روح جي مرحلي ۾ هئي.[1]

شان مصطفيٰ بزبان عمر رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ

صحابيءِ رسول حضرت عمر رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ هڪ پيري روئيندي الله جي آخري نبي صَلَّی اللّٰہُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو شان بيان فرمايو. سندن ان حسين گفتگو جون ڪجهہ ڳالهيون ملاحظہ فرمايو:

يا رسول الله! صَلَّی اللّٰہُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم منهنجا ماءُ پيءُ توهان جي مٿان قربان! پهريان توهان ڪجي جي هڪڙي ڀُڙ تي خطبو ارشاد فرمائيندا هئا. ماڻهن جي گهڻائيءَ جي ڪري پوءِ توهان منبر تي خطبو ڏيڻ لڳا، ڪجيءَ جو اهو ڀڙ توهان جي جدائي ۾ رُنو ايسيتائين جو توهان پنهنجو دستِ شفقت ان جي مٿان رکيو تہ ان کي قرار اچي ويو. توهان جي جدائي تي توهان جي امت روئڻ جو وڏيڪ حق رکي ٿي. يارسول الله! صَلَّی اللّٰہُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم منهنجا ماءُ پيءُ توهان جي مٿان قربان! توهان جي رب وٽ توهان جو مقام ايڏو بلند آهي جو هن توهان جي اطاعت کي پنهنجي اطاعت قرار ڏنو آهي، جيئن ارشاد فرمايو:

مَنْ يُّطِعِ الرَّسُوْلَ فَقَدْ اَطَاعَ اللّٰهَ ۚ

ترجمو: جنهن رسول جي اطاعت ڪئي ان الله جي اطاعت ڪئي. (سيپارو5، النساء، آيت:80)

يارسول الله! صَلَّی اللّٰہُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم منهنجا ماءُ پيءُ توهان جي مٿان قربان! منهنجي رب وٽ توهان جو مقام ايترو بلند آهي جو هن سيني نبين

[1] ترمذي كتاب المناقب باب ماجاء في فضل النبي 351/5 الحديث:3629

كانپوءِ توهان كي موكليو مگر توهان جو ذكر سيني نبين كان پهريان فرمايو جيئن ارشاد ٿئي ٿو:

وَاِذْ اَخَذْنَا مِنَ النَّبِيّٖنَ مِيْثَاقَهُمْ وَمِنْكَ وَمِنْ نُّوْحٍ وَّاِبْرٰهِيْمَ وَمُوْسٰى وَ عِيْسَى ابْنِ مَرْيَمَ ۪ وَاَخَذْنَا مِنْهُمْ مِّيْثَاقًا غَلِيْظًا ۙ﴿۷﴾

ترجمو: ۽ اي محبوب! ياد كريو جڏهن اسان نبين كان انهن جو عهد ورتو ۽ توهان كان ۽ نوح ۽ ابراهيم ۽ موسيٰ ۽ عيسيٰ بن مريم كان (عهد ورتو) ۽ اسان انهن (سيني) كان وڏو مضبوط عهد ورتو. (سيپارو21، الاحزاب، آيت:7)

يارسول الله! صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم منهنجا ماءُ پيءُ توهان جي مٿان قربان! الله پاڪ حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام كي هي معجزو ڏنو جو پٿر (تي لٺ هٽڻ سان ان) مان چشما وهي نڪتا، پر ان كان وڌيڪ حيرت انگيز ڳالهه هي آهي ته توهان جي آڱرين مبارڪن مان پاڻي جا چشما جاري ٿيا. يارسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! منهنجا ماءُ پيءُ توهان جي مٿان قربان! الله پاڪ حضرت سليمان عَلَيْهِ السَّلَام كي هوا تي ايڏو غلبو ڏنو هو جو ان جو صبح جو هلڻ هڪ مهيني جي پنڌ ۽ شام جو هلڻ به هڪ مهيني جي پنڌ جي برابر هوندو هو، پر ان كان به وڌيڪ تعجب خيز (اچرج واري) توهان جي سواري براق آهي جنهن تي سوار ٿي كري توهان ستن آسمانن جو سير كري آيا ۽ انهيءَ رات فجر جي نماز مكي ۾ اچي كري ادا فرمائي. يارسول الله! صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم منهنجا ماءُ پيءُ توهان جي مٿان قربان! الله پاڪ حضرت عيسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام كي مرده زنده كرڻ جو معجزو عطا فرمايو پر ان كان وڌيڪ حيرت انگيز ڳالهه هي آهي جو بكري جي ٻچيل

زهريلي گوشت توهان سان گڏلهايو ۽ چوڻ لڳو: مون کي نہ کائجو چو تہ مون ۾ زهر ملايل آهي. يارسول الله! صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم منهنجا ماڻُ پيءُ توهان جي مٿان قربان! حضرت نوح عَلَيْهِ السَّلَام پنهنجي قوم جي هلاکت جي لاءِ دعا ڪئي ۽ فرمايو:

رَّبِّ لَا تَذَرْ عَلَى الْاَرْضِ مِنَ الْكٰفِرِيْنَ دَيَّارًا ﴿۲۶﴾

ترجمو: اي منهنجا رب! زمين تي ڪافرن منجهان ڪوبہ رهڻ وارو نہ ڇڏ. (سيپارو29،نوح، آيت:26)

جيڪڏهن توهان بہ ساڳي طرح دعا ڪريو ها تہ اسين تباهہ و برباد ٿي وڃون ها، پر توهان جي شفقت آهي جو توهان کي ستايو ويو، تڪليفون ڏنيون ويون، توهان کي زخمي ڪيو ويو تڏهن بہ توهان خير کان سواءِ ڪجهہ نہ چيو، توهان جي قوم جڏهن بہ تڪليف پهچائي توهان جي زبان مبارڪ کان اهي ئي لفظ ادا ٿيا: اَللّٰهُمَّ اغْفِرْ لِقَوْمِيْ فَاِنَّهُمْ لَايَعْلَمُوْنِ اي الله! منهنجي قوم کي معاف فرماءِ ڇو تہ اهي مون کي نہ ٿا ڄاڻن.

يارسول الله! صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم منهنجا ماڻُ پيءُ توهان جي مٿان قربان! اعلانِ نبوت کانپوءِ ٿوري ئي عرصي ۾ ماڻهن توهان تي ايمان آندو ۽ توهان جي پيروري ڪرڻ لڳا، جڏهن تہ حضرت نوح عَلَيْهِ السَّلَام سان ايئن نہ ٿيو حالانڪہ انهن وڏي عمر بہ ماڻي ۽ ڪافي عرصو تبليغ بہ ڪيائون، توهان جي زندگي ۾ ئي لا تعداد ماڻهن توهان تي ايمان آندو جڏهن تہ حضرت نوح عَلَيْهِ السَّلَام تي ايمان آڻڻ وارن جو تعداد تمام گهٽ آهي.[1]


---

[1] المدخل لابن الحاج المالكي،3/173_174ملتقطا وملخصا

پارھون باب:

خاندان مصطفيٰ ۽ سندن واسطيدار


Family and Associates of the Holy Prophet ﷺ



[1] خاندان مصطفيٰ جو هي نقشو "السيرة النبوية لابن هشام جلد١، المواهب اللدنيہ جلد١، سبل الهديٰ والرشاد جلد١، شرح الزرقاني علي المواهب جلد ٤ جي مختلف صفحن جي مدد سان تيار ڪيو ويو آهي.

[2] حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي چاچن جي تعداد ۾ اختلاف آهي اسان سڀ نالا ذڪر ڪري ڇڏيا آهن شروع جي ٩ نالن تي سيرت نگارن جو اتفاق آهي جڏهن ته آخري ٣ نالا صاحب مواهب اللدنيہ "ذخائر العقبيٰ في مناقب ذوي القربيٰ" جي حوالي سان ڏنا آهن.

رسول الله ﷺ جا رضاعي(ٽچ شريڪ) مائٽ[1]



رضاعي والد

حارث بن عبدالعزيٰ

رضاعي مائرون

واله ٻيبي آمنه

سندن واله ٻيبي آمنه ست ڏهاڙا ڪير پياريو

حليمه سعديه

حضور رضاعت وارا ڏينهن سپ ڪان وڌيڪ ان وٽ گذاريا ۽ ننڍپڻ ۾، جڏهن هي سندن بارگاهه ۾ آئي تہ پاڻ ان جي لاءِ چادر وڇائي

ام فروه

حضرت حمزه ۽ ان جو ڪير پيتو انهيءَ نسبت سان هو سندن رضاعي پياء ۽ آهن ۽ چاچا ۽.

ٻيبي ثويبه

هي ابولهب جي ٻانهي هئي پاڻ ۽ سيده خديجه ان جو ڏاڍو احترام فرمائيندا هئا ۽ مدينه منوره کان ۽ ان ڏي ڪپڑا وغيره موڪلينداهئا

بنو سليم جون ۽ عورتون

جڏهن حضور کي بنو سعد ڏي وئيو پئي ويا تڏهن هنن عورتن پاڻ کي ڪير پياريو هو

رضاعي پائٽ

حضرت حمزه

(چاچو ۽ رضاعي پياء ۽)

ابوسفيان بن حارث

سندن سئوٽ شروع ۾ اسلام جو مخالف بعد ۾ اسلام قبول ڪري ورتائون

ابوسلمه بن عبدالاسد

ابتدائي مسلمان مان آهن ٻيبي ثويبه حضورانڪرم ﷺ سان گڏ حضرت حمزه ۽ ابو سلمه کي ۽ ڪير پياريو

مسروح بن ثويبه

حضور جي رضاعي واله ثويبه جو پٽ

حفص بن حارث

سيده حليمه جا پٽ عبدالله بن حارث بعضن ان جو نالو ضمره لکيو آهي

رضائي پينرون

انيسه بنت حارث

ٻيبي حليمه جي ڏيءَ

شَيماءبنت حارث

ٻيبي حليمه جي ڏيءَ ننڍپڻ ۾ سندن ڏاڏو خيال رکندي هئي پاڻ وٽ آئي تہ حضور ﷺ ان جي لاءِ چادر وڇائي تعظيم ڏيئي ڪري رخصت فرمايائون

---

1 نبي ڪريم ﷺ جي رضاعي مائٽن بابت هي معلومات"السيرة النبوية لابن هشام جلد١، المواهب الدنيه١، سبل الهديٰ والرشاد جلد١، جي مختلف صفحن مان ورتيون ويون آهن.

امهات المؤمنين[1]

نالا مبارڪ	نبي پاڪ سان نڪاح	عمر بوقت نڪاح	نبي پاڪ سان گذاريا	عمروقت وصال
سيده خديجه بنت خويلد	هجرت کان 28 سال اڳ ۾	40 سال	25 سال	65سال
سيده سوده بنت زمعه	هجرت کان 3 سال اڳ ۾	. . .	14 سال	. . .
سيده عائشه بنت ابوبڪر صديق	نڪاح هجرت کان 2 سال اڳ ۾ رخصتي 1ھ ۾	نڪاح جي وقت 6 سال رخصتي جي وقت 9 سال	10 سال	65سال
سيده حفصه بنت عمر فاروق	3 هجري	21 سال	8 سال	63سال
سيده زينب بنت خزيمه	3 هجري	29 سال	8 مهينا	30سال
سيده ام سلمه بنت ابو اميه	4 هجري	28 سال	7 سال	85سال
سيده زينب بنت جحش	5 هجري	37 سال	6 سال	53سال
سيده ام حبيبه بنت ابوسفيان	6 هجري	32 سال	5 سال	69سال
سيده جويريه بنت حارث	5 هجري	19 سال	6 سال	70سال
سيده ميمونه بنت حارث[2]	7 هجري	36 سال	4 سال	80سال
سيده صفيه بنت حيي	7 هجري	16 سال	4 سال	59سال

[1] هي معلومات شرح الزرقاني علي المواهب جلد 4، اسد الغابه جلد7،سبل الهديٰ والرشاد جلد4 ۽ المختصر الكبير في سيرت الرسول مان ورتيون ويون آهن

[2] بيبي جويريه ۽ بيبي ميمونه بنهي جو اصل نالو بَرَّه هو حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هي نالا تبديل ڪيا هئا. انهن بنهي جي والدن جو نالو به حارث آهي مگر اهي ٻئي ڏار ڏار شخصيتون آهن

اولاد اطهار

اسم شريف	ولادت	مؤس	اولاد	تاريخ وصال	عمر بوقت وصال
سيدنا قاسم	_	_	_	_	_
سيده زينب	30ولادت[1]	ابوالعاص بن ربيع	پٽ علي ذيءَ امامہ	8هجري	31 سال
سيده رقيه	33ولادت	پهريون عتبہ بن ابولهب ٻيو عثمان غني	پٽ عبدالله	رمضان2ھ	22 سال
سيده ام كلثوم	34ولادت	پهريون عتيبہ بن ابولهب ٻيو عثمان غني	كا به نہ	رمضان9ھ	28 سال
سيده فاطمه	35ولادت	علي المرتضيٰ	پٽ حسن،حسين، محسن نياڻيون، زينب،ام كلثوم،رقيہ	3رمضان11 ھ	29 سال
سيدنا عبدالله	بعدِ اعلانِ نبوت	_	_	4 نبوت	ننڍپڻ ۾
سيدنا ابراهيم[2]	ذوالحج8هجري	_	_	10ربيع الاول10ھ	17يا 18مهينا

رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا غزوات ۽ سرايا

رسولِ خدا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مبارڪ دور ۾ ٿيڻ وارين جنگين جو تعداد 100 تائين بيان ڪيو وڃي ٿو. انهن منجهان ڪيئي اهڙيون جنگون آهن جن ۾ تلوار ڪڍڻ جي نوبت ئي نہ آئي. هڪڙي تحقيق

---

[1] ولادت مان ولادت نبوي مراد آهي.

[2] هي شهزادا حضرت بيبي ماريہ مان هئا ان كان علاوه سندن تمام شهزادا ۽ شهزادیون بيبي خديجہ مان ٿيا.

جي مطابق هنن تمام غزوات ۽ سرايا ۾ 181 صحابہ ڪرام جامِ شهادت نوش فرمايو جڏهن تہ 202 غير مسلم هلاڪ ٿيا، ايئن مقتولن جو ڪل تعداد 383 آهي. ان مان معلوم ٿئي ٿو تہ دورِ نبوي ۾ ٿيڻ وارا تمام غزوات ۽ سرايا امن ۽ سلامتي جي فروغ جي لاءِ هئا. غزوات ۽ سرايا جا انگ اکر هي آهن:

غزوه جو نالو	مسلمان شهداء	مقتول ڪافر	غزوه جو نالو	مسلمان شهداء	مقتول ڪافر
غزوه بدر	14	70	غزوه بنو قريظ[1]	.	.
غزوه سويق	2	.	غزوه ذي قرد	2	1
سريہ سرڪوبي ڪعب بن اشرف	.	1	غزوه بنو مصطلق	1	.
غزوه احد	70	22	غزوه خيبر	20	2
غزوه حمراء الاسد	.	1	غزوه وادي قريٰ	1	.
سريہ رجيع	7	.	غزوه موتہ	11	.
سريہ بئر معونہ	27	.	فتح مڪہ	3	17
غزوه خندق	6	3	غزوه حنين	4	84
سريہ عبدالله بن عتيڪ	.	1	غزوه طائف	13	.

ٽوٽل تعداد	مسلمان شهداء	مقتول ڪافر
	181	202

[1] يهودين جي عهد شڪني (وعدو ٽوڙڻ) جي سزا ڏيڻ جي لاءِ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم لشڪر وٺي ڪري بنو قريظ پهتا انهن محاصري کان تنگ اچي ڪري هٿيار ڦٽا ڪيا ۽ چيائون حضرت سعد بن معاذ انهن جي باري ۾ فيصلو ڪري. حضرت سعد جي فيصلي جي روشني ۾ انهن جي ويڙهاڪن کي قتل ڪيو ويو.ايئن اهي هلاڪتون ميدانِ جنگ ۾ نہ ٿيون.

رسول الله صلَّى الله عليه واٰله وسلَّم جي عمومي استعمال جون ڪجه شيون: [1]

قينچي
جامع

سرمي داڻي
سمهڻ مهل اثمد سُرمو لڳائڻ جي لاءِ استعمال فرمائيندا هئا

سرائي
سُرمو لڳائڻ جي لاءِ، ڪاڻ، جي هئي،

لٹ
ممشوق

صندوقڙي
شاه مقوقس تحفي ۾ موڪلي. سفر ۾ گڏ رهندي هئي. هن ۾ سندن جون هي ٽ شيون هونديون هيون. ڦٽي، سرمي داڻي، قينچي، مسواڪ (ڏندڻ شريف)، آئينو

ٹپُ
ڪپڑا ڏوئڻ جي لاءِ پٿل جو هڪڙو ٽانو

پتل جو وڏو پيالو
سَعَه

عصا
اٻهي، ڪري اوهان کي صاحب الهراوه فرمايو ويو

ڪٹ
بيبي عائشہ جي گهر ۾ هئي. اسعد بن زراره پيش ڪئي هئي. هن جا باوا ساڪران جا هئا

چمڙي جو بسترو
هن ۾ ڪجهہ، جا سنها چوڏا پيريل هئا

چمڙي جو وهاڻو
هن ۾ ڪجهہ، جا سنها چوڏا پيريل هئا

مِخضَب
پٿر جو ٽال ان سان وضو فرمائيندا هئا

قٹي
هاڻي جي ڏندن جي ٺهيل هئي

آئينو
مُدِلَّه

نعلين شريف
بنا وارن جي چمڙي جا هئا ۽ هر هڪ ۾ بندش جا ٻه پٽا هئا

دسترخوان
جنهن تي ويهي ڪري کاڏو تناول فرمائيندا هئا

ڪرسي
جنهن جا پاوا لوهہ جا يا ڪاري ڪاني جا هئا

هڪ تڏو جنهن تي رات ۾ نماز ادا فرمائيندا هئا ۽ ڏينهن ۾ تشريف فرما ٿيندا هئا

عماما(دستار)
ڪارو، حرقاني، ڪو زعفراني، اڇو، ڏاري دار ڪاڙهو، سائو

---

1 شرح الزرقاني علي المواهب، ۵/۳۹۰_۷۹ ملتقطا وملخصا

رسول الله صلَّى الله عليه واله وسلَّم جون سواريون:

ڏاڇيون	خچر	گڏه
قصواء، عضباء، جدعا	دُلدُل	يعفور[1]

اُٹَ

ثعلب	جمل احمر	عسكر	سهري	۽ ڪيترائي اُٹ جنهن جا نالا مشهور نہ آهن

اڇي رنگ جو ڪُکڑ

پکريون

ڪير ڏيڻ واريون پکريون ڏهه هيون انهن کي سيده امّ ايمن چاريندي هئي.

بَرَکہ	زمزم	قَمَر	وَرشہ	عجره	اَطراف
سُقياء	اَطلال	يمن	غوثہ يا غَيثہ		

20 ڏاڇيون ڪير ڏيڻ واريون هيون جيڪي مديني کان ٻاهر چرنديون هيون ۽ روزانو رات جو ٻہ وڏا مشڪيزه ڪير جا آندا ويندا هئا. [2]

1 سبل الهدىٰ والرشاد،ابواب ذكر دوابه...،۱۱/۹۱٤_۰۲٤ ملتقطا

2 شرح الزرقاني علي المواهب،۵/۹۰۱_۲۱۱ ملتقطا وملخصا.

تیرھون باب

حیاتِ مصطفیٰ ﷺ ھک نظر ۾

A glance on the Blessed Life of the Holy Prophet ﷺ

اسلامي سن	عيسوي سن	اهم واقعا
ولادت جو سال	20اپريل571ع	12ربيع الاول جو مڪي ۾ ولادت/ ولادت کان ڇهه مهينا اڳ والد جو وصال
ٻيو سال	572ع	حضرت حليمه وٽ قبيلا بنو سعد ۾ رهيا
ٽيون سال	573ع	مڪي واپسي مگر وبا جي ڪري قبيلي بنو سعد ۾ وڌيڪ قيام
چوٿون سال	574ع	قبيلي بنو سعد ۾ شق صدر/ والده وٽ واپسي
عمر مبارڪ جو ڇهون سال	577-576ع	والده ۽ ام ايمن سان گڏ مديني کان واپسي تي ابواء جي هنڌ تي والده حضرت آمنه رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہَا جو انتقال ۽ تدفين
اٺون سال	579-578ع	ڏاڏي عبدالمطلب جو انتقال/چاچي ابوطالب جي ڪفالت جو آغاز
نائون سال	580-579ع	عرب ۾ شديد ڏڪار جيڪو سندن برڪت سان ختم ٿيو
ڏهون سال	581ع	10سال جي عمر ۾ پنهنجي چاچي زبير سان گڏ يمن جو سفر
ٻارهون سال	583ع	ابوطالب سان گڏ شام ملڪ جو پهريون تجارتي سفر ۽ بَحِيرا راهب سان ملاقات
چوڏهون سال	585-584ع	حربِ فِجَار ۾ شرڪت
ويهون سال	590-589ع	حِلفُ الفضول ۾ شرڪت
پنجويهون سال	595ع	حضرت خديجه جي فرمائش تي ان جي مال سان گڏ شام جو ٻيو تجارتي سفر پوءِ ٽن مهينن کان بعد حضرت خديجه سان شادي
ٽيهون سال	600ع	سڀ کان وڏي شهزادي حضرت زينب جي ولادت
ٽيٽيهون سال	603ع	ٻي شهزادي حضرت رقيه جي ولادت
پنجٽيهون سال	605ع	تعمير ڪعبه ۾ شرڪت/ حجر اسود جي تنازعي جو فيصلو/حضرت فاطمه جي ولادت
پهرين نبوي	فيبروري610ع	عمر مبارڪ جي چاليهين سال پهرين وحي جي آمد ۽ اعلان نبوت
هڪ کان3نبوي	613-610ع	ٽن سالن تائين خفيه طور تي دعوت اسلام/صاحبزادي حضرت رقيه جو حضرت عثمان غني رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُمَا سان نڪاح
4 نبوي	614-613ع	اعلانيه تبليغ اسلام جو آغاز ۽ شرڪ و بت پرستي کان روڪڻ

5 نبوي	615ع	مسلمانن کي حبشه هجرت ڪرڻ جو حڪم فرمايو
6 نبوي	616ع	حضرت عمر فاروق اعظم ۽ حضرت امير حمزه رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُمَا جو قبولِ اسلام
7 نبوي	617ع	خاندان بنو هاشم جو شعب ابي طالب ۾ محاصري جو آغاز
10 نبوي	620-619ع	شعب ابي طالب ۾ بائيڪاٽ جو اختتام
10 نبوي	620-619ع	هن سال کي عام الحزن چيو ويندو آهي، رسول الله صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي چاچي ابوطالب ۽ زوجه حضرت خديجه رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہَا جو انتقال ٿيو
12 نبوي	جولاءِ621ع	پهرين بيعت عقبه جڏهن مديني جي ٻارهن ماڻهن منيٰ جي گهاٽي ۾ اسلام آندائون/معراج جو معجزو عطا ٿيو
13 نبوي	جون622ع	پي بيعت عقبه جڏهن مديني جي وڌيڪ 72 ماڻهن منيٰ جي گهاٽي ۾ سندن هٿ تي بيعت ڪئي/انهي سال سيپٽمبر ۾ هجرتِ مدينه
1 ربيع الاول پهرين هجري	622ع	قباء ۾ آمد/تعميرِ مسجد قباء/پهريون جمعو ادا فرمايو/مديني ۾ جلوه گري/تعميرِ مسجد نبوي/مواخاتِ مدينه قائم فرمايائون/آذان و اقامت جي شروعات/سيده عائشه سان شادي/حضرت فاطمه جي شادي
2 هجري	624-623ع	قبلي جي تبديلي /رمضان جي روزن جي فرضيت/ ٻنهي عيدن جي نماز ۽ قرباني جو وجوب/ غزوه بدر/امام حسن جي ولادت/حضرت رقيه جي وفات/حضرت ام ڪلثوم جي حضرت عثمان رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُمْ سان شادي
شوال 3 هجري	مارچ625ع	انهيءَ سال غزوه احد جو معرڪو پيش آيو/حضرت امير حمزه جي شهادت
4 هجري	626-625ع	سانحه رجيع/بئر معونه/صلوٰة الخوف جو حڪم/امام حسين رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جي ولادت/حضرت ام سلمه ۽ حضرت زينب بنت جحش رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُمَا سان شادي/نماز قصر ۽ پردي جي احڪام جو نزول

5 هجري	627-626ع	حضرت جويريه رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہَا سان نڪاح/غزوه خندق/غزوه بنو مصطلق/واقع افڪ/تيمّم جي جواز جو حڪم نازل ٿيو/غزوه بنو قريظ
6 هجري	628ع	بيعتِ رضوان/صلح حديبيه/بادشاهن کي اسلام جي دعوت جا خط موڪليا/شاهِ حبش حضرتِ نجاشي رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ جو قبول اسلام
7هجري	629-628ع	غزوه خيبر/غزوه ذاتُ الرّقاع/حضرت امِّ حبيبه، حضرت صفيه ۽ حضرت ميمونه رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُنَّ سان نڪاح/ردُّ الشمس جو معجزو/شهزادي حضرت ابراهيم رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ جي ولادت/عمره قضا جي ادائيگي
8 هجري	630ع	فتح مڪ/غزوه حنين/غزوه طائف/غزوه موته
9هجري	631ع	غزوه تبوڪ/مختلف وفدن جي بارگاهه رسالت ۾ حاضري
10 هجري	632ع	شهزادي حضرت ابراهيم رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ جو وصال/صحابه ڪرام جي عظيم اجتماع سان گڏ الوداعي حج جي ادائيگي/جيشِ اسامه جي تياري/بارهن ربيع الاول بروز سومر بمطابق 12 جون 632 عيسوي جو 63 سال جي عمر ۾ رسول ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَيۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو وصال ظاهري، پهرين ربيع الاول ۽ ۾ ربيع الاول تي وفات شريف جا ۾ اقوال آهن، حضرت عائشه رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہَا جي حُجري (يعني گهر) ۾ تدفين.

سيرتِ رسول جي واقعات ۾ ممڪن طور تي حتمي تاريخن جو اهتمام ڪيو ويو آهي مگر پوءِ ۾ ردوبدل جو امڪان موجود آهي.

مآخذ و مراجع

قرآن مجيد		
كتاب جو نالو	مؤلف/ مصنف/ متوفي	مطبوعه
كنزالايمان	اعليٰ حضرت امام احمدرضا خان متوفي 1340ھ	مكتبة المدينه كراچي
تفسير درمنثور	علامہ جلال الدين عبد الرحمٰن السيوطي متوفي911ھ	دارالفكر بيروت2011
صحيح البخاري	امام ابو عبدالله محمد بن اسماعيل بخاري متوفي 256ھ	دارالكتب العلميه بيروت 1419ھ
صحيح مسلم	امام ابو حسين مسلم بن حجاج قشيري متوفي261ھ	دارلكتب العربي بيروت 2008ع
سنن ابي داؤد	امام ابوداؤد سليمان بن اشعث سجستاني متوفي275 ھ	دار احياء التراث العربي بيروت1421ھ
سنن ترمذي	امام ابو عيسيٰ محمد بن عيسيٰ ترمذي متوفي 279ھ	دارالفكر بيروت 1414ھ
سنن نسائي	امام احمد بن شعيب نسائي متوفي 303ھ	دارالكتب العلميه بيروت2009ع
سنن ابن ماجه	امام ابو عبدالله محمد بن يزيد ابن ماجه متوفي 383ھ	دارالمعرفه بيروت
مستدرک	ابو عبدالله امام محمد بن عبدالله حاكم	دارالمعرفه بيروت1418ھ

	نيشاپوري متوفي404 ھ	
جمع الجوامع	امام جلال الدين بن ابو بكر سيوطي شافعي متوفي911ھ	دارالكتب العلميہ بيروت1421ھ
الشمائل المحمديہ	امام ابو عيسيٰ بن عيسيٰ ترمذي متوفي279ھ	دار احياءالتراث العربي
كتاب المغازي للواقدي	امام محمد بن عمر الواقدي متوفي207ھ	موسستہ العلمي للمطبوعات بيروت1989ع
الاكتفا	علامہ ابو الربيع سليمان بن موسيٰ اندلسي متوفي634ھ	دارالكتب العلميہ بيروت2000ع
وفاءالوفاء	علامہ نورالدين سمهودي متوفي911ھ	دار احياء التراث العربي
سيرت حلبيہ	علامہ علي بن برهان الدين حلبي متوفي1044ھ	دارالمعرفة بيروت
الروض الانف	امام ابوقاسم عبدالرحمان سهيلي متوفي581ھ	دارالكتب العلميہ بيروت
السيرة النبويہ لابن هشام	علامه عبدالملك بن هشام حميري متوفي213ھ	دارالجيل بيروت
دلائل النبوة	امام ابوبكر احمد بن حسين بن علي بيهقي متوفي458ھ	دارالكتب العلميہ بيروت1988ع
المواهب اللدنية	امام احمد بن محمد قسطلاني متوفي923ھ	دارالكتب العلميہ بيروت1996ع
شرح زرقاني علي	امام محمد زرقاني بن	دارالكتب العلميہ

المواهب	عبدالباقي متوفي1122ھ	بيروت1996ع
سبل الهديٰ والرشاد	امام محمد بن يوسف صالحي شامي متوفي942ھ	دارالكتب العلميه بيروت1993ع
فتوح البلدان	علامہ ابوالعباس احمد بن يحييٰ بلاذري	موسسۃ المعارف1987ع
طبقات ابن سعد	محمد بن سعد بن منيع هاشمي	دارالكتب العلميه بيروت1997ع
مدارج النبوت	شيخ عبدالحق محدث دهلوي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه متوفي1052ھ	مركزاهلسنت بركات رضا
معارج النبوت	مولانا معين الدين كاشفي هروي	نوريه رضويه پبلشنگ كمپني
سيرت مصطفيٰ	شيخ الحديث علامہ عبدالمصطفيٰ اعظمي	مكتبة المدينه كراچي
بلد الامين	علامہ ابو النصر منظور احمد شاه هاشمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه	مكتبه نظاميه ساهيوال
الكلام الاوضح في تفسيرالم نشرح (انوارِجمالِ مصطفيٰ)	امام المتكلمين مولانا نقي علي خان متوفي1297ھ	شبير برادرز لاهور
فيضان خديجة الكبريٰ	المدينة العلميه (شعبه فيضان صحابيات)	مكتبة المدينه كراچي
بهارِ شريعت	صدرالشريعه مفتي امجد علي خان اعظمي متوفي 1367ھ	مكتبة المدينه كراچي
ذوق نعت	مولانا حسن رضا خان بريلوي	مكتبة المدينه كراچي

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

نيڪ نمازي بڻجڻ جي لاءِ

هر جمعرات نماز مغرب کان بعد اوهان جي علائقي ۾ ٿيندڙ دعوت اسلامي جي هفتيوار سنّتن پري اجتماع ۾ الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا جي لاءِ سُڻين سُڻين نيّتن سان سڃي رات شرڪت فرمايو.

* سنّتن جي تربيت جي لاءِ مدني قافلي ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ هر مهيني ٻي ڏينهن سفر ۾ * روزانو "فڪرِ مدينہ" جي ذريعي مدني انعامات جو رسالو پري ڪري هر مدني مهيني جي پهرين تاريخ ۾ پنهنجي ڏميدار کي جمع ڪرائڻ جو معمول بڻايو.

منهنجو مدني مقصد: "مون کي پنهنجي ۽ سڃي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي" اِنْ شَآءَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ پنهنجي اصلاح جي لاءِ "مدني انعامات" تي عمل ۽ سڃي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش جي لاءِ "مدني قافلن" ۾ سفر ڪرڻو آهي. اِنْ شَآءَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ







عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي
UAN: +92 111 25 26 92 Ext: 7213
Web: www.dawateislami.net / E-mail: translation@dawateislami.net